Scanned with CamScanner

سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ

(شاهه لطيف جو سنگيت ناس)

(تحقيق)

سرمد چانڊيو

معاون: جمن شاهه لطيفي

ڪنول پبليڪيشنز قمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

BOOK NO: (197)

• SINDHI CLASSICAL RAAG WERAAG • سنڌي ڪلاسيڪي راڳ ويراڳ

(Research) (تحقيق)

• SARMAD CHANDIO سرمد چانڊيو/معاون جمن شاه لطيفي

FIRST EDITION 2017 ڇاپو پهريون: نومبر 2017ع

ڪمپوزنگ@ٽائيٽل: عزيز قاسماڻي

All Rights Reserved

© KANWAL

Publication Kamber

ڪنول

پبليڪيشن قمبر

ملهه: 200 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پڻاڻي ڪتاب گهر، حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
سمياره پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني بڪ شاپ، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر
ٿرڪتاب گهر، مٺي - ڪرينا ڪتاب گهر، حيدرآباد
تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس- سراج بڪ اسٽور، قنبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاه لطيف جي والد بزرگوار ۽ مرشد
شاه حبيب
آخوند نور محمد ڀٽي (وائي وارو)
۽
انيس حسين شاه المعروف جمن شاه لطيفي
(موجوده راڳ ويراڳ جو اڳواڻ)
جي نالي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اداري پاران:

سنڌي ٻوليءَ جي نامورشاعر، محقق، نقاد ۽ گهڻ پاسائين ادبي شخصيت سائين سرمد چانڊيئي جو نئون تحقيقي پورهيو ''سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ'' سنڌي ٻوليءَ جي شهنشاهه شاعر شاهه لطيف جي موسيقيت بابت فن جو بنيادي تعارف ۽ تحقيقي جائزو آهي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سائين سرمد چانڊيئي ''سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ'' کي نهايت دلي محنت سان قلمبند ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي راڳ جي اتر تاريخ، جيڪا ته صديون پراڻي آهي، تان پردو هٽائي، نئين زماني جي عام و خاص پڙهندڙ جي علم ۾ اضافو ڪندي ڪين شاهه لطيف جي ڏاهي موسيقڪار هئڻ واري پاسي کان آگاهي ڏيڻ سان گڏ، پنهن جي هڪ جاڪوڙيندڙ محقق جي سڃاڻپ ٻه سگهاري ڪئي آهي.

''سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ'' ۾ شاهه لطيف جي راڳ جي ڄاڻ سان گڏ لطيفي واين جي چندوديائي علم جو به تذڪرو ڪيو آهي. جيڪو پڻ نئين سيکاريءَ جي سکڻ جو سبب آهي. سائين سرمد چانڊيو شاعريءَ جي فن جو پارکو ته آهي ئي آهي پر هن شاهه لطيف جو سنگيت نامو پيش ڪري، موسيقي جي اهم ماهري تي جامع مواد جي رونمائي ڪري، راءِ ڏياچ جي ڏيهه ۾ ان خوبصورت علم جو سگهارو اضافو ڪيو آهي. اميد آهي ته سنڌس هي پيشڪش قبول پوندي.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro-1@yahoo.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ جيئي سنڌي ٻولي

سٽاءُ

ﻫ اکر سنڌي ڪلاسيڪل موسيقي جو ابياس سرمد چانڊيو 07

- ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ 15
- سوانح عمري 32
- دوست ۽ گهٽگهرا 35
- شاهه سائين هڪ معمار 38
- موسيقي ۽ راڳ رنگ 40
- لوڪ موسيقي 41
- ارتقائي موسيقي 43

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

- ڪلاسيڪل موسيقي 44
- سرن جا ماخذ آواز 46
- تنبورو يا دنبورو 47
- راڳ ويراڳ جو بنياد 49
- سنڌ جون اول واريون سماع جون درگاهون 51
- راڳ ويراڳ ۽ منڊون 52
- راڳ ويراڳ جا سرود ۽ سمجهاڻي بحار 55
- انهارو ۽ انهاري جا راڳ 67
- سرء وارا راڳ 83
- سياري جا راڳ 101
- شاھ سائين جاهم عصر راڳي 111
- راڳ ويراڳ جا دؤر 113
- راڳ ويراڳ جو ٻيو دؤر 115
- راڳ ويراڳ جو ٽيون دؤر 117
- راڳ ويراڳ جو چوٿون دؤر 118
- راڳ ويراڳ جو پنجون دؤر 119
- راڳ ويراڳ جو ڇهون دؤر 119
- راڳ ويراڳ جو ستون دؤر 120
- راڳ ويراڳ جو اٺون دؤر 120
- راڳ ويراڳ جو نائون دؤر 122
- راڳ ويراڳ جو ڏهون دؤر 122
- راڳ ويراڳ جو يارهون دؤر 123
- راڳ وير جو ٻارهون دؤر 124
- راڳ ويراڳ جو تيرهون دؤر 125
- درگاھ ڀٽ شاھ جو بنياد وجهندڙ 128

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌي ڪلاسيڪل موسيقي جو اڀياس

اڄ ٻه ڏياتي پير، جيئڻ ڪيئڙ ڪيئڙ ڪيري ڏيگيو،
سونهاري صُبُوح سين، وڃهي ويلين ويڙ،
توکي ڇُوندو ڪيڙ، ڪيرٿ ڏاران ھڳيُو.

آرس ۽ اُونگهه ۾ تي صديُون گذري ويون. شاھ سائين جن جو ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ محقق حضرات جون واٽون نھاريندو رهيو. ڪنهن به قلم نه کنيو، دل ۾ چيم ''سرمدا!'' تون به ته ڪجهه ڪري سگهين ٿو. پوءِ پٽ شاھ تي پيرا ڏنم. سائين جمن سرڪار جن. سائين عطن سائين جن. سائين اقبال سائين جن. سائين اعجاز سائين جن جيڪا رهنمائي ڪئي. اهو پورهيو الحمدلله ساب پيو جو ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي تاريخ قلم بند ڪري ورتم. ان ساگر جهڙي اونهي عميق ۾ لهڻ سان سونهان ملي ويا. جن پنهنجي رهنمائي ڪئي، هتي صرف ان پورهئي جي لغت ڏيئي اوهان کان اجازت وٺبي، جيڪا لغت لطيف سرڪار جن راڳ ويراڳ ۾ اسان لاءِ ڏني ويا آهن.

راڳ ويراڳ = ويراڳين فقيرن جو راڳ. سنڌي ٻوليءَ جو ڪلاسيڪل راڳ، جنهن جا موجد پاڻ حضرت شاھ سائين جن آهن.

سُرودُ = تنبور تي ڳايل شاھ جو راڳ ويراڳ. جنهن جا پاڻ ست ٽيهه سُر رسالي ۾ ڏنا اٿن. سُر = ني جو. نڙ جو. تار جو آواز. سُرُ = سُرَ سان ڳائڻ جو آواز. تنبور = تنبورو. پنجن تارن وارو ساز. شاھ سائين جن راڳ ويراڳ جو ساٿاري ساز. تار = تنبوري جي وچٽ واري تندُ. لوهي تندُ. مضراب = چلِتِ. تنبور تي ضرب لڳائڻ وارو. آڱر تي چاڙهيل اوزار.

رسالو = شاھ جو سنگيت نامو. شاعريءَ جو ڪتاب. بياض. گرام = راڳ جي آواز جي رفتار جو ماپو. شاھ جي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي ٻارهن گرامن مان هڪ جو ماپو. ماڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زبان= شاهه جي هڪ گرام جو نالو. هڪ تار جو نالو جيڪو ڇوڪر جي آواز جو ماڻ آهي. ڏير زبان= ڏيمي گرام جو ماڻ. پوري زبان= پوري زبان گرام جو ماڻ. ڪيڙاڱ زبان= زبان گرام جو مٿيون سُر، يا ماڻ.

گهور= مرد جي آواز جو گرام، مرد جي آواز سان برابر راڳ جو ماپ، ماڻ، سُر. ڏير گهور=گهور گرام جو هيٺيون، ڏيمون سُر، ماڻ ماپ. پورو گهورسُر= گهورگرام جو پورو گرام، ماڻ. ڪيڙاڱ گهور= گهور گرام جو مٿيون سُر، آلاپ ۽ ماڻ

چيڙ= ڇوڪريءَ جي آواز واري تار، سُر ۽ گرام. ڏير چيڙ= چيڙ گرام جو ڏيمو، ماڻ، آواز، سُر. پورو چير گرام= چيڙ سُرَ جو پورو ماڻ. ڪيڙاڱ چيڙ= چيڙ سُرَ جو مٿيون گرام يا ماڻ.

ٽيپ= عورت جي آواز وارو سُر. مٿيون سُر. ڏير ٽيپ= ڏيمي ٽيپ گرام، پورو ٽيپ= پورو ٽيپ گرام. ڪيڙاڱِ ٽيپ=مٿيون ٽيپ گرام يا سُر.

زبان تار= ڇوڪر جي آواز واري تار.

چيڙ تار= ڇوڪريءَ جي آواز واري تارَ.

گهور تار= مرد جي آواز واري تار. جيڪا رودي يا زهه مان ٺهيل آهي.

ٽيپ تار=عورت جي آواز واري تار.

جاڙيون تارون= ڇوڪريءَ جي آواز واريون تارون. يا چنچل آواز واريون تارون.

اڏڪ تار = تنبوري جي تنبي تي آڱرين سان ٺيڪو ڏيندڙ فقير جي دستڪ.

مکيو ويراڳي= وڏو استاد ڀريان شاهه سائين جن پاڻ هئا. هيئنر سائين جمن شاهه لطيفي جن آهن.

زبان تار وارو فقير= ڇوڪر جي آواز يا گرام وڄائڻ ۽ ڳائڻ وارو فقير.

گهور تار وارو فقير= مرد جي آواز ۽ گرام وڄائڻ ۽ ڳائڻ وارو فقير.

چيڙتار وارو فقير= ڇوڪريءَ جي تار ر جائڻ ۽ ڳائڻ وارو فقير.

ٽيپ تار وارو فقير= عورت جي آواز يا سُر ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارو فقير.

اڏڪ وارو فقير= تنبي جي مٿان ٺيڪي ڏيڻ وارو فقير.

سماع= راڳ ويراڳ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويڻ= دستار، الفو. جيڪو اڪثر ڪارو يا نيرو هوندو آهي.
گيڏي= تنبور ۾ تار جي هيٺان واري ڪاٺي: جي اڙي.
تنبي، يا تنبو= تنبور جو: پورو ظرف، ڍانچو، ر ۾.
چڙتاڪ= چٽن گرامن وارو. شاهه جو راڳ ويراڳ.
ماترا= اکر، حرف، آواز.
وچت پول= شاهه سائين جن جا هر هڪ راڳ لاءِ جدا جدا پول آهن. جيئن حسيني راڳ جا وچت پول آهن! آواز! وو! اوا! وو.
حقابو= راڳ جي وچت ۽ گائڪي جو قانون. خالي گرامر صرف تون جي ميڙ. خالي گرام صرف سُرڪو هياري ۾ ايندو آهي.
بندي صرف بيان ڪيل راڳ ويراڳ جي تاريخ رقم ڪئي آهي. جيڪا درگاهه ڀٽ شاهه جي مکيه ويراڳين سائين جمن شاهه لطيفي، سائين عطا حسين شاهه لطيفي، سائين اقبال حسين لطيفي ۽ سائين اعجاز حسين لطيفي جن بيان ڪئي. سندن سچائي ۽ خلوص جو ڪاٿو ته بندو نه ٿو ڪري سگهي، جو ته سائين جن جا ڪيئي ٿورا آهن. هيءُ ڪم جيڪو ڪري سامعين حضرات لاءِ تيار ڪيم. ان سڄي پورهئي ۾ سائين جن جو خلوص ۽ پيار شامل حال رهيا آهن. ان کان علاوه سائين نثار حسين شاهه لطيفي گادي ڌڻي ڀٽ شاهه جا ٿورا ته اڻ ڳڻيا آهن. جيڪي بندو لاهي ڪين سگهيو. هڪ رهيل ڪم هو جيڪو اوهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.
هن ڪتاب کان اول شاهه سائين جن جي وائي جو فن چندوديا اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري چڪو آهي. اهو ڪم به ٽي صديون اوسٽڙي ۾ پئي هو. هڪ شاعر جي حوالي سان ڀٽ ڌڻي بادشاهه جي وائي جو فن تيار ڪري بندي پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪئي. شال مالڪ قبول ڪن. هيءُ راڳ ويراڳ جو ڪم به سندن دعائن سان تڪميل تي پهچڻ وارو آهي. ان کان سواءِ شاهه سائين جن جي بيتن جو فني سٽاءُ پڻ بندي تيار ڪري رکيو آهي.
شاهه سائين جن جو راڳ ويراڳ هڪ اجتماعي سُرن جو سنگيت نامو آهي جيڪو ڊرامائي صورت ۾ هر هڪ فقير پنهنجي آواز. فن ۽ وچت سان پيش ڪري رهيو آهي. جيڪو ايراني قوالي کان وڌيڪ اوکو ۽ معنيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خيز به آهي. سنڌي ٻوليءِ جو هڪ ڪلاسيڪل راڳ به آهي. جنهن جو مثال صرف ۽ صرف راڳ ويراڳ پاڻ آهي.

مياں محمد معين عرف ميان ٺارو هن راڳ ويراڳ جو عاشق ٻڌنڙ هو. جنهن پنهنجو دم ڏني حوال به راڳ ويراڳ ٻڌندي ٿي ڪيو هو. تاريخ جي ورق گرداني ڪندي ٻندي جيڪو ڪجهه پڙهيو ۽ پروڙيو. ته اڪ ٿلهه وارين ڪافين ته شاه حسين ماڌو لال ۽ سائين بلا شاه وٽ ملن ٿيون. پر اڪ ٿلهه وارين ڪافين کي هندستاني راڳن ۾ ڳائي. انهن جو ايمان ڪيو ٿو وڃي.

شاه سائين جن اڪ ڪافيون به سنڌي ٻوليءِ کي ڏنيون آهن ۽ اڪ سُرن جو ذڪر ۽ گائڪي به راڳ ويراڳ ۾ موجود آهي. ان مان پڙهنڊڙ حضرات اندازو ڪري وٺندا ته شاه سائين جن جو الستي فن ۽ فڪر ڪيترو بلند ۽ بالا آهي. آخر ۾ شاه سائين جن جي هڪ اڪ ٿلهه واري ڪافي ڏيڻ به ضروري سمجهان ٿو:

"دل ڪر درخت جي دستور!"

چاڙهه لڳي ڇڳا ڇتن، ميوا ۽ ٻيو ٻورا

دل ڪر درخت جي دستورا

سرتيون "شاه لطيف" چي، حاصل تن حضور

دل ڪر درخت جي دستورا

اڪ ٿلهن ۽ سُرن جو ذڪر برصغير جي ڪنهن به نقاد، گائڪ ۽ موسيقار پنهنجي طور تي ناهي ڪيو. پر ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ۾ اها گائڪي ۽ سُرن جي اُپٽار موجود آهي. جيڪا درگاه ڀٽ شاه تي هلي رهي آهي. آءُ پنهنجي ننڍڙي تخميني موجب ٻڪ سان اهو چئي سگهان ٿو. ته شاه سائين جن جي الستي ۽ لافاني ادراڪ اسان لاءِ جيڪو ورثو ڇڏيو آهي. اهو انمول ورثو آهي. جيڪو صرف ۽ صرف شاه سائين جن جي ڏين آهي.

سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ برصغير جي سيني ڪلاسيڪل راڳن، موسيقي ۽ گائڪيءَ کان جداري آهي. شاه سائين جن جي هر راڳ جا وڄت ٻول جدارا آهن. وٺس جيترا راڳ آهن، اوترا تال به موجود آهن. ان وڄت جو واحد ساز صرف تنبور آهي. راڳ ويراڳ ۾ ٻيو ڪو به ساز شامل ناهي. اهو ڪو ٺوڪ وارو ساز هجي يا تار وڄت وارو ساز هجي. يا هٿ جي ٿاپ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

وڄائڻ وارو ساز هجي. تنبور هڪ اهو انوکو ساز آهي، جنهن مان ”ني“ يعني سُر سان ساٿ ڏيڻ آوازي گهرج ۾ پوري ڪري ٿو، ته ”ٽِڪ“ جو تال وارو ڪم به ڪري ٿو.

مضارب جي ضرب يا چلت تي ڏڪ سان پهريان لئي ۽ تال وارو ڪم ڪري ٿو، پوءِ ني جي مدد سان آوازن جي ساٿ سان هلي ٿو. اهڙي نموني ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ اڪيلي ساز تنبور کي ساٿاري بنائي ڳايو وڃي ٿو.

شاهه سائين جن جي رسالي گنج ۾ ستيهه راڳ آهن. ايئن انهن راڳن جا وچت پول پيا پيا آهن. انهن جا تال جدا هجڻ ڪري انهن راڳن جو راڳداري انداز به پيو پيو پنجي پڌڻ ۾ اچي ٿو. راڳداري اصولن موجب تال وچت جو بدلاءُ ٿي سُرن ۽ آواز جي بدلائڻ جو پهريون قانون آهي. جيئن اوهين ڪنهن به شعر جو وزن بدلائي سڄي گائڪي بدلائي سگهو ٿا.

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو سڄو ٿهلاءُ ان وچت پولن جي آڌار تي ٽيندو آهي. جيئن سُر بروي جاهي وچت پول آهن: او ميان! لا لا لا ميان! ”او ميان“! ڏير زبان واري گرام جي وچت آهي. اهو گرام ڇنو ڪري وڃائي پوءِ لا لا لا ميان کي آلاپي وڄائي ڪيڙاڳ ٽيپ گرام کي واضع ڪبو. ان سڄي ٿهلاءُ يعني سُرن ۽ آواز جي ڇيڙ ڪري، تال ۽ وچت کي ڇنو ڪري پوءِ راڳ جي پڌرائي ڪبي! ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي پڌرائي موضوعاتي آهي! شاهه سائين جن جي راڳ ويراڳ جي ڪلاسيڪيت بيتن تي آڌاريل آهي. اها ڪنهن فرضي سُر آلاپ جي اندر لڪل پنهان نه آهي. جو ته راڳ ويراڳ ڪنهن بادشاهي دربار جو راڳ ناهي جو صرف بادشاهه سلامت ۽ ان جا گهٽگهرا يا گويا ان کي سمجهن. هي سڄي سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ جو سنگيت نامو آهي. تنهن ڪري شاهه سائين جن بيتن ۽ ڏوهيڙن کي ڪلاسيفڪيشن جو سبب ۽ درجو ڏيئي راڳ جي پڌرائي ڪئي آهي.

ڄاڪي وڃي ڇو؟ پيلي پيتِن جو ٿيين،
وَٽُ ڪُنجَڪ ڪرير جي، جَڳ جو والي جو،
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

ايئن جنهن راڳ جي پڌرائي ڪبي، ان داستان جا ڏوهيڙا، يا بيت ڏيا، ته جيئن راڳ ظاهر ٿئي. بيت ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي پڌرائيءَ لاءِ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تهان پوءِ وڃي ڳائبي. راڳ جا وچت پول. ڏوهيڙا سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي ڦهلاءَ ۽ پڌرائي جا ٻه جدا جدا قانوني پاسا آهن. پوءِ وڃي جو جدارو ڦن آهي. جيڪو هڪ ناٽڪ مثال آهي. مڪيو ويراڳي فقير جي پوريان. هر هڪ فقير پنهنجي پنهنجي سُر سان وڃي ڳائيندو. زبان تار وارو فقير هڪ نابالغ ڇوڪر جي آواز کي پڌرو ڪندو. ڇيڙ جي تار ۽ ارو فقير هڪ نابالغ ڇوڪريءَ جي سُر کي آلاپيندو. لٽين گهور تار وارو فقير مرد جي آواز ۽ آلاپ جو استعمال ڪندو. لٽين ٽيپ تار وارو فقير عورت جي آواز ۽ آلاپ جو مظاهرو ڪندو. حقيقت ۾ ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ هڪ سنگيت ناٽڪ جو نالو آهي. جنهن جو مثال سڄي دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. هيءُ راڳ ڪنهن مارڳي راڳ جيان به ناهي. جو ته مارڳي راڳن ۾ سنت ۽ ساڌو گڏجي ضرور ڳائيندا آهن. پر انهن ۾ وت هر هڪ فرد جو جدارو انداز ناهي. قواليءَ ۾ به ساڳيوئي مارڳي طريقو آهي. ڪوبه قوال پنهنجو سُر ۽ آلاپ ناهي بدلائيندو. سڄي دنيا ۾ سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ئي منفرد ڳائڪي جو اعليٰ نمونو آهي. جيڪو انساني چئن آوازن جي نمائندگي وارو راڳ آهي. جنهن جا ماخذ آواز انساني آواز آهن. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ڪو به سُر جانورن جي آوازن مان اخذ ٿيل ناهي. سڄي دنيا ۾ جيڪڏهن انساني آوازن ۽ آلاپن جو نمائندو راڳ آهي. ته اهو ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ آهي. جنهن جا مؤجد حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن آهن.

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو سمجهڻ ڏاڍو آسان آهي. اوهين ڏيان سان ڏوهيڙا ۽ بيت ٻڌي سمجهي ويندا ته ويراڳي فقير ڪهڙو سُر ۽ راڳ ڳائي رهيا آهن؟

ڏاري پوليءَ جا گهڻا وري وچت پولن جي آڌار تي سمجهڻ ته ويراڳي فقير ڪهڙي تال ۽ ترنم کي ڳائي رهيا آهن. اها ته هئي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي سهڻي صورت. وري راڳ ويراڳ جي سهڻي سيرت جداري آهي. شاهه سائين جن اشلوڪن، سورٺن، دوهن، يا مارڳي شبدن کان هٽي ڪري پنهنجي راڳ ويراڳ جي پڌرائي ولرن شعرن کي بيت سڏيو آهي. لٽين برصغير جي آڳاٽن شاعريءَ جي اسمن، پيچن، ٺمري، گيت کان هٽي ڪري پنهنجي ڳائڻ واري شاعريءَ کي وڃي سڏيو آهي. جو ته انسان جي چئني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آوازن جا آلاپ راڳ ويراڳ جي زينت آهن. اها ڪلاسيفڪيشن يا ڪلاسيڪيت وري ايا جداري آهي. جيئن برصغير جي صوفي حضرات پنهنجي ڪلام کي ڪافي سڏي مارڳي صنفن کان جدا ڪيو. پر شاھ سائين جن پنهنجي ڪلام کي وائي؛ جو نالو ڏنو. ''وائي سڻائي ڪجي'' جو پراڻو محاورو به انساني ڳالهه ٻول جو اعليٰ ترين مثال آهي. موسيقي جيڪا پين لوڪن وٽ موجود آهي. اها گهڻ طرفي ضرور آهي. پنهنجي اتهن سان پيٽ به ناهي.

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا سمورا راڳ راڳ ئي آهن. پنهنجا سمورا سُرَ. سُرَئي آهن. ڪاٻه راڳڻي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ۾ شامل ناهي. ڪاٻه سُرتي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي سرن ۾ شامل ناهي. اها به پنهنجي راڳ ويراڳ جي ڪلاسيڪيت آهي.

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا راڳ ڇٽن ڇٽن گرامن ۾ به ڳائبا آهن. ٽن ٽن گرامن وارا راڳ به رسالي جي زينت آهن. ٻن ٻن گرامن وارا راڳ به ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ڇٽُ آهن. ايئن هڪ هڪ گرام وارا راڳ به راڳ ويراڳ جو روح آهن . جيئن ڪلياڻ، جمن ڪلياڻ، ڪنيات، ڏناسري وغيره.

شڪر الحمد الله راڳ ويراڳ. شاھ سائين جن جنهن پيار ۽ پاپوهه وچان، اسان لاءِ رچي هڪ ڪلاسيڪل سنگيت نامي جي ـ سورت ۾ ڏنو هو. ان جو راڳداري وارو ڪم. هاڻوڪي پيٽ شاھ جي مکيه ويراڳي، سرڪار جمن سائين جن جي مدد ۽ رهبري ۾ تيار ڪري، دلي ۽ روحاني سڪون پاتو آهي. هن روحاني ڪم ۾ ڇاڻي واڻي ڪا به غلطي ڪاڻ ڪئي آهي، پر ڪٿي نه ڪٿي ڪي ننڍيون يا وڏيون چڪون ضرور پيون هونديون. ان لاءِ آئون سرڪار پٽ ڌڻي جي سمورن سادات حضرات کان درگذر ۽ دعا جو طالب آهيان. هن ناچيز بندي عبادت سمجهي، پنهنجي مرشد سائين ذوالفقار علي شاھ جن جي دعائن سان. هي محنت ۽ عرق ريزيءَ وارو ڪم خير سان ارهان تائين پهچايو آهي. هي علمي ذخيرو پنهنجن پيارن مرشد سائين جن، سائين ميرل سائين جن ۽ سائين نورل سائين جن جي اولاد ۽ آل جي دعائن جو ڦل آهي. جيڪو علمي خزانو هن وقت تائين ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي هو. اهو خزانو سائين جمن سرڪار جن جي مبارڪ معلومات سان تاري ٻاهر آندو آهي. هي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خزانو شاهه سائين جن جي رسالي جي پيڙهي سان پاهر ڪڍڻ جو جيڪو ڪم ٿيو، اهو خير برڪت سان پاهر آڻڻ تي جيڪو روحاني سڪون حاصل ٿيو آهي. اها منهنجي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي. آئون دعائن جو طالب آهيان. سائين اقبال شاهه جن وٽان، جن سدائين مهر نظر ڪئي آهي. آئون دعائن جو طالب آهيان سائين عطا حسين شاهه، عطن سائين جن وٽان، جن هن بندي کي هر گهڙي همٿايو ۽ دعائون ڏنيون. آئون دعائن جو طالب آهيان سائين اعجاز حسين شاهه جن وٽان، جن سدائين پنهنجو بابرڪت ساٿ ڏنو. آئون دعائون جو بي انتها طالب آهيان هاڻوڪي ڀٽ شاهه جي ڀٽ ڌڻي سائين نثار حسين لطيفي جي وٽان. جيڪي اڳهاڻي ترٽي سگهائي جي حالت ۾ پنهنجي نوراني ديدار سان نوازيندا آهن. ناڪارن کي نوازڻ سندن شاهنشاهي شيوو آهي. لک شڪرانا ڀٽ ڌڻي جن جا، جن هن ناچيز کي ناتو مان ڪجهه ٻنايو آهي. ساداتي سخا جو ونڊ ڏنو آهي

هي ڪتاب اڄوڪي ڀاڳوءَ اڄ تاريخ اٺاريهين نومبر ٻه هزار ڏهه عيسوي مطابق ايڪويهين ذوالحج چوڏهن سو ايڪٽيهه هجري تي لکي پورو ڪيم. پوئين ڪم لاءِ دعاگو آهيان ته ڏاتر سگهه ڏئي ته جلد کان جلد پورو ڪري وٺان.

سنڌي پرليءَ ۽ سنڌي راڳ جي هيءَ اتم درجي واري تاريخ تي صديون پراڻي آهي، جيڪا درگاهه ڀٽ شاهه جي فقيرن سينا ٻه سينا سانڍي رکي هئي. بندي صرف ڀٽ شاهه تي پيرا ڪري سائين جمن سرڪار، سائين عطن سائين، سائين اقبال سائين، سائين اعجاز سائين جن کان اهي سبق پراڻي قلم بند ڪيا آهن. هيءَ وڏو ڪم هو ان ۾ ضرور بندي کان ڪوتاهيون به سرزد ٿيون هونديون، ان لاءِ آئون معافي جو طالب آهيان.

ٿورائتو ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

سرمد چانڊيو

ميراڻي محلو -لاڙڪاڻو

11-10-2017ع

Cell: 03344857766

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ

شاهه عبداللطيف جي رستن (طريقن) عادتن جي بيان ڪندي اسان کي (سنڌس) هڪڙي ونڊر وٺي آهي، اها هيءَ آهي تہ شاهه صاحب کي راڳ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ راڳ مان ڏاڍي لذت ايندي هيس، اهڙو موهجي ويندو هو، جو پاڻهنجو سماءُ بہ ڪين پوندو هوس، بلڪ هڪ ٿي ويندو هو، جيابر تہ راڳ تي هئس، پر موت بہ راڳ تي آيس. سڄي ڄمار پر هن کي اها ونڊر هوندي هئي، جو پاڻ جيڏا بہ ٿي جٿا ڳڏ ڪري ريهي ڳائيندو هو ۽ سرود وڄائيندو هو.[1]

سرود هميشہ نہ وڄائيندا هئا. پر وقتي ذوق شوق ۽ عروج مهل وڄائيندا هئا. انهي ورڏينهن مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو ٺٽوي، اولياءِ صاحب جو معتقد ٿيو، هڪ ٻئي سان ڏاڍي پريت ٿي وين. شاهه صاحباڪثر سنڌس ملاقات واسطي ٺٽي ويندا هئا. جنهن واقت مخدوم ٺاري وفات ڪئي، حضرت اولياءُ صاحب سنڌن جنازي تي مڪلي مقام تي پهتو. جئين تحفة الڪرام ڪتاب پر آهي تہ، شاهه صاحب، مخدوم ٺاري جي وفات وقت اتي هو. ان ڪان پوءِ فرمايائون تہ، دوست ڪان پوءِ ٺٽي نہ اچبو.[2]

علامہ صاحب باوجود محدث ۽ نقشبندي هئڻ جي بہ راڳ ۽ سرود جي مجلس پر ويهندو ۽ ٻڌندو هو. هو وڏي پائي جو شاعر هو ۽ سنڌس تخلص فارسي پر "تسليم" ۽ هندي پر "بيراڳي" هو. سنڌن تصنيفون گهڻيون آهن. آخري عمر پر گوشہ نشين ٿي، وقت گذارڻ لڳو ۽ پنهنجو وقت راڳ ٻڌڻ، غور ۽ فڪر ڪرڻ پر صرف ڪرڻ لڳو. وفات بہ راڳ ٻڌندي ڪيائين، سنڌن وفات مهل بہ شاهه عبداللطيف حاضر هو.[3]

شاهه ۱۷۴۲ع داري ڀٽ شاهه تي راڳ جو ادارو قائم ڪيو ۽ ان سلسلي پر هن نئون ساز ايجاد ڪيو. تمر فقير کي ان جو اڳواڻ مقرر ڪري هڪ جماعت

---

[1] حوالو احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي، (شمس العلماءُ) مرزا قليچ بيگ، صہ ۲۹ ڇاپو پنجون ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه ضلع حيدرآباد

[2] لطائف لطيفي، مير عبدالحسين سانگي (مترجم) عبدالرسول قادري بلوچ، ڇاپو ٻهريون صہ ۳۹

[3] پيغام لطيف، جي ايم سيد ڇاپو چوٿون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ناميائين. جيڪا راڳ بابت سرچ ويچار ڪندي هئي، ان اداري ڪل ٣٦ راڳڻيون چونڊيون. جن مان ٣٠ راڳڻيون شاهه جي پنهنجي شعرن لاءِ ۽ ٦ راڳڻيون ٻين شعرن لاءِ مخصوص ڪيون.

اصلي عربي ايراني موسيقي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هن ٣٦ راڳڻين ۾ ''يمن'' ۽ ''حسيني'' سُرن کي شامل ڪيو. باقي ٣٤ راڳڻين مان ١٧ هندستاني ڪلاسيڪي موسيقي مان ۽ ١٧ عام مقبول ديسي ڌنن مان انتخاب هيٺ آنديون ويون.

ڪلاسيڪي موسيقي مان

١. ڪليان
٢. کنڀات
٣. سري راڳ
٤. سهڻي
٥. سارنگ
٦. ڪيڏارو
٧. ديسي
٨. سورٺ
٩. پرڀو هندي
١٠. پرڀو سنڌي
١١. رام ڪلي
١٢. بلاول
١٣. آسا
١٤. ڌنا سري
١٥. پوربي
١٦. ڪاموڏ
١٧. بسنت.

عوامي موسيقي جي ڌنن مان شاهه جيڪي راڳڻيون چونڊيون اُهي هي آهن. ١ -سامونڊي، ٢ -آبري، ٣ -معذوري، ٤ -ڪوهياري، ٥- راڻو، ٦- کاهوڙي، ٧-رپ، ٨- ليلا، ٩ -ڏهر، ١٠- ڪاپائتي، ١١ -ٻروچي، ١٢- گهاتو -١٣ - ڪيڏارو، ١٤ -مارئي، ١٦ -هير ۽ ١٧- ڪارايل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهن ايترين سارين راڳڻين جيڪي عوامي موسيقي تان ڪنيون ويون، تن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ادارا ڪم ڪن. انهن مان ڪجهه راڳڻيون اسان ڪان گم ٿي ويون آهن، ڪي وسري ويو آهن. ضرورت آهي تہ انهن سترهن راڳڻين جو گهرو مطالعو ڪيو وڃي.[۴]

مخدوم محمد معين سماع جو شائق ۽ شاهہ جي راڳ تي عاشق هو. ايتري قدر جو آخر حياتي ۾ بہ "شاهہ جو راڳ" ٻڌندي مٿس حال پئجي ويو. جنهن ۾ دم ڏنائين. مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت اهو واقعو هيٺين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

پٽ تي شاهہ صاحب پنهنجن فقيرن کي چيو تہ: اچو تہ پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪرڻ هلون. لڳين چٽي لٽي ۾ (مخدوم محمد معين وٽ آيو ۽ اتي) راڳ جي صحبت (محفل) ڪيائين. جنهن ۾ مخدوم (محمد معين) پڻ شامل ٿيو. محفل جي عين گرمي ۽ ذوق واري وقت هو اٿي اندر ويو ۽ ٿوري دير ۾ دم ڏنائين. سيد موصوف (شاهہ عبداللطيف) جناري ۾ شموليت بعد پٽ ڏانهن موٽندي چيو: تہ ٺٽي ۾ اچڻ سندن ڪري ٿي ٿيندو هو. هاڻي ڪانئس پورو ختم.

آخر عمر ۾ (مخدوم معين) بہ قدرة العارفين شاهہ عبداللطيف جي خدمت ۾ وڏي ارادي ۽ اخلاص وارو ٿيو. شاهہ موصوف کي بہ ٺٽي سندس جي صحبت نهايت وڻي وئي ۽ سندس ملڻ خا' ـ هو ٺٽي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. مخدوم جي (حياتي جي) آخري ڏينهن ۾ شاهہ موصوف آيو ۽ اچي راڳ جي صحبت (محفل) ڪرايائين. ايتري قدر جو جان ڏيڻ کان ـ ا, چارو ڪونہ رهيو (جڏهن) سندس جنازو مڪلي ڏانهن پئي نيائون تہ سيد (ش ـ عبداللطيف) پڻ پريان ڪانڌي ٿي پئي هليو......... شاهہ عبداللطيف جنازي سان ڪانڌي ٿيڻ بعد موٽندي پنهنجي ڪرامت ڀري زبان سان چيو تہ : ٺٽي ۾ پنهنجي يار جي الوداع خاطر مي اسان جو آخري ڀيرو اچڻ ٿيو.[۵]

هاڻي شاهہ صاحب جڏهن پٽ تي ماڳائتو مقيم ٿيو تہ راڳ پڻ هر جمعي جي رات باقاعدگي سان ٿيڻ لڳو. جنهن جي ڪري پٽ سندن مريدن ۽

---

۴. تحفة الڪرام، جلد ۳، مطبوع دهلي
۵. سنگيت سنسار (فرهنگ موسيقي) سيد حاڪم علي شاهہ بخاري، محمد عثمان ميمڻ، سنڌي لئنگريج اٿارٽي ص ۱۴۳.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

معتقدن تورڙي پين عام مراد وندن جو مرڪز بڻي. راڳ ٿورو گهڻو اڳ به فقير ڪندا هئا. پر ١١٤٢ھ شاھ حبيب جي وفات کان پوءِ فقيرن راڳ تي گهڻو ڌيان ڏنو هو. ان کان پوءِ واري سورهن سالن جي عرصي ۾ راڳائي فقيرن وڏي سمجهه ۽ سوز سان شاھ صاحب جا بيت ۽ وايون ڳائڻ لڳا. اهڙي توجهه سان"شاھ جو راڳ"جڻ هڪ اعليٰ ادارو بڻجي ويو. راڳائي فقير به راڳ ۾ وڏي ڄاڻ وارا ٿي ويا. تمر فقير راڳ جو اڳواڻ هو ۽ سيد تقي شاھ فقير، هاشم علي فقير ريحاڻ پوٽو ۽ ٻيا سنڌس اڳواٽي هيٺ راڳ ڪندا هئا. سيني راڳاين فقيرن وٽ هاٿي دنبورا هئا ۽ جڏهن ته هر جمعي رات "شاھ جو راڳ" خود شاھ صاحب جي حاضري ۾ ٿيڻ لڳو، تنهن ڪري فقيرن جي "راڳ واري سڏ" ۾ وڏو درد ۽ اثر پيدا ٿيو. جنهن جو غوغاءُ پري پري تائين وڃي پهتو.[6]

لات جا لطيف جي سڏ تنهنجو سچي.

انهيءَ ڪري اسان تلاش ڪئي ۽ بالاخر ٽي اهڙا قلمي رسالا ڳولي هٿ ڪيا. جيڪي ٽرمپ واري ڇاپي کان به ١٢-١٣ سال اڳ جا هئا. يعني ١٣٦٩ھ ۽ ١٢٧٠ھ واري سالن جا لکيل هئا. انهن سالن ۾، مائي مليائي نعمت هڪ رسالو ٢٨ جمال الثاني سن ١٢٧٠ھ ۾ مير نور محمد خان جي ديري لاءِ لکيو. جيڪو پڻ "سرڪلياڻ" سان شروع ٿئي ٿو. اهي قلمي رسالا ٽالپورن جي دؤر جي پڇاڙي کان ١١ سال کن پوءِ جا لکيل آهن. پر وڌيڪ ڳولا سان شايد ايا به اڳ جا ڪي لکيل رسالا دستياب ٿي سگهن. مائي ملي نعمت جي لکيل رسالي بابت ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم لکيو اهي ته نسخو مائي ملي ڪنهن قديم نسخي تان اتاري پورو ڪيو. مائي ملي نعمت واري رسالي تورڙي مٿي ڄاڻايل ٽن رسالن جي شروعات "سرڪلياڻ" سان ٿي. انهن رسالن ۾ هڪ ته سر سڀئي بدران سڀئي جي مضمون وارا پنج جدا جدا سُر فصلن يا داستانن ۾ ورهيل آهن. جڏهن ته اسان وٽ ١٢٣٩ھ جو لکيل رسالو، انهيءَ نئين ترتيب مطابق ١٣٦٩ھ کان اڳ قائم ٿي. وڌيڪ تحقيق مان معلوم ٿيو ته سنه ١٢٥٠ھ رسالو نئين سر راڳنامي" جي صورت ۾ مرتب ٿيو.[7]

---

[6] شاھ جو رسالو. شاھ جو ڪلام. جلد پهريون محقق شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. مقدمو ص ٦
[7] سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ - تحقيق ۽ تصنيف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پهرين حوالي مان معلوم ٿو ٿئي ته شاهه جن سڄي جمار مان مراد جواني ۽ آخري دم تائين راڳ ويراڳ ۾ مصروف رهيا. بقول مرزا قليچ بيگ.

ٻئي حوالي مان خبر پئي ته شاهه سائين جو ذوق ۽ شوق راڳ ويراڳ ۽ سرود سان هو. بقول مير عبدالحسين سانگي.

ٽئين حوالي مان معلوم ٿيو ته مخدوم محمد معين به شاهه سائين جن جي مزاج جا ماڻهو هئا ۽ راڳ ۽ سرود جي مجلسن ۾ ويهندا به ها ته ٻڌندا به هئا. بقول سائين جي ايم سيد.

چوٿين حوالي مان معلوم ٿيو ته شاهه سائين ڇتيهه راڳڻيون چونڊي پنهنجي موسيقي جي اداري جو ڪم شروع ڪرايو. بقول سائين حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محمد عثمان ميمڻ.

پنجين حوالي مان معلوم ٿيو ته شاهه سائين جن ڪيترين ئي راڳ ويراڳ جون محفليون پين جاين کان علاوه ٺٽي نگر ۾ ڪري چڪا هئا. اها آخري محفل هئي ٺٽي ۾ جو مخدوم محمد معين تي ويراڳ ٻڌندي حال پئجي ويو. جو پاڻ وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي جي حوالي ٿيو. بقول مير علي شير قانع ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

ڇهين حوالي مان معلوم ٿيو ته ١٢٠٦هه ١٢٥٠هه ۽ ١٢٦٩هه وارا رسالا راڳ نامي جي صورت وارا ها. پر ١٢٥٠هه ۾ راڳنامي وارو رسالو ترتيب ڏنو ويو. بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

انهن حوالاجات جي آڌار تي بندي شاه سائين جن کي راڳي ۽ موسيقار سڏيو آهي. جن جي عمر ٻارهه سال ٻڌائي آهي. ان حوالاجات جي آڌار تي بندي شاهه جي رسالي کي سنگيت نامو سڏيو آهي. هڪ سوال هو ته: شاهه سائين جن جو راڳ ويراڳ ڪهڙي هندومت جي بنيادن تي تيار ڪيو ويو.

آئين اڪبري جلد ٻئي جي ص ٢٢٠ تي علامه ابوالفضل. شيخ مبارڪ لکيو آهي ته "ڪافي سنڌي راڳ آهي" جڏهن ڪافي راڳ جو بنياد ئي ڪنهن هندومت جي راڳ تي آهي. ڏاڍو ڏکيو سوال آهي!

هندومت جي سيني سرن جو بنياد يا سرگم، هفتي جي ستن ڏينهن تي آهي. ڪرج سومر جي ڏينهن وارو سرُ آهي، رکب اربع جي ڏينهن وارو سر آهي. گنڌار جمع جي ڏنهن وارو سر آهي. مڌم آچر جي ڏينهن وارو سر آهي. پنچم اڱاري جي ڏينهن وارو سر آهي. ڌيوت خمس جي ڏينهن وارو سر آهي. نکاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چنهي جي ڏينهن وارو سر آهي. هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن جي ٿالي سان منسوب ڪري سر ترتيب ڏنا ويا آهن. ان عمل کي ترتيب چئجي يا نه چئجي؟ اهو جدا بحث آهي. هندومت جي سنگيت جا ٽي سپتڪ آهن. جن کي ڪيپي کان مندر سپتڪ وچ ۾ مڌر سپتڪ ۽ آخري تار سپتڪ آهي. هر هڪ سپتڪ جا ٻه پاڳا آهن اول سر گرم آهي ۽ آخر ۾ پڇنيسا آهي.

هندومت جي راڳن کي. گهراڻن، ذاتين ۽ ٺٽين کان نارٿن دلس پيٽ ڪندي جدا ڪري ڏهن ٺاٽن ۾ ورهايو. اڄا ڀ ڀندو فخر سان ڳالهه ڪري سگهي ٿو ته هندستاني سنگيت کي شاهه سائين جي سنگيت ناس شاهه جي رسالي جيان ڪلياڻ ٺاٺ سان شروع ڪيو ويو. ڪالي راڳ جيڪو ڪنهن خاص درجي تي نه هو. ان کي ٺاٺ جي صورت ۾ آخر ۾ آندو ويو. هن ناچيز جي خيال ۾ ته هندستاني سنگيت اسان جي ٿورڦتي آهي. هندستاني پراڻي ڪنهن ٻه سنگيت ناس ۾ ڪلياڻ راڳ پهرين. اول درجي جي راڳن ۾ نظر نه ٿو اچي. جيڪو نظريو پنهنجي سر زمين تي رد ٿي چڪو يا متروڪ ٿيو. ان تي بحث جي گنجائش نظر نه ٿي اچي.

شاهه سائين جن جو ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ايراني ۽ عراقي گهڻن سرن وارن راڳن سان مشابهت رکي ٿو. بندي جو دوست، استاد اياز حسين ابڙو جڏهن ايراني ساز دلربا تي شاهه سائين جن جي سر حسيني مان وڄي پڏائيندو هو ته بدن مان سيسرات نڪري ويندا هئا. دلربا ساز ٻارهن سرن ۽ تارن وارو ساز آهي. ان مان معلوم ٿيو ته شاهه سائين جن جو راڳ ويراڳ ايراني ۽ عراقي گهڻن سرن وارن راڳن جي بلڪل ويجهو آهي.

شاهه سائين پنهنجي راڳ ويراڳ جو بنياد سال جي ٻارهن مهينن تي رکيو. راڳ جي گرامن کي مهيني جي چئن هفتن تي رکيو. شاهه سائين جن جي راڳ جو هر گرام ٽن سرن تي آڌاريل آهي. ان مان معلوم ٿيو ته شاهه سائين ڪنهن هندومت جي مول راڳ کان متاثر نه هو. جڏهن ته ساڳي هندستاني سنگيت جو گائڪ مدن فقير سائنس گڏ رهيو. شاهه سائين جن جو ساز تنبورو سنگيت جي ساڻاري سازن کان مختلف آهي. ڪٿين چئجي ته شاهه سائينءَ جو راڳ ويراڳ، ڪرشن مت، هنرمان مت يا مهاديو مت جي راڳن جي ويجهو آهي، جڏهن ته راڳ ويراڳ جي ورڇ ۾ گهڻي جداري آهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هاڻي شاھ سائين جن جي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي ڳرامن جو نقشو ڏسو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

٤ ٽيپ گرام	ڪيڙاڪ ٽيپ سر
	پورو ٽيپ سر
	ڌيم ٽيپ سر
٣ چيز گرام	ڪيڙاڪ چيز سر
	پورو چيز سر
	ڌيم چيز سر
٢ گهور گرام	ڪيڙاڪ گهور سر
	پورو گهور سر
	ڌيم گهور سر
١ زبان گرام	ڪيڙاڪ زبان سر
	پورو زبان سر
	ڌيم زبان سر

هي آهن راڳ ويراڳ جا گرلر. جيڪي هڪ ڏاڪڻ جي صورت ۾ ڏنا ويا آهن. صوفياء ڪرامر وٽ انساني حيات جا مکيه چار عنصر آهن. هوا، باهه، پاڻي، مٽي. هوا مان مراد انساني بولي ۽ هي سموري چرپر آهي. باهه مان مراد توانائي ۽ بينائي واري سگهه آهي. پاڻيءَ مان مراد نرمي ۽ سختي جو پورو توازن آهي. مٽي مان مراد اصليت ۽ سرير آهي.

صوفيءَ ڪان ودِيڪ سرّ جي وضاحت ڪير ڪري سگهندو. هوا رڳو روح ۽ ساهه جو نالو ناهي. هوا پولي، سماعت، آرام، رقص، سر ۽ گائڪي جو سڄو نظام پاڻ ۾ ڍڪي رکيو آهي. انهن چئني عنصرن بابت هڪ نظرياتي انسان کان وڌيڪ علم هوندو ته اهو ڪنهن ماهر سرجن ڊاڪٽر وٽ هوندو. سر هڪ سيڪنڊ يا دم کان ٽن سيڪنڊن ۽ ڏهن تائين آهن. جن جا قسم ۽ چرپر شاهه سائين جن پنهنجي سرن ۽ گرامن ۾ پڌرا ڪيا آهن. سر اڪ چنبي جو نالو آهي. ساهه ڪڍڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ جو نالو آهي. ٽڪ جي صورت ۾ ماٺهو ساهه ڏکهو ڪري اندر موڪليندو ۽ تڪڙو ٻاهر اڇليندو. مايوسي جي صورت ۾ پورو پنو ساهه ڪڻندو ۽ ڏکهو ڪري ٻاهر ڪڍندو ۽ تڪڙو ٻاهر اڇليندو. مايوسي جي صورت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پورو پنو ساهه کڻندو ۽ ڏکيو ڪري ٻاهر ڪڍندو. وڏي ڪان وڏو سر مايوس ماڻهو جي شوڪاري جيڏو آهي.

سرن جي ماخذ آواز جي سلسلي ۾ دنيا جي سنگيت ڪارن خارجي آوازن کي ماخذ بنايو آهي. جڏهن ته شاهه سائين جن داخلي آوازن کي سرن جو ماخذ بنايو آهي. مرد ۽ عورت جا آواز گهور ۽ ٽيپ سرن جا ماخذ آواز آهن. انهن جي آواز ۾ کهڙو ۽ ڪيترو فرق آهي؟ جيترو بينن يا الگوزي جي نر ۽ مادي جي سرن ۾ آهي يا ائين چئون ته جيترو مرليءَ جي بينن، نر ۽ ماديءَ جي سرن ۾ فرق آهي يا ائين چئون ته جيترو ڍولڪ جي ڏامي ۽ تالي جي ٺيڪن ۾ فرق آهي. پلا چوڪرَ ۽ چوڪريءَ جي آواز ۾ کهڙو ۽ ڪيترو فرق آهي؟ جيترو بوٽينڊي ۽ بانسري جي سرن ۾ فرق آهي. بانسري جي ڇهن سوراخن کي ٽي نر واچي لاءِ ۽ هيٺيان ٽي سوراخ مادي واچي لاءِ هوندا آهن. هتي بندو مادي واچي وارن سرن جي ڳالهه ٿو ڪري يا جيئن نڙ ۽ شهناءِ جي مادي سرن جو ذڪر آهي. يا جيئن يڪتاري ۽ چپرن جي ليڪن ۾ فرق آهي. بندو سمجهي ٿو ته چوڪرَ ۽ چوڪريءَ جي آوازن وارا ماخذ سرن. زبان ۽ چيڙ جو بيان ٻه پورو ٿيو.

لوڪ موسيقي جي سلسلي ۾ بندو صرف ائين ئي چوندو ته سهرو، دهل ۽ جهمر پوري لوڪ موسيقي جو نالو آهي. جنهن ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ رقص شامل آهن.

ارتقائي موسيقي ۾ سماع. گهڙي جي وڄت ۽ جماعت جا وجد وارا ٽيرا ارتقائي موسيقي کي پڌرو ڪن ٿا. ميلن ۾ ڪافي جي ڳائڪي، يڪتاري ۽ چپڙن جي وڄت ۽ صوفين جي وجد واري رقصاني حالت يا نڙ جو ناچ ڳائڻ ٻه ارتقائي موسيقي جو نالو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لطيف تال

1. هن تال جو موجد حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة آھي. ھي تال طبلي پکاوج يا وڄت وارن سازن جو نہ آھي، پر فقط دنبوري تي وڄايو ويندو آھي. ھي تال اھو آھي جنھن جي وزن سان حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون سڀ رايون ماھي سگھجن ٿيون. ھي تال لفظ الله تان ورتل آھي. ھن

لا	ل ا	ال	اکر
1	2	2	ماترائون

تال جون ٽي ضربون آھن ۽ پنج ماترائون آھن. جيئن ھن طرح آھي. (٨)

سنڌي راڳ ۽ تال سيد منظور نقوي "ھر رنگ" ص ٧٩

2. شاھ جو تنبور

ھي ساز تنبوريءَ کان ڊيگھہ ۽ ويڪر ۾ وڏو ٿيندو آھي. ھن ساز ۾ پنج تارون لڳل ھونديون آھن. جن کي وڄايو ويندو آھي. باقي تنبور جي ساخت ٻہ شڪر ۽ ڏانڊي تي مشتمل ھوندو آھي. ھي ساز ٻہ لئي جي ڪم ايندو آھي. ھن ساز مان ھر راڳ يا راڳڻي پيدا نہ ڪري سگھبي آھي. ھي ساز فقط لطيف سائين جي راڳ ۾ ڪم ايندو آھي.

سنڌي راڳ ۽ تال سيد منظور نقوي "ھر رنگ" ص ٨٨

3. تنبور: طنبور(ساز)

شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ايجاد آھي ۽ سنڌس دؤر کان پوءِ سنڌس ڳائڻ، فقيرن ۽ ٻين موسيقارن وٽ استعمال ۾ آھي. غالباً ھي ساز شاھ صاحب عربي ۽ ايراني موسيقي کان متاثر ٿي ايجاد ڪيو. طنبور، تانپوري رانگر آھي. جيڪو مصرين جي ايجاد آھي، پر عالم چون ٿا دنبوري کي وڏاٽي پيش ڪيو ويو آھي. جنھن ۾ اڳي ٽي تارون ھيون. شاھ صاحب ھن دنبوري جي جسامت وڏاٽي انھن ۾ تارن جو تعداد پنج ڪري ڇڏيو. برصغير ۾ ڇھن تارن وارو ساز چوتارو بہ موجود آھي. جيڪو گلوڪار جي آواز کي لس ڏيڻ لا، ڪم ايندو آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهه صاحب هن ۾ پنجين تار جو اضافو ڪيو ۽ بجاءِ ان ڪي صرف ساز جي لئي لاءِ اهڙي نموني بڻايو جو تال جو ڪم به ڏيڻ لڳو. هن جي پنجن تارن جي ورهاست هن نموني ڪئي ويئي آهي. پهرين تار ڪي گهور چيو ويندو آهي. ان ڪي مدّر اسٿان جي کرج سان ملايو ويو. ان ڪان پوءِ ٻن تارن ڪي جاڙين چيو ويندو آهي. انهن مان مدّر اسٿان جي کرج نڪرندي آهي. چوٿين تار ڪي زبان چيو ويندو آهي، جنهن مان مدّر اسٿان جو پنچم سُر ڪڍيو ويندو آهي. پنجين تار "سٿا" تي نڪرندي آهي. اها لطيف سرڪار جي ايجاد هئي. ان طرح اهو للڊو ٿيو جو ڳائيندڙ پنهنجو بنيادي آواز سر کرج جي بجاءِ پنچم کان شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ ٽيپ اسٿان ۾ اچڻ وقت سندس آواز تمام اوچو ٿي ٿيندو آهي. اهو طريقو ايران ۽ مصر ۾ اڃا تائين مروج آهي. هن طنبور جي ايجاد کان پوءِ ڳائيندڙ کي تال جي ڪنهن ساز جي ضرورت نه ٿي پوي، ڇاڪاڻ جو هو انهن پرپور تارن تي جنهن وقت مضراب هڻندا آهن ته ساز سان گڏ تارون تال جو ڪم به ڏينديون آهن.

پهريون دنبورو شاهه صاحب نتي مان ٺهرايو ۽ اهو ساڳيو تمر فقير ڪنيو. جيڪو شاهه جي راڳ جو اڳواڻ ٿيو. اهو دنبورو تاحال تمر فقير واري اوطاق ۾ رکيل آهي. هر جمعي جي رات راڳ جو اڳواڻ فقير اول انهيءَ طنبور تي وڄائي تند هئي، پوءِ پنهنجي دنبوري تي ويهي ڳائيندو آهي. هن وقت اهو دنبورو نازڪ حالت ۾ آهي. هي يڪ پاندو طنبور، هڪ ئي ڪاٺيءَ مان ٺاهيل آهي، چون ٿا پٺاڻي صاحب جي وقت ۾ موتي ۽ ڳپال آيا، جن پٽ تي ويهي اهي طنبور ٺاهيا. ان ڪانپوءِ ٺاڪدار هڪ ڪان مٽي ڪاٺ جي ٽڪرن جي جوڙ مان ٺاهيا. تمر واري دنبوري ڪان پوءِ پيا به دنبورا هڪ محمد عمر ڏيري جو ۽ ٻيو تمر فقير جي ڪنهن سائيءَ ٺاهيو، جنهن کي سائين شاهه وڄايو.

سنگيت سنسار. (فرهنگ موسيقي) سيد حاڪم علي شاهه بخاري

عثمان ميمڻ، ص ٩٢،٩٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

4. ٻيان ڏاڪڻ جي مثال صورت، ساز جو.



علم موسيقي تصنيف شاعر- رمضان واڍو

تحقيق ۽ تصحيح، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص ١٣٠

نوٽ: هي پراڻو چوتارو هندستاني تنبور آهي (سرمد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

1. پهريون حوالو لطيفي تال بقول سيد منظور نقوي "هر رنگ" الله لفظ جا وچت پول ڏئي تنبور جي وڄت ۽ ٻولن جو ماترڪ ڇيد جا ماترا عدد لسان لا، وڏو دليل آهن. وڄت جي ضربن جي بيان ۽ تنبور جي مخصوص وڄت ڏئي راڳ ويراڳ جي صحيح ترجماني ڪئي.

2. حوالو نمبر ٻيو لسان ڪي خبر پئي ته سيد منظور علي نقوي تنبور جي تال وڄت کي ته قبول ڪيو. پر ان جي "تي" وڄت يا سر وڄت کي رد ڪيو. جڏهن ته ايران ۽ عراق پر اهڙا ڪئي ساز آهن.١. تنبور ايراني يا تنبور شيرواني جنهن ۾ پنج تارون آهن. ٢. تنبور ترڪي ان ۾ ٽي تارون هونديون آهن. ٣. طرب رود هي به ايراني تنبور جو نمونو آهي جنهن ۾ سٺ تارون هونديون آهن ۴. هي عراقي تنبور جو هڪ قسم پهريان هن ۾ چار (عود) تارون هيون ۽ پو ڏهن تارن سان سنواريون ويون.

سائين منظور نقوي صاحب کي مضراب جي وڄت تي تارن جي لرزش جلد ختم ٿيڻ جي ڪري سر، وڄت جو ذڪر ناهي ڪيو. اها ان جي راءِ هئي، جڏهن ته چين ۾ به مضراب جي وڄت وارا ساز آهن. اهي سهڪاري، عڪسي سرُ مهيا ڪن ٿا. تنبور جا تڪريل سُر سادا عڪسي آهن سر جو نيم نمونو پڌرو ڪن ٿا.

3. ٽيون حوالو حاڪم علي شاهه بخاري جن جو آهي جن تنبور جي وڄت کي سواءِ سمجهڻ جي سارنگي يا هارموني جي سرن سان مشابهه بنائي سمجهائي ڏني آهي. انهن صرف سُر وڄت کي نظر ۾ رکيو. تال جو ذڪر ئي نه ڪيو. جڏهن ته انهن گرامن جي وضاحت چڱي ڪئي آهي.

4. چوٿون حوالو آهي شاعر فقير رمضان واڍي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جو. ان نقشي ۾ ڏاڪڻ جي صورت ڏئي "ستار" يا "تنبوري" جي تارن سان سر ۽ آواز ملائڻ جو طريقو ڇهن تارن واري تنبوري جو عڪس آهي. راڳداري هندستاني ڏنل آهي. جنهن ۾ ٻن گرامن جي سرن جو ميل ڏنل آهي. تال جي وڄت جو ذڪر ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پهريون گرام	في سيڪنڊ ڌمر پنج تيب گرام	ڍير تيب سُرُ 900 فوٽ	پورو تيب سر 1000 فوٽ	ڪيڙاڪ تيب سُر 1100 فوٽ
ٻيون گرام	في سيڪنڊ ڌمر پنج تيب گرام	ڍير چيڙ سر 800 فوٽ	پورو چيڙ سر 900 فوٽ	ڪيڙاڪ چيڙ سُرُ 1000 فوٽ
ٽيون گرام	في سيڪنڊ ڌمر پنج تيب گرام	ڍير گهور سُرُ 700 فوٽ	پورو گهور سُرُ 800 فوٽ	ڪيڙاڪ گهور سُرُ 900 فوٽ
چوٿون گرام	في سيڪنڊ ڌمر پنج تيب گرام	ڍير زبان سُرُ 600 فوٽ	پورو زبان سُرُ 700 فوٽ	ڪيڙاڪ زبان سُرُ 800 فوٽ

شاهه سائين جن جي راڳ ويراڳ ۾ مکيه ويراڳي چيڙ گرام جي پوري سُر سان پنهنجو آواز ملائي تار پڪي ڪندو. تهان پوءِ هڪ ڏاڪو مٿي چاڙهي تيب گرام جي تار سا آواز ملائي تار پڪي ڪندو. ٽئين نمبر تي گهور گرام جي پوري سر سان آواز ملائڻ لاءِ چيڙ گرام جي تار کان هڪ ڏاڪو هيٺ ڪري گهور گرام جي تار پڪي ڪري وٺندو. آخر ۾ زبان گرام جي پوري سر سان آواز ملائڻ وقت گهور گرام جي پڪي ڪيل تار کان ٻه ڏاڪا لاهي سر ۽ آواز کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ملائي تار ٻڪي ڪندو، عرض ڪندو هلان تہ هر هڪ گرام جو راڳي جدا آهي. هر هڪ ويراڳي پنهنجي تنبور جون تارون پنهنجي پنهنجي گرام ۽ آواز موجب ملائي ٻڌيون ڪندو ويندو. هاڻي اسان کي خبر پئي تہ شاهہ سائين جن جي راڳ ويراڳ جي پوري راڳداري چئن گرام کان شروع ٿئي ٿي. جنهن جي ڪري شاهہ سائين جن هن گرام کي چئن سڏيو. سچو راڳ ويراڳ اتان ئي چڙي ٿو. ساز ۽ آواز جو سنگم اتان ٿي اڳتي وڌي ويجهي ٿو.

گهور: گهور سر، ڳولائو سر، منزل جو متلاشي سر آهي. پورو پنو، سنڌو سنئون سر آهي. راڳ ويراڳ جو ٽيون پورو گرام ۽ پورو سر آهي. مرد جي آواز وارو سر آهي. ٽامي جي تار تي وڄايو ويندو آهي. گهور منفرد ۽ يگانو سر آهي سياري جو سر آهي.

زبان ٻول: آواز ٻهريون ٻول ٻهريون سر سنڌي ٻولي جو ٻهريون گرام، گفتگو لاڏ پريو سر. ٻٽائو سر. راڳ ويراڳ جو ٻهريون گرام ڇوڪر جي آواز وارو سر آهي.

ٽيپ گرام: آخري ۽ چوٿون گرام راڳ ويراڳ جو عورت جي آواز وارو سر. اپڇرا جي آواز وارو سُر، تال ۽ تار جو تالو.آخري سر ۽ تال. تالي جهڙو ، تاڙو، مرد ۽ عورت جو هٿن جو تالو سپنڌ راڳ وراڳ جو چوٿون گرام.

شاهہ سائين جن جي تنبور ۾ پنج تارون آهن گهور تار، ٽامي واري تار سان وڄندي آهي. ٽامي تار وارو سر آهي. زبان تار تي رڪ يا اسٽيل واري سنهڙي تار چاڙهبي آهي. زبان تار ۽ ٽيپ تار ۾ ٻئي سنهيون تارون آهن. ترڻي جو ٻنهي جي وچت ۾ رات ڏينهن وارو فرق چئن تار واريون جاڙيون تارون گهور تار ۽ ٽيپ تار جي وچ واريون درميانيون تارون ٿينديون آهن. نہ ٽيپ وانگي سنهيون ۽ نہ گهور تار وانگي ٿلهيون. وچاندري ماپ جون آهن. اهي تارون بہ رڪ يا اسٽيل جو هونديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مددي ڪتاب

١. راڳ ساگر استاد پير بخش، مير محمد مغل، قلمي نسخو
٢. احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي (شمس العلماء) مرزا قليچ بيگ
٣. پيغام لطيف، جي ايم سيد
٤. لطائف لطيفي، مير عبدالحسين "سانگي"
٥. شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام مقدمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٦. سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
٧. شاهه جو رسالو، غلام محمد شاهواڻي
٨. امير خسرو ڪا علم موسيقي، رشيد ملڪ اردو
٩. جهانِ خسرو مترجم فاروق ارگلي اردو
١٠. راڳ سروپ استاد محفوظ کوکر اردو
١١. علم موسيقي تصنيف شاعر رمضان واڍو تحقيق تصحيح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
١٢. آئين اڪبري جلد پيو صفحه ٢٢٠ علامه ابو الفضل شيخ مبارڪ اردو
١٣. سنڌي راڳ ۽ تال سيد منظور نقوي هر رنگ
١٤. سنگيت سنار (فرهنگ موسيقي) سيد حاڪم علي شاهه، محمد عثمان ميمڻ

مضمون

١. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ معذوري ۽ ڏهه راڳڻ جي راڳڌاري، سرمد چانڊيو،
ماهوار سوجهرو ١٥٤ ڪراچي ٢٠١٣ع
٢. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ڪنيات ۽ آسا راڳ جي رڳڌاري، سرمد چانڊيو
ٿين آس مئگزين شهدادڪوٽ ٢٠١٢
٣. راڳ ويراڳ ۽ سر معذوري سرمد چانڊيو
ٽه ماهي قلمڪار لاڙڪاڻو ٢٠١٠

معزز شخصيتون

١. سيد انيس حسين معروف سرڪار جمن شاهه لطيفي ولد سيد مير محمد شاهه لطيفي مکير راڳي ڀٽ شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٢. سيد عطا حسين شاھ لطيفي ولد سيد غلام شبير شاھ بادشاھ مڪير ويراڳي (سابق) پٽ شاھ.
٣. سيد اعجاز حسين شاھ لطيفي ولد سيد غلام شاھ بادشاھ
٤. سيد ذوالفقار علي شاھ لطيفي ولد سيد نور محمد شاھ لطيفي ويراڳي پٽ شاھ
٥. سيد اقبال حسين شاھ لطيفي ولد سيد غلام شاھ لطيفي (سابق گادي ڌڻي جو فرزند)
٦. سيد نثار حسين شاھ لطيفي ولد سيد غلام شبير شاھ لطيفي گادي ڌڻي حاضر حال
٧. فقير قربان علي لنجواڻي مرحوم ويراڳي پٽ شاھ.
٨. فقير قادر بخش ويراڳي پٽ شاھ.
٩. استاد اياز حسين ابڙو جيون ابڙو قمبر ڪڇهرين ١٩٨٦ع کان وٺي ٢٠١٣ تائين جاري.

جيئي سنڌ   جيئي سنڌي ٻولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سوانح عمري

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ولد حضرت شاهه حبيب جن جي توليدي تاريخ ڀهرين رجب المرجب ۱۱۰۲ هه مطابق ۱۶۸۹ع سن آهي. سندن وفات المفارقت ۱۴ سفر المظفر ۱۱۶۵هه مطابق ۱۷۸۰ع سن آهي، ٽيهه اسلامي سال لڳ ڀڳ ٻاهٺ عيسوي سالن برابر ٿيندا. محقق حضرات هجري سن ۽ عيسوي سنن جو فرق نامي رکيو جيڪا هڪ وڏي علمي غلطي آهي.

سرڪار لطيف گهوٽ جن جي تعليم آخوند نور محمد ڀٽي ولئي واري جي مدرسي ۾ ٿي، پاڻ سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين تي عبور حاصل ڪيائون، جنهن جو مثال شاهه ڪريم جن جو رسالو، مثنوي مولانا روم ۽ قرآن ڪريم جي سندن سفر توڙي حضر ۾ مطالعي هيٺ رهيا.

سرڪار لطيف گهوٽ جن پنهنجي جد امجد شاهه ڪريم جن ۽ پنهنجي والد بزرگوار شاهه حبيب سائين جن جي مسلڪ ۽ مشرب جا پيروڪار ۽ پانڌيئڙا هئا. فقر ۽ نظر ۾ اڃا ٻه اڳيرا ٿيا.

پاڻ راڳ ويراڳ جي شروعات ٻارهين سالن جي ڄمار ۾ ڪيائون، راڳ ويراڳ ۾ ايترا ته محو ۽ مست ٿي ويا، جو سفر توڙي حضر ۾ راڳ ويراڳ سائن ساٿي رهيو. پاڻ گنجي ٽڪر تي هجن يا بلڙي شاهه ڪريم جن جي درگاهه تي هجن، ٺٽي نگر ۾ هجن يا هنگلاج واري پيادل سفر ۾ هجن، ير راڳ ويراڳ سدائين سائن ساٿي رهيو.

سير سفر ۾ پاڻ گنجي ٽڪر کان روانا ٿيا. درگاهه بلڙي شاهه ڪريم، ٺٽو نگر، پنيور جا پڙا، ڪلاچي ۽ جو ڪُن، موکي ۽ متارن جي وستي کان وندر ورڙيندا، ڪاهڙ ڪيڙيندا وڃي هنگلاج آشرم تي رسيا. اتان کان آري ڄام جو قلعو ڏسي مرت تي لاهوت لامڪان کان ٿيندا سنڌ سيوهڻ شريف اچي پهتا. اتان کان ٺٽو نگر ۽ وري ٺٽي کان ساموئنڊي سفر ڪندا نگر کان ساموئنڊي سفر ڪندا ڪنيات بندر کان ٿي، کڇ ڀڄ، گرنار ڏسندا، جهونا ڳڙهه، لنڊائو، ڪاڪ محل کان ونگي ولاس پهتا. جيڪو سندن وڏن جو تڪيو آهي، تهان پوءِ ڪرلڙي مغل اچي پهتا. پوءِ ڀٽ شاهه کي آباد ڪري، پنهنجي درگاهه جو بنياد رکيائون ان سڄي سفر ۾ راڳ ويراڳ سندن ورد وظيفو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻيو سفر ڀٽ شاهه کان عمر ڪوٽ، ٿر، ڪڇ جو رڻ جهاڳي وڃي ڪنيات پهتا. اتان کان موٽي لنواري شريف بلڙي شاهه ڪريم ٽنڊي نگر کي ڏسندا ڀٽ شاهه تي پهتا.

ٽيون سفر ڀٽ شاهه کان ڪرلڙي ڪبير، درازا شريف، روهڙي، گهوٽڪي کان ملتان تائين ۽ موٽ تي سنڌوءَ جو ٻيڙلتو سفر ڪندا سکر، خدا آباد، سيوهڻ شريف کان بلڙي شاهه ڪريم اچي رهيا. اتان موٽي ڀٽ شاهه تي آيا.

چوٿون سفر ڀٽ شاهه کان سيوهڻ شريف، خدا آباد، لاڙڪاڻي جي پرسان نائچن وارو تڪئو اچي آباد ڪيائون. اتي مسجد ۽ حجرو ٻه اڏيائون. اتان کان ترائي ابڙا ۾ تڪئو قائم ڪيائون. پوءِ پراڻي سکر کان روهڙي، درازا شريف کان ٿي اچي ڪرلڙي ڪبير ۾ لئي وارو يا ڪچهري وارو تڪيو آباد ڪيائون. اتي مخدوم ڪبير سائين جن محبت ونڊيائون. تهان پوءِ ڀٽ شاهه تي موٽي آيا.

ڀٽ شاهه تي راڳ ويراڳ جو، هر جمعي رات وارو سلسلو جاري ساري ٿيو. ڪرهن جا ڪوهه لتاڙي مريد، خادم ۽ آڙي پاڙي وارا اچي ويراڳين جون رايون ٻڌي الست ۾ اوهري ويندا هئا. ويراڳ جو ونڊ ۽ دعا خير جا خزانا ڪٺي، هر ڪوئي پنهنجي پڊن ڏي واپس ورندو هو. راڳ ويراڳ جو اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين جاري ساري آهي. پهريان صرف جمعي جي رات راڳ ويراڳ ٿيندو هو. هيٺر رات ڏينهن راڳ ويراڳ پيو هلي. پاڻ پنهنجي چاليهه سال ڄمار جا راڳ ويراڳ کي ڏنائون ان سڄي سچائي سفر ۾ سنڌ سونهاريءَ کي ستن تيهن سُرن (راڳن) جي سنگيت نامي سان نهال ڪيائون.

پاڻ سرڪار جن ٽيهن سالن جي ڄمار ۾ سائڻ سعيده بيگم، دختر نيڪ اختر مرزا مغل بيگ جن سان مثاميل ڪري گهر ۽ ٽڙ جا مالڪ ٿيا. پاڻ پنهنجي شريڪ حيات بيبي سائڻ جن کي سڏو ڀٽ شاهه واري ڪوٽ حاويليءَ تي ويٺي آيا.

جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾
تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو.

لطيف سرڪار جي ان دعا جي ڪري، مرزا مغل بيگ جي ناراضگي جو سبب افزو تہ سنگين ٿيو هو، جو ڪين شهر ٻدري واري زندگي اختيار ڪرڻي پيئي. سڄا سارا ست سال سفر ۾ گذري ويا. قدرت جو ڪرشمو افزو ٿيو، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مرزا مغل بيگ ڏاڍيلن هٿان مارجي ويو. مرزا مغل بيگ وارو سڄو دنيا داري وارو مغرور مانداڻ ڍهي پٽ پئجي ويو. مغل بيگ جي بيوه، شاهه حبيب سائين جن جي مريدياڻي هئي، سا پنهنجو فرياد کڻي وٽس پهتي.

شاهه حبيب سائين جن پير ته ڪجهه به نه پئي ڪري سگهيا، پر هن لاوارث خاندان جي سار سنڀال ۽ پرگهور جو ذمو پنهنجي سر کنيائون. ان ماجري کان ڪجهه وقت پوءِ مرزا مغل بيگ جي بيوهه. شاهه سائين ۽ سائنڻ سعيده بيگم جي رشتي جي ڳالهه. شاهه حبيب سائين جن سان ڇيڙي شاهه حبيب جن اهو رشتو قبول فرمايو.

لطيف گهوٽ ڪي ڀٽائي گهوٽ بڻائڻ لاءِ شايد قدرت واري اهو رنگ رچيو هو. شاهه حبيب سائين جن رشتي جي هاڪار ته ڪئي، پر لطيف سرڪار جن جو ڪو اتو پتو ڪونه هو. شاهه حبيب جن پنهنجي مريدن ڏانهن نياپا ۽ سينها ڪيا. ته لطيف سرڪار جن جتي به هجن. اتان ڪين جلد کان جلد درگاهه تي وٺي اچن نيٺ ڇهن مهينن پڇاڻا. ونگي ولاس وارا مريد وڏي اٿلي سان لطيف سرڪار کي ساڻ ڪري، اچي شاهه حبيب سائين جن جي خدمت ۾ پهتا.

ان سمي شاهه حبيب سائين جن جي درگاهه تي وڏيون خير خيراتون ٿيون. خوشيون ملهايون ويون جهڙوڪ شاهه سائين جن نوان ڄايا هئا ڪجهه ڏينهن بعد شاهه حبيب جن شاهه سائين کي سائنڻ سعيده بيگم واري رشتي جي آگاهي ڏني پاڻ ڇهن مهينن جي مهلت گهريائون. ان عرصي ۾ پاڻ پٽ شاهه واري سر زمين تي ڪوٽ حاويلي. نعمت خاني. درگاهه. ۽ کوهه وارو ڪم مڪمل ڪرايو ان اڏاوت جو سڄو ڪم محبت فقير لوڏ پورو ڪرايو. لوڏ واقعي تمدن جا اڏيندڙ آهن.

نيٺ اهو خير برڪت وارو ڏينهن به اچي پهتو. لطيف گهوٽ موڙ ٻڌي، پٽ ڏي ٻنجي، پنهنجي بيبي سائنڻ سميت اچي پٽ شاهه واري حاويليءَ ۾ سڪونت پذير ٿيو شڪر الحمد لله.

شاهه سائين جن پنهنجي سوچ ويچار، پنهنجي مقربن ۽ گهڻ گهرن جي مشورن سان، خادمن ۽ مريد جي صلاح اسباب سان پٽ شاهه وارو شهر آباد ڪيو ۽ اڏيو. جيڪو اڄ به سرسبز شاد ۽ آباد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوست ۽ گهڻگهرا

(١) ميان محمد صادق ٺٽوي، جيڪو محترم ٺٽي نگر جي علماءِ ڪرام جو استاد هو. شاهه سائين جن جو خاص مريد هو جنهن جي شاگردن ۾ ميان محمد معين عرف ميان ٺارو، ٺٽوي، سلطان الاوليا محمد زمان لنواري شريف وارو، ميان محمد هاشم ٺٽوي ۽ پيا ڪيترائي صاحب هئا. ميان محمد صادق علامه وقت جو مفتي پڻ هو پاڻ ايترو ته اديب هو جو علامه هجڻ باوجود نماز پنهنجي مرشد شاهه سائينءَ جن جي پٺيان ادا ڪندو هو. هڪ ڀيري ميان محمد هاشم ٺٽوي اڳ پهريان ئي مرشدن وٽ ويٺو هو. حال احوال کان پوءِ معلوم ٿيو ته هو راڳ ويراڳ بند ڪرائڻ آيو آهي نماز جو وقت ٿيو ته ميان محمد هاشم شرمسار ٿي، ٺٽي واپس هليو ويو. ميان محمد صادق ٺٽوي شاهه سائين جن جي خاص مريدن ۽ گهڻگهرن مان هو.

(٢) ميان محمد معين ٺٽوي عرف- ميان ٺارو، وڏو عالم فاضل انسان هو شاهه سائين جن جي خاص مقرب دوستن مان هو نه صرف ايترو پر شاهه جن جو هم خيال هو.

(٣) ميان صاحب ڏنو فقير فاروقي درازن وارو. شاهه سائين جن جي مقربن ۽ گهڻ گهرن مان هو. ڪافيءَ جو تمام وڏو شاعر هو. شاعريءَ ۾ ''بيراڳي'' تخلص رکندو هو ڀٽ شاهه تي ڪره ڪڻائڻ ۽ مٺي پاڻي لاءِ دعا خير ۾ شاهه سائين جن سان گڏ شامل حال ۽ قال هو.

شاهه سائين جن به درازا شريف وٽس پريت جا پير ڀري ويندا هئا، سچل سائين جن لاءِ پڻ دعا ڪئي هئائون ته جيڪا ڪُني اوهان چاڙهي آهي، ان جو ڍڪڻ هيءَ نونهال نينگر لاهيندو ۽ خير ونڊيندو. ميان صاحبڏنو فاروقي راڳ ويراڳ کي گهڻو پسند ڪندو هو شاهه سائين جن جي دوستن مان هڪ درويش دوست هو.

(٤) آخوند نور محمد ڀٽي وٽي وارو. شاهه سائين جن جو استاد. هم خيال ۽ گهڻگهرو انسان هو. شاهه سائين جن جي آبائي مريدن منجهان هو. ڪجهه عرصو جامع مسجد ڀٽ شاهه جو پيش امام ۽ خطيب پڻ رهيو سندن فرزند ارجمند ميان عبدالغفور. شاهه سائين جن جي ويراڳي فقيرن مان هو. ملتان شريف واري سفر ۾ به سائن ساٿي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهه سائين جن پنهنجو ڪلام وٺي، استاد محترم جي ڳوٺ وٺي سان منسوب ڪري، ادب ۽ احترم جو ساگر وهائي ڇڏيو. آخوند صاحب شاهه سائين جن جي مقرب ۽ هم خيال دوستن سان هو.

(۵) مدن فقير (مدن ڀڳت) شاهه سائين جن جو هم خيال گهڻگهرو ۽ پيارو دوست هو. شاعر ۽ راڳي به هو. پاڙيسري هجڻ جي ناتي شاه سائين جن ڪيس گهڻو گهرندا هئا. شاهه سائين جن جو ڪجهه وقت سير سفر ۾ همسفر به رهيو. سٺي طنز ۽ مزاح به ڄاڻندو هو. هڪ ڀيري دريائي سفر ۾ ملاح وڏيڪ پئسن جي گهر ڪئي، شاهه سائين جن جي فقيرن انڪار ڪيو. مدن فقير سيني فقيرن جو ڀاڙو ڀري ڏنو. شاهه سائين جن فرمايو.

پل صراط جي پتڻ تي، ڪامل ڪندا ڪئين؟

مدن چيو

هڪ جئي جو هيڻ، ڀورين پتڻ سي ٿيون.

في البديع شاعري ۾ به مزاح ڪري وٺندا ها. مدن فقير، شاهه سائين جن جي گهڻگهرن مان هو.

(٦) مخدوم ڪبير ڪوٽڙي ڪبير وارو. شاهه سائين جن جي دل پرتن دوستن منجهان هو. مخدوم صاحب خانقاه جو مالڪ هو. شاهه سائين جن ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڪجهه عرصو عبادت ۽ رياضت به ڪئي. ڪوٽڙي ڪبير وارو سنڌن لئي وارو اوتارو يا ڪچهري وارو اوتارو ڪوٽڙي جي مشهور ماڳن مان آهي. شاهه سائين ۽ مخدوم صاحب جن رات جو اچي راڳ ويراڳ به ٻڌندا هيا ۽ شاهه سائين جن جي مُنهن مبارڪ تي نظر ڪپائي، پيا ڪين ڏسندا ۽ مرڪندا ها. پاڻ شاهه سائين جن جي گهڻگهرن مان هئا.

(٧) سيد موسيٰ شاهه جيلاني گهوٽڪي وارو (لوه صاحبان) شاهه سائين جن جو دل گهريو دوست هو. شاهه سائين جن جو راڳ ويراڳ جامع مسجد جي صحن ۾ ويهي ٻڌندو هو. باشريعت ڪامل انسان هو. راڳ ويراڳ جي ماسري تي سنڌن اڱ جماعت جو رُسي ڪليو ريو. ۾ جڏهن ڪين خبر پيئي ته سنڌن مرشد سيد موسيٰ شاهه، به شاهه سائين جن جي پليان نه از جو فرض ادا ڪيو ته شرمسار ٿي سيئي جماعتي موٽي آيا ۽ پير، ڪريه اه اهن نه واريائون سيد موسيٰ شاهه جيلاني پنهنجي دؤر جو عالم فاضل ۽ ڪامل انسان هو. شاهه سائين جن جي گهڻگهرن مان هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(٨) سيوهڻ شريف جو قاضي دين محمد. شاهه سائين جن جو قريبي دوست هو. شاهه سائين جن جڏهن به سيوهڻ شريف ايندا هئا ته قاضي صاحب، شاهه سائين جن جي خاطر تواضع لاءِ خاص اهتمام ڪندو هو. شاهه سائين جن قلندر لعل شهباز جي زيارت کان فارغ ٿي، اڪثر اوقات روضي جي صحن ۾ ويهي استغراقي عالم جو سير ڪندا هئا. قاضي صاحب انتظار ۾ ويٺو رهندو هو. پاڻ جڏهن ان عالم کان ٻاهر ايندا هئا. ته قاضي صاحب سان گڏجي سندن مدرسي ۾ ايندا هئا قاضي صاحب جو شاهه سائين جن سان عقيدت وارو رشتو هو شاهه سائين جن جي گهڻگهرن مان هو.

(٩) ميان محمد زمان لنواري وارن جي شاگردي واري عرصي کان شاهه سائين جن سان دعا سلام هو. جڏهن ميان صاحب جن. ٽنڊي نگر ۾ ميان محمد صادق جن جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا. شاهه سائين جن سندن استاد محترم جا مرشد هئا. تنهن ڪري شاهه سائين جن جي وڏي تعظيم ڪندا هئا شاهه سائين جن جي مقربن منجهان ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهه سائين هڪ معمار

شاهه سائين هڪ موسيقار، شاعر ۽ سيلاني شخصيت جو مالڪ تہ هيو ئي، عمارت سازي جو پڻ وڏو شوق رکندو هو. مٿي پڙهي آيا آهيون تہ پاڻ پنهنجي پٽ شاهه واري ڪرت ۽ حاويلي، جو سڄو ڪم پنهنجي مريدن محبت فقير اوڏ ۽ سائين کان ڇهن مهينن جي بلڪل مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪرايو پوءِ ئي پاڻ شادي خانا آبادي، جو فرض ادا ڪيائون. سنت نبوي تي هلندي اهل حرم ۽ اهل عيال وارا بڻجي، حياتي بسر ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيائون.

(۱) پاڻ عمارت سازي جي شروعات پٽ شاهه وارو کوهہ پڪو ڪرائڻ سان ڪيائون. زندگيءَ جي گهرجن پٽاندر صاف ۽ نظيف پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست ڪيائون. سنڌ جي سر زمين کي سمجهندي، پوڙين ۽ برساتين کي نظر ۾ رکندي، پٽ جي چوٽي تي کوهہ کٽاياؤن. کوهہ جي پڳ جي سطح زمين جي مٿاڇري کان پنجاهہ سٺ فوٽ مٿي آهي. اهو کوهہ اڄ بہ صحيح سلامت مستعمل حالت ۾ موجود آهي. اها مٿي سنڌن ڏگهي نظر ۽ صحيح سوچ. جو پاڻ رٿابندي جا ماهر هئا.

(۲) پاڻ پٽ جي سڄي وارياسي مٿاڇري چوٽيءَ تي گوڙهي ۽ پڪي مٽيءَ جو تهہ چاڙهيائون. لڪين ڪيترڪ فوٽ مٿي ڪراڙ ڍنڍ مان ڪڍي، پٽ جو وارياسو مٿاڇرو بند ڪري ورتو. فقيرن جيڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو. اهو سڀ ڪجهہ انهن جي عقيدت ۽ احترام جو نتيجو هو پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ مان جيڪي الفاظ اچاريندا هئا. اهي مبارڪ الفاظ ٻڌي فقير سنڌن جملن کي عين عبادت سمجهي ڪم ۾ جنبي ويندا هئا. اهو سنڌن فيض ۽ فڪر جو وتيرو هو. فقير ان واريءَ کي هوا کان بند ڪري رکيو.

(۳) پاڻ شهر ٻدري واري عرصي ۾ بلڙي شاهه ڪريم جن جي درگاهه تي گهڻو ايندا ويندا هئا. شاهه ڪريم جن جي روضي جي تزعين لاءِ پاڻ ملتان شريف جو ڏگهو پيرانتو سفر ڪري اتان ڪاشيءَ جون سرون ڪاشي آيا. ان دؤر ۾ ڪاشيءَ جو ڪم وڏي اهميت وارو هو. جيڪو پنهنجي هٿن ۾ ڪنيائون ۽ تڪميل تي پهچايائون ۽ پوءِ زندگيءَ جي پين ڪمن ڏانهن ڌيان ڏنائون.

(۴) پٽ شاهه واري مسجد جي تعمير وارو ڪم پنهنجي خوش نظر ۾ رکيائون. رازي کي مڪي پاڪ ۽ مديني منور جو عرج ڪاهار ڏيئي، ڪنيات بندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تان، ٻلي پار روانو ڪيائون. جيئن ڀٽ شاھ واري مسجد شريف جو گُنبذ، سندن ناني حضرت محمد مصطفيٰ صہ واري مسجد نبوي جي طرز ۽ طرح تي هجي. مسجد نبوي تُرڪ اڏاوت جو شهڪار آهي. ان ڪاريگر اھو ڪم ٽن سالن جي عرصي ۾ مڪمل ڪري، سندن من جي مبارڪ منشا پوري ڪئي. سنڌ جي تمدن ۾ پاڻ اهڙا عمدا ۽ اعليٰ مثال ڇڏيائون.

(۵) شاھ حبيب سائين جن جو روضو بہ پاڻ تعمير ڪرايائون ان عرصي دوران شاھ حبيب سائين جن وصال فرمائي ويا پنهنجي مبارڪ ايامڪاريءَ ۾ اهو مقربري وارو ڪم مڪمل ڪرايائون ان مبارڪ تعمير ۾ ڇئن سالن جو عرصو گذري ويو. اهو سچو خير برڪت وارو ڪم پنهنجي نظر داري هيٺ پورو ڪرايائون اهو هو سندن اعليٰ عمارت سازي وارو ڪارنامو.

(۶) ڀٽ شاھ کان اترين طرف سندن گوشانشيني وارو حجرو آهي. ڀٽريان ڀٽ شاھ واري تعميرات جو اتان ويهي نظارو ڪندا هئا. نظر ثاني بہ ڪندا هئا بعد ۾ اهو حجرو عبادت گاھ بنايائون. اهو ننڍڙو حجرو بہ ان دؤر جي فن تعميرات جو اعليٰ نمونو آهي. نادر شاھ بادشاھ بہ سائين ان حجري ۾ اچي مليو هو. شاھ سائين جن جي معماري سرچ ۽ سگهہ ٻر ۾ بازارون بنائي ورتيون ان دؤر جا اهي فن ۽ تعمير جا عمدا نشان اڄ بہ موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

موسيقي ۽ راڳ رنگ

موسيقي بين الاقوامي مهاورو بنجي ويو آهي، هر هڪ قوم جي راڳ رنگ کي پنهنجي احاطي ۾ آڻيندڙ اصطلاح ۽ علم آهي. ساز ۽ آواز پنهيء کي پنهنجي دائري ۾ آڻڻ وارو علم آهي. موسيقي فني ڳالهين وچائڻ وارو فن ۽ علم آهي. سنڌي راڳ ويراڳ يا دنيا جي ڪائي به موسيقي ارتقائي سمورا مرحلا طئي ڪري اتي پهتا آهي، موسيقي به انساني ارتقا سان سلهاڙيل علم آهي. قومن جي اوسر ۾ دير ۽ سوير وارو سوال ضرور موجود آهي، پر ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي وارو سوال ضرور موجود آهي، پر ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي وارو معراج تقريبن قومن ماٿيو آهي. ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي ترقي ۽ سکر ڀائي، بک ۽ بدحالي، پنهيء جي تاريخ آهي، پنهي حالتن کي ظاهر ڪندڙ علم ۽ فن آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته هڪڙيون قومون ترقي يافتا قومون آهن ۽ ٻيون قومون ترقي پذير قومون آهن. ليڪن ڪلاسيڪل فن پوء به انهن قومن جي منزل ۽ معراج کي ظاهر ڪري ٿو جو ته انهن قومن جا محاڪاتي عنصر سنڌن فن ۾ موجود هوندا آهن. ساگر درياه، جبل جهرنا، پکي پکڻ، پسون پکي، جهنگل ٻيلا، منڊون مهلون، وچون وسڪارا، بادل برساتيون، پسند ناپسند، عيب ثواب، ميل ميلاپ، فوڙئتر فراق، حسن ۽ جمال، ڏاهپ ۽ ڪمال، ڏڻ راتيون، صبح ۽ شام، شفق ۽ افق، هيرون ۽ هڳاء، گهٽ ۽ پورسٽ، ريتون ۽ رسمون، ڪشت ۽ ڪروڌ، ٻڙيون بيماريون، ناز ۽ انداز، پرليون ۽ لوليون، وعدا ۽ وچن، سهپ ۽ سگهه، شوق شڪار، سير سفر، چمن ۽ مرڻ، اڻن ۽ ويهڻ، کلڻ ۽ روئڻ، نرت ۽ ناچ، شمس ۽ قمر، تارا ۽ ڪتيون، آسمان ۽ زمين جيڪو ڪجهه هن نظر هيٺ اچي ٿو، اهو سڀ ڪجهه ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي ۾ سمايل هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لوڪ موسيقي

قومن جي ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي جي معراج کي سمجهڻ لاءِ انهن قومن جي لوڪن جي لوڪ ادب ۽ موسيقي جو جائزو وٺڻو پوندو. انهن قومن ۾ شامل لوڪن ۽ قبيلن وٽ ڇا ڇا فن هو، جنهن کين هن منزل تائين پهچايو.

دريائي لوڪن جو لوڪ ورثي ۽ لوڪ ادب ۾ چوليون ڇڇڪارا، ٻيڙا، پاندا، پتڻ پور، ونجهه ونجهي، ريج راڇيون، هوڙها موڙها، گبر گنديون، ڄاريون ڪاريون، مڇيون ۽ مهيرا، تانگها تار، اڇون ڇڇون، گوندر گهاوا، گهٽ ۽ گهيڙ، شاوا سفر، سڙهه ۽ سانگا، چرڪا ۽ تيرا، موراڪا ۽ ڏنيرا، ڏاهيون سٽيون، ڪنيي ۽ ڪن، وير ۽ واهڙ، آڳا ۽ پيچا، پوڏيون ۽ پوڙا، ليٽ ۽ لسون، صبح ۽ سانجهيون، نياڻ ۽ نڪٽ، لاها ۽ چاڙها، مطلب ته ٻيڙائتن جا ڳيچ، پتڻن جا ڳيچ، ٻيڙين ۾ رهندڙ مهاڻين جا ماڻا، الهڙا آلا انگ ۽ انهن ورتين جا وهنوار، ڦڙي ڦڙي جو فرق انهن لوڪن جي ڳيچن ۽ ڳين ۾ نظر پيو ايندو. انهن لوڪن جو فڪر ۽ فن جدا آهي. منظر ۽ محاڪات الڳ آهن.

سامونڊي لوڪن جا ڳيچ ڳيا، اونهي جا اسرار، طوفانن جون سٽون، ساگر جا ساريڪا، ساحل جا سپنا، وڻجارن جا ويس ۽ ورن، ديسان ديس جا سفر، وهن جا ويچار، اندر جا اوسيڙا، مانگر مڇن جا حملا، اثارا اهڃاڻ گهاتن جون گهتون، تورين جا تونا، چنڊ تي ويرن جا واڪا، موتن ۽ ڪوڏن جو ڳالهيون، جل پرين جون ڪٿائون، بندرن جا بيان، پرديسي پنڌ، ٻيڙن جا لنگر، اوچتيون آفتون ۽ پهاڙن سان ٻيڙن جا ٽڪر. ٻيڙن جون ٻوليون، بحرن جا ڀرم، بازارين جون موڙيون، مالڪن جا امله، حادثن جا حوالا، انيڪ ڳيچ ڳيا، ڳڻ ڳائيتا، انهن لوڪن جو لقاءُ ۾ شامل آهن.

پهاڙي لوڪن جو لوڪ ڳيچ، لوڪ آڪاڻيون واري پنهنجي پنهنجي نوعيت جون آهن، چوٽين جا چاڙهيڪا، پهاڙي ٻيچرا، ور ۽ وڪڙ، غارن ۽ گفائن جون ڪٿائون، پهاڙن جي پريان لڪل لوڪ داستان، چشمن ۽ جهرڻن جون جهايون، ڪاريزن جا ڪڙڪا، بانسري جو ٻڙلاءُ، چيتن ۽ شينهن جون چنگهاڙون، ڳڏن ۽ گورن جا چال، هرڻن جون هوڏون، الن جي اوڳر جي بوءِ، پهاڙي ٻرتين ۽ گاهن جو هڳاءُ، پاريهرن ۽ پکين جا وڳر، چڪورن ۽ چانڊوڪي جا ڳيچ، چشمن تي ايندڙ پياسا پسون، شڪارين جي هاڪ، سجين جي خوشبو، مچن تي ميڙا، چوٽين تان پري پري تائين نظر ايندڙ منظر، پهاڙن جي پريان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لڪي ويندڙ سچ، لڙ ڳڻيا احساس، قبيلائي خودي، چمڪندڙ هٿيار ۽ پير گهٽو ڪجھ انهن لوڪن جي برٿيندڙن ۽ بانسريءَ جي سرن ۾ سمايل هوندو آهي. بگڙهن ۽ ڌراڙن جا داستان، ويندي ڪتن جون ڪهاڻيون به انهن لوڪن جي لوڪ ادب ۾ شامل آهن.

ميداني ۽ زرعي لوڪن جو لوڪ ادب مالا مال آهي، سرسبز کيتن جي خوشبو، پنيون ۽ ٻارا، موڪون ۽ ڪسرن، گل ۽ گونج، ميرا ۽ پاڇيون، ڪرا ۽ ديرا، لاٻارا ۽ وانگارون، ڪچهريون ۽ ڪوڏيا، سڳهڙ ۽ سانٽر، مينهون ۽ پرنڪون، چراگاھ ۽ چڙا، ڳوٺن جا اڻ ڳڻيا سلسلا، وڪر ۽ وهاءِ، بازاريون ۽ پيرا، موڏي ۽ مارو، ميلا ۽ ملاکڙا، منڊون ۽ پرکون، سانوڻ ۽ سيارا، لوطاقون ۽ ارچ، مسجدون منارا، شهرن جا لٽ، پُونءِ ۽ پلاري جا قصا، ڪير مکڻ، ريتون رسمون، غميون شاديون، ٽوٽا ۽ ٽيٽا، لانڊيون ۽ ڪرنا چوڏاري چنڊ ڪڙيا بيٺا هوندا آهن. زرعي لوڪن جو ادب خوشحالي ۽ خوشبو سان واسيل هوندو آهي. واندڪائي جي وندر لاءِ ڪيئي رانديون، ڪيئي ڪرتب، ڪيئي هار جيت جا قصا انهن لوڪن جي ادب ۾ شامل آهن.

صحرائي لوڪن جو لوڪ ادب ۾ پنهنجو نرالو چس آهي اونهان اونهان کوه، کوهن مٿان آنهن، آنهن ۽ حوضن مان پاڻي پيئندڙ چوپايا، اس ويل جو پاڻيءَ تي ايندڙ پاڻياريون، ڏول پري پاهر ڪڍندڙ نوجوان ناريون، انهن جي اڻ چهيل سراپا سير ۽ سٽ بٺيل حياتيءَ، آچ ڪان اجريون سنڌن نيتون، ڪير ڪان اچي انهن مارن جي محبت، پٽون ۽ پيٽيون، پڪا ۽ پهتراز، ليلا ۽ چيلا، ڏُکر ۽ سُکر جون ڪٿائون، پاجهريءَ جو ڊوڙو، لسي جي لپ وارا ڳيچ، امر ڳيچ آهن. انهن جون انيڪ لوڪ ڪٿائون آهن، ريتون رسمون آهن. انهن جي رهڻ سهڻ جي انوکي طرز ۽ طرح آهي، ابر جي آسري، اڃ ۽ اساٽ ۾ رهندڙ ماڻهو فطرت جو شهڪار آهن.

برفاني ۽ ٿڌن ملڪن جا لوڪ داستان الڳ آهن ته گرم ملڪن ۽ خطن جا لوڪ داستان پيا پيا آهن. جن ملڪن ۾ مٿيان سڀ خطا ۽ علائقا موجود آهن، انهن جا لوڪ راڳ ۽ لوڪ ورثا وڌيڪ جامع ۽ رس رسيل هوندا آهن. پنهنجي جيجل سنڌ گهڻن رسيلن سان مالا مال آهي، تنهن ڪري پنهنجا لوڪ داستان ۽ لوڪ راڳ بي انتها رس رسيلا آهن، اها ئي ڳالھ آهي ته اسان جي ادب جي تاريخ قلم بند جهڙو ڪر نه ٿي آهي. لوڪ ادب جا هزارين لکين رنگ آهن، جنهن جي ڪري اسين هڪ ڪلاسيڪل ادب ۽ موسيقي جا مالڪ آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ارتقائي موسيقي

ارتقائي موسيقي لوڪ موسيقيءَ کان سڌريل صورت ۾ ملي ٿي. هيءَ موسيقي پنهنجي لوڪ موسيقي کان واڌاري سان سادو سودو تخيل سڌاري نسبتن چڱي سمجهه ۾ اچي ٿي. اڪيلا اڪيلا عڪس ڪٺي، گڏيل عڪس پنهنجي دڳري ۾ سمائي وڏيڪ سُرن ۽ تالن جو ميل ڪري اڳتي وڌي سازن سان ڳائڻ جو رواج پيو. ارتقائي موسيقي شڪاري دؤر ، قبيلائي دؤر ۽ زرعي دؤر جا ڪيترائي ساز سر گڏائي ڳائڻ جا گنچا تيار ڪيا. ڪاٺ جيڪا بانسري هڪ ڊراڙ جي دل جي وندر هئي، اها سادي سودي نموني سان هڪ ڳيچ يا ڳٽي جي ساٿ ۾ شامل ٿي. لئين ٺڙ جيڪو ڪنهن ڳنوار جي وندر جو وسيلو هو، سو ڪنهن سگهڙ جي بيت جو سهڪاري ۽ ساٿاري بڻيو. ڪلهه جيڪا بين اڪيلي، جوڳين جي راند روندي جو ڪارڻ هئي. اها بين نر ۽ مادي جي صورت ۾ جوڙي بنجي وجت جو بهتر نمونو بڻي. جن جا سر وڌيڪ سلوڻا پاسجڻ لڳا. بين جي جوڙيءَ کي ڏسي، ٻه تنڌڙيون بيٺون وري ڪدوءَ جي تنبيءَ سان ملائي، مرلي تيار ڪئي وئي. تاڙي ۽ گهڙي کان وڌي دهل ۽ ڏڪڙ جي ايجاد ٿي. ڪلهه وارو لوڪ ڳيچ جيڪو صرف استائي تي ٻڌل هو، ان ۾ پڻ انترو لڳائي وڌيڪ سهڻو بڻايو ويو. اهو ٻن يا ٽن مصرعن وارو ڳيچ محفل جي دل ڪشي ۽ رونق بڻيو. ان ڳيچ محفل کي وڌيڪ زينت بخشي. ان ارتقائي دؤر گهوڙي جي پڇ واري وارن يعني وارهه مان تار وارو ساز ايجاد ٿيو. جنهن جو سُرن وارو انداز تي واري ساز ۽ انساني آواز جو بدل بڻيو. پهريان يڪتارو، پوءِ ڏُتارو ۽ پوءِ ستار ۽ تنبورو ايجاد ٿيا. انهن استادن جو انفرادي مقام جڙيو "ڏونڪو وڳو" ميڙو متو جهڙا مهاورا ماڻهن جي زبان تي آيا. ساز ۽ آواز جو سنگم ٿيو، بي ترتيب لوڪ ناچ جهمر جهمٽ جي تال سان شامل ٿيا. ڪلهه وارا لوڪ ڳيچ ۽ ڳيا ورهايا ويا. سهرا، لوليون گهريلو ڳيچ بڻيا، عورتن لاءِ مخصوص ٿيا. ٽڙ بيت، ڪافي ڪلام مردن جي ملڪت بڻيا. فرد مان ڪٽنب ۽ ڪٽنب مان فنڪار قبيلن جي صورت وٺي اڀريا. جن ۾ ڀٽ، ڀان، منگتا، منگڻهار، نٽ، رنگ، بازيگر لنگها، لورا مشهور ٿيا انهن قبيلن واري انهن راڳ ويراڳ جا راڳ مشهور ٿيا. نٽ قبيلي جو نٽ راڳ، ڏهر قبيلي جو ڏهر راڳ. ڪتيان قبيل جو ڪٽ راڳ، جوڳي قبيلي جو جوڳيا راڳ، رنگ قبيلي جو رنگ ناچ، ڀٽ قبيلي جو ڀٽيار راڳ، جاجڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

قبيلي جو جاجڪاڻي راڳ وغيره وجود ۾ آيا ڦن جي حوالي سان انهن قبلين جي موسيقي ۾ جداري سڃاڻپ ٿي، مٿي بيان ڪيل ترقي ڪي ارتقائي موسيقي وارو دؤر سڏجي ٿو هلڪي ڦلڪي موسيقي ان دؤر جي پيداوارا آهي جيڪا موسيقي ڪلاسيڪل موسيقي جو بنياد بڻي.

ڪلاسيڪل موسيقي

ارتقائي موسيقي؛ ڪلاسيڪل موسيقي ڪي بنياد فراهم ڪيو. ارتقائي موسيقي حقيقت ۾ عوامي موسيقي آهي، جنهن ۾ فني پيچيدگيون. لاها ۽ چاڙها گهٽ آهن. ڪلاسيڪل موسيقي فن جو ڪٿيل ۽ ڳوڙهو نمونو آهي، جنهن ۾ گهڻ پاسائان عنصر آهن. ڪلاسيڪل موسيقي ۽ ادب هڪ طبقاتي سوچ ڪي ظاهر ڪري ٿو. بادشاهن جي دؤر جو نمائندو بنجي ٿو يا وري هڪ خاص اوچي پد وارن ماڻهن جي فلاسافي ڪي ظاهر ڪري ٿو. ڪلاسيڪل موسيقي جو پهريون دؤر پوئين دؤر کان مختلف هو. جنهن ۾ علاقائي سوچ جو عمل دخل وڌيڪ هو جئين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو سنڌڙو راڳ، تلنگا ماڻهن جو تلنگا راڳ، پورهالي ماڻهن جو پورهالي راڳ، بنگالي ماڻهن جو بنگالي راڳ، گنڌاري ماڻهن جو گنڌارا راڳ، مارواڙي ماڻهن جو مارو راڳ، ايراني ماڻهن جو ايراني راڳ، عراقي ماڻهن جو عراقي راڳ، علائقائي نمائندا راڳ ها. ان دؤر جي فلسفي ۾ هڪ ڳنڍيل سوچ جو محور يا مرڪز هو. اهي راڳ يا اها موسيقي هڪ پوري خطي جي موسيقي هئي. اهي ڪنهن بادشاهه جي يا ڪنهن خاص مذهب جا راڳ نه هئا. اها موسيقي راجائي موسيقي نه هئي، پوري علائقي جي موسيقي هئي. ملتاني راڳ سيني ملتاني ماڻهن جو راڳ هو. دراوڙي راڳ پوري هڪ سماج جي اڳواڻي ڪري ٿو، اهو ڪنهن راجا جي ساراهه وارو راڳ ناهي، نه وري ان ۾ ڪا مذهبي پرچار آهي. ڪلاسيڪل موسيقي جو پهريون دؤر ڌرتي ۽ ڌرتي وارن جو نمائنده دؤر هو.

ڪلاسيڪل راڳ جو ٻيو دؤر مذهبي پرچار جو دؤر بنجي ابريو. جنهن ۾ هندو مت جي ڇئن مٿن وارا راڳ، برصغير جي صوفين جو ڪافي راڳ، عرب حضرات جون قواليون، مذهبي پرچار وارا راڳ بنجي ابريا.

ڪلاسيڪل موسيقي جو ٽيون دؤر بادشاهت ۽ راجائي نمائنده راڳن جو دؤر ٿي ابريو، جن ۾ ترڙيون، خيال، درباري، وري خيال ۾ ٺمري ڪي شامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو ويو. هڪڙو پيچيدا قسم جو رواج پيو. راڳن جو پڙاڀون بدلائي سرگم تيار ڪيا ويا. راڳن جو دؤر ٿي اپريو جن ٺوڙيون، خيال، درباري، وري خيال ۾ ٺمري کي شامل ويو. هڪڙو پيچيدا قسم جو رواج پيو. راڳن جون پڙاڀون بدلائي سرگم تيار ڪيا ويا. سرن کي فرضي نالا ڏنا ويا. هندومت جي راڳن کي راجائي گهرائن وارو رنگ ڏنو ويو. پين راڳن کي چيڙ وارا راڳ سڏيو ويو. ايئن ڪني چئجي ته عام ماڻهن جا فن جي ماهري ۾ هٿ پڌا ويا. سارنگي جهڙو ساز تيار ڪيو ويو. ڳوين جا گهراڻا ان دؤر ۾ مشهور ٿيا. پکواز ۽ ڏڪڙا کي هٽائي طبلو آندو ويو. مطلب ته ڪلاسيڪل موسيقي کي ايترو ته منجهائي ۽ ڳنجرائي پيش ڪيو ويو جو عام ماڻهو جو واسطو ئي نه رهيو. ان دؤر جا ڳويا، ٻسڪر، هرداس چند، ميان تانسين ۽ ٻيلاس خان وغيره سرن جا ماخذ بدلايا ويا. گهوڙن، پکرن ۽ پکين جا آواز سرن جا ماخذ ٻنايا ويا. سرگم، پلٽا، تانون موسيقي جو زيور ٻڻيون هڪ سازش وسيلي ماڻهن کان راڳ کسي درٻارن ۾ قيد ڪيو ويو.

پنڊت، نائڪ، گندرپ، سرخوان جهڙا اعزاز ڳوين کي مليا. گائڪ، راڳي ۽ راڳڻي، جاجڪ نالائي ختم ڪيا ويا.

چوٿين ڪلاسيڪل دؤر ۾ هڪ وڏو سنگيت ڪار سنڌ ۾ پيدا ٿيو.

سنڌ جو جڳ مشهور موسيقار ۽ سنگيت ڪار حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، چاليهن سال جي عرصي ۾ ستيهن راڳن تي مبني راڳ ويراڳ جي تالي سان سنگيت نامو تيار ڪيو. اهو سنگيت نامو عرف شاهه جو رسالو، هڪ موسيقي جي حوالي سان برصغير جو وڏي کان وڏو سنگيت نامو آهي. شاهه سائين جن نه صرف اهو سنگيت نامو تيار ڪيو، بلڪ اهو ڳائي وڄائي شهرتن جي بلنديون تي پهچايو. شاهه سائين؛ جن راڳ ويراڳ کي پنهنجي ڏيهي سرن تي ترتيب ڏنو. ڳائڪي جو سچو نظام تيار ڪيو. موسيقي کي پنهنجو نظريو ڏنو. شاهه سائين ننڍي کنڊ جو اهو پهريون موسيقار آهي. جنهن پنهنجو مقرر نظام رائج ڪيو. ان نظام ۽ نظرئي تحت ڪلاسيڪل راڳ ڳايو وڄايو، جيڪو اڄا تائين جاري ۽ ساري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سرن جا ماخذ آواز

شاھ سائين جن پنھنجي راڳ ويراڳ جي سُرن جا ماخذ آواز انساني آواز ٻڌايا آھن. آواز جا چار قسم آھن.

ھڪ مرد جو آواز، ٻيو عورت جو آواز، ٽيون ڇوڪر جو آواز، چوٿون ڇوڪريءَ جو آواز. انھن آوازن کي ماخذ بنائي شاھ سائين جن پنھنجي سنگيت نامي جا سُر تيار ڪيا آھن.

(١) مرد جي آواز مان ورتل سُر کي گھور سر جو نالو ڏنو ويو.
(٢) عورت جي آواز مان اخذ ڪيل سر کي ٽيپ سر جو نالو ڏنو.
(٣) ڇوڪريءَ جي آواز مان ورتل سُر کي ڇيڙ سر جو نالو ڏنو ويو.
(٤) ڇوڪر جي آواز مان ورتل سر کي زبان سر جو نالو ڏنو ويو. انھن سرن مان ڏيما سر ۽ ڪيڙاڳ سر به تيار ڪيا ويا.

(١) گھور سر مان، ڏيمر گھور سُر، پورو گھور سُر ۽ ڪيڙاڳ گھور سر تيار ڪيا.
(٢) ٽيپ سر مان، ڏيمر ٽيپ سُر، پورو ٽيپ سُر ۽ ڪيڙاڳ ٽيپ سر تيار ڪيا.
(٣) ڇيڙ سُر مان، ڏيمر ڇيڙ سُر، پورو ڇيڙ سُر ۽ ڪيڙاڳ ڇيڙ سر تيار ڪيا.
(٤) زبان سُر مان، ڏيمر زبان سر، پورو زبان سر ۽ ڪيڙاڳ زبان سر تيار ڪيا.

انھن ماخذ سرن مان چار گرام تيار ڪيا ويا.

(١) گھور گرام (٢) ٽيپ گرام (٣) ڇيڙ گرام (٤) زبان گرام تيار ڪيا.

آ۔ ننڍي مد واري آواز مان، ڏيمر گھور وارو سر.
آ۔ وڏي مد واري آواز مان، پورو گھور وارو سر
آن۔ نون گُني واري آواز مان، ڪيڙاڳ گھور وارو سر تيار ڪيا ويا. ھي مرد جي آواز وارا سُر آھن.

او۔ واءُ معدولا واري آواز مان، ڏيمر ٽيپ وارو سر
اُو۔ واءُ مجھول واري آواز مان، پورو ٽيپ وارو سر
اُون۔ نون گُني واري آواز مان، ڪيڙاڳ ٽيپ وارو سر تيار ڪيا ويا. ھي عورت جي آواز وارا سر آھن.

اِ۔ زير جي آواز مان، ڏيمر ڇيڙ وارو سُر
اِي۔ يي مجھول واري آواز مان پورو ڇيڙ وارو سُر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اين. نون گني واري آواز مان کيڙاڳ چيڙ وارو سر تيار ڪيا ويا. هي چوڪري؛ جي آواز وارا سر آهن.

آ. زير واري آواز مان، ڏير زبان وارو سر
اي. يي معروف واري آواز مان. پورو زبان وارو سر
اين. نون گني جي آواز مان. کيڙاڳ زبان وارو سر تيار ڪيا ويا. هي چوڪر جي آواز وارا سر آهن.

زبان گرام. راڳ ويراڳ جو صفا هيٺيون گرام
چيڙ گرام. راڳ ويراڳ جو هيٺيون گرام
گهور گرام. راڳ ويراڳ جو وچون گرام
تيپ گرام. راڳ ويراڳ جو مٿيون گرام.

تنبورو يا دنبورو

شاهه سائين جن جيا سمورا ساز پاسي ڪري، تنبور راڳ ويراڳ لاءِ چونڊيو. اهو سوال جڏهن هن بندي استاد قربان علي فقير لنجوائي کان ڪيو ته موصوف هيٺيان جواب ڏنا. "سج ۽ چنڊ لهندي ۽ اڀرندي ڏسي انسان دنيا کي چئن طرفن ۾ ورهايو. اوڀر، اولهه، اتر ۽ ڏکڻ. اهي طرفن جا نالا آهن. هر ڏينهن ۽ هر رات کي چئن چئن پهرين ۾ ورهايو ويو. سال کي چئن مندن ۾ تقسيم ڪيو ويو. اونهارو، سيارو سرءُ ۽ بهار. انهن مندن جا نالا آهن. علم بدن ۾ به انساني جسم جا چار عناصر آهن. پاڻي، باهه، هوا ۽ مٽي. صوفياءِ ڪرام جي فلسفي جا به چار نقطا آهن. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت. انهن نقطن پٺاندر وري چار منزلون آهن. لاهوت، جبروت، ملڪوت ۽ ناسوت. اهي منزلن جا نالا آهن. انسان ذات جا آواز به چار آهن. مرد جو آواز، عورت جو آواز، چوڪر جو آواز ۽ چوڪري؛ جو آواز. تيئن پٽ ڌڻي بادشاهه جي راڳ ويراڳ جا گرام به چار آهن. گهور گرام، چيڙ گرام، زبان گرام ۽ تيپ گرام. تين تي تنبور جون به چار تارون آهن. تنهن ڪري شاهه سائين جن تنبور جو انتخاب ڪيو آهي."

مٿي ارتقائي موسيقي واري باب ۾ اسين پڙهي آيا آهيون ته تنبور اهو ساز آهي جيڪو تي يعني نڙ ۽ تڙيءَ وارا سر به ڏئي ٿو ته لئي وارو ڪم به ڪري ٿو. تار تي جڏهن مضراب يا چلت جو ڌڪ لڳي ٿو ته پهريان لئي وارو ردم پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ تار جي لرزش مان ني جو آواز ٻڙي ٻاهر اچي ٿو. تنبورو لئي ۽ ني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

يعني ردَم ۽ سرن، پنهي جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو شاهه سائين جن جي سوچ ۽ ويچار جو ڪمال آهي جو هڪ ئي ساز ڪان ۾ ڪم ورتائين. لٺي جي ردَم جي ڪري راڳ ويراڳ جا گرام ۾ پڌرا ٿيندا آهن. چو ته چلت جي ضرب يا ڏڪ مان صفا هيٺيون، يا هيٺيون، وچون ۽ مٿيون گرام پڌرا ٿيندا آهن. ڪوبه باذوق ماڻهو اها چال سمجهي سگهي ٿو. رڳو ٿوري ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. چيڙ گرام توڙي سر لاءِ ٻه جاڙيون تارون تنبوري ۾ ڏنل آهن. ان جو سبب اهو آهي ته چرڪري جي آواز ۾ جيڪا چنچلتا آهي. هي ان چنچلتا کي ظاهر ڪنديون آهن پيو ته چيڙ وارين تارن تي چلت بدران آڱر سان وڄت ڪبي آهي.



تنبوري ملائڻ جو طريقو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو بنياد

راڳ ويراڳ جو بنياد شاهه سائين جن ٻاويهن ورهين جي ڄمار ۾ ڪرتڙي مغل ڳوٺ ۾ شاهه حبيب سائين جن جي درگاهه تي رکيو. تڏهن پاڻ غير شادي شده هئا. راڳ ويراڳ جا ماخذ شاهه ڪريم سائين جن جي درگاهه جو سماع ۽ درگاهه شاهه حبيب سائين جن جي تي هلندڙ سماع آهي. راڳ ويراڳ باوضو ٿي پاڪائيءَ سان ڳائڻ وارو راڳ آهي. جنهن کي عبادت جو درجو مليل آهي. راڳ ويراڳ ٻهريان صرف جمعي جي رات تي ڳايو ويندو هو. هيئنر ائٿي ٻهر پٽ شاهه تي ڳايو وڃايو وڃي ٿو. شاهه سائين جن چاليهه سال راڳ ويراڳ جي خدمت ۾ صرف ڪيا. راڳ ويراڳ سنٽيهن راڳ (سرودن) تي مبني سنگيت نامو آهي. سيني راڳن کان اول اول سرود معذوري ايجاد ڪيائون. جنهن جا وچت ٻول آهن. او ميان لا! ور ميان ميان!

هن راڳ جي پڙلاٽي وارو ٻهريون بيت هي هو.

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪُلل ڪرڪاري،
هُن پڻ پنهنجا سارڻا، هي هجون هڏهن لڪ هاري.

راڳ ويراڳ ويهي، قبلي طرف منهن ڪري ڳايو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪل ڇهه ويراڳي فقير هوندا آهن. جيڪي ٻهرين تاريخ جي چنڊ جي اڌ گول ۾ ويهي ڳائيندا آهن. مکيو ويراڳي فقير بلڪل وچ تي ويهندو آهي. سنڌس ڪابي پاسي کان پير ۾ ٽيپ تار ۽ سر وارو پاسڙيو ويراڳي فقير ويهندو آهي. ٽيپ واري فقير جي پير ۾ ڇيڙ تار وارو ويراڳي فقير ويهندو آهي. مکيي ويراڳي فقير جي ساڄي پاسي کان پير ۾ گهور تار وارو پاسڙيو فقير ويهندو. گهور واري ويراڳي فقير جي پير ۾ زبان تار وارو پاسڙيو فقير ويهندو آهي. وري زبان واري تار جي وراڳي فقير جي مٿان اڌڪ وارو ويراڳي فقير ويهندو آهي. ويراڳين کي آسماني رنگ يا وري ڪاري رنگ جا ڪپڙا ٻهريل هوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيءَ آهي فقيرن جي بيٺڪ وارو عڪس راڳ ويراڳ ۾ تنبور کان سواءِ ڪنهن به ساز وڄائڻ جي اجازت ناهي. اهڙي طرح راڳ ويراڳ ۾ شاهه سائين جن جي منتخب سٽيهن سرودن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به راڳ يا ڪلام ڳائڻ جي اجازت ناهي. راڳ ويراڳ جو پهريون مکيه ويراڳي فقير به شاهه سائين پاڻ هو. سنڌس ڪاهي پاسي کان ٽيپ واري تار جو پاسڙيو فقير اسماعيل فقير ڪاهوڙي هو. ڪاهوڙي فقير جي پڌ ۾ ڪاهي پاسي وارو پيو پاسڙيو چيڙ جي تارن وارو فقير، ڪلڻ فقير هو. شاهه سائين جن جي ساڄي پاسي کان گهور جي تار وارو ويراڳي تمر فقير هو. تمر فقير جي پڌ ۾ پيو پاسڙيو ويراڳي محڪم الدين سيلاني هو. اهڙي طرح ٽيون ساڄڙيو ويراڳي هو محبت فقير اوڍ. اهڙڪ وارو وچتر ويراڳي خالي تار واري ضرب. پنهنجي آڱرين سان معنيٰ چٽڻي آڱرين سان تنبور جي تنبي تي لڳائيندو آهي. راڳ ويراڳ ۾ ڳايل پهرين وائي جيڪا شاهه سائين جن، شاهه حبيب سائين جي درگاهه تي ڳائي اها هيءَ آهي:

اچي، لالڻ لڪ ميانا
مُنَ جو لوڙهُ لکن ۾.
هُو خانُ ڪنوري هيڙئون، مون ۾ صابڻ چٽ.
مُنَ جو لوڙهه لکن ۾.
آريانی اچي ڪري، ڪا گهڙي مون وٽ جِٽ.
مُنَ جو لوڙهه لکن ۾.
ڪنوري خوشبوءِ سي، هاريائون هٽ هٽ.
مُنَ جو لوڙهه لکن ۾
دردُ منهنجي دل جو، تون، ڪامل اچي ڪٽ.
مُنَ جو لوڙهه لکن ۾.
ادين عبداللطيف چئي، سڙ ٿان آهي سٽ.
مُنَ جي لوڙهه لکن ۾.

جنهن سرود جي ڳائڪي ڪرڻي آهي ان جي وچت پڙهن کان پوءِ جنهن داستان جي وائي ڪبي، پڙهڻي ۾ ڏوهيڙا به ان داستان جا ڏبا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ ۾ شامل راڳ، راڳڻيون آهن، راڳ ويراڳ ۾ ڪاٻه راڳڻي شامل ناهي. راڳ ويراڳ ۾ مت ڀيد جي اجازت ناهي. شاهه سائين جن جو ڪوبہ فقير راڳ ويراڳ ڳائڻ سکي ٿو. راڳ ويراڳ جي ٻن سرودن سورٺ ۽ ڪرهياري، جي سفر ۾ ڳائڻ جي اجازت ناهي. راڳ ويراڳ جو پيو ذڪر ٻہ شاهه سائين جن جي مبارڪ حياتي ۾ پٽ شاهه تي شروع ٿيو. راڳ ويراڳ ۾ شامل سمورا سُر، سُرڻيون آهن. ڪاٻه سُرتي انهن سُرن ۾ شامل ناهي. ويراڳ ۾ ننڍا ۽ وڏا سر ضرور آهن جن جو اڳتي راڳن جي حقابي ۾ ذڪر ضرور ايندو. راڳ ويراڳ هڪ ريختو گائڪي جو فن آهي، جنهن جو ذڪر سرن جي ماخذ آوازن ۾ اچي چڪو آهي. راڳ ويراڳ ۾ سال جي ڇهن مندن جا راڳ شامل آهن جن جو اڳتي احوال ڏنو ويندو. راڳ ويراڳ سنڌ جو ڪلاسيڪل راڳ ۽ سنگيت نامو آهي.

سنڌ جون اول واريون سماع جون درگاهون

(١) سيوهڻ شريف ۾ حضرت قلندر لعل شهباز جن جي ڌمال جي ڌوم ڀريان ٿي سنڌ جي سر زمين تي موجود هئي ۽ آهي. تاريخي طور تي سيوهڻ شريف اهو شهر هو، جتي هر قسم جو نرت ناچ، راڳ رنگ جون رس رهاڻيون اڳ ۾ ئي موجود هيون. جنهن جي ڪري حضرت جن ملتان شريف کي ڇڏي، سيوهڻ شريف ۾ اچي آباد ٿيا. نہ صرف ملتان شريف کي خير آباد چئي سيوهڻ شريف ۾ اچي ساڪن ٿيا، پر هتان جي ماڻهن سان مليا، مي رقص جو نعرو هڻي، نٽن ۽ ناچن جي وچ ۾ نچڻ ٻيٺا. پاڻ قلندري ڌمال جا باني مباني آهن. هن سنڌ ڌرتي جي مٽي جي مهڪ ئي اهڙي آهي. جو پاڻ هتان جي مارو ماڻهن جا ساٿاري بڻجي ويا. سڪندر بودلي، ڇٽي امرائي ۽ ٻين فقيرن جي وچ ۾ چوڏهين جي چنڊ جيان پئي ڪڙيا خوش ٿيا.

(٢) مخدوم نوح سرور جن جي درگاهه هالا ۾ سر ڏهر جو سماع ٻہ هلندڙ هو. جيڪو ورد اچا تائين الحمدلله جاري ساري آهي. سرود ڏهر هوتن تہ ڏهر قبيلي جو راڳ آهي، پر سروري بزرگن هدايت ۽ رشد جا درياءَ بڻائي هن سر کي امر بڻائي ڇڏيو. هي سر نہ صرف سروري جماعت جي دل جي ڌڙڪن آهي، پر بُلڙي شاهه ڪريم جن جي درگاهه ۽ ڀٽ شاهه جي درگاهه تي ٻہ وڏي احترام ۽ عقيدت سان اڄ ٻہ ڳايو ۽ وڄايو وڃي ٿو. سروري درگاهه تي عيدن، براتن ۽ ميلي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

موقعي تي هن سر جو ورد نهايت ادب ۽ احترام وچان ٿيندو آهي. سروري جماعت جا روحاني پيشوا حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن، مريدن ۽ خادمن پر جتي به ويندا هئا ته سر ڏهر جو سماع ٿيندو هو. حضرت جن وڏي خوش دليءَ سان سماع ٻڌندا هئا.

(٣) درگاهه ڀلائي شريف تي حضرت شاهه ڪريم جن جو سماع جو سلسلو به سنڌ ۾ ڀيرين ئي هلندڙ هو. هن سماع ۾ مرشد ۽ مريد گڏ جي حصو وٺندا هئا ۽ آهن. شاهه ڪريم سائين جن جو رسالو سماع جو ماخذ آهي. سماع اول کان آخر تائين شاهه ڪريم جن جي رسالي مان ئي ٿيندو آهي. هينئر شاهه سائين جن جا فقير راڳ ويراڳ جي حاضري به ڀريندا آهن. سماع سونهاري جو هڪ پاسو روحاني فيض سان نوازڻ آهي ته ٻئي پاسي علم ۽ ادب جي خدمت پڻ آهي. هر عام توڙي خاص نهنائي، ادب ۽ انسانيت سان پنهنجا جهول ڀري واپس ورندا آهن.

(٤) درگاهه حضرت شاهه حبيب ڳوٺ ڪرڙائي مغل ۾ سماع جون راتيون روشن هيون. راڳ ويراڳ جو بنياد شاهه سائين جن اتي ئي رکيو. حضرت شاهه حبيب جن جي درگاهه تي جيڪو آڳاٽو سماع جو سٿاڻ هو. ان جو بنياد ۽ ٻهرو شاهه ڪريم سائين جي رسالي تي مبني هو. ڀلائي شريف واري سماع جو سلسلو هو. شاهه سائينءَ جن سماع جي سُتي ٻيڻگهي ۾ ئي ٻيتي هئي. پان ان سلسلي کي اڳتي وڌائي ويراڳ ۾ بدلايائون. اهو سچو شاهه حبيب سائين جي درگاهه جو فيض آهي ڀٽ شاهه تي جاري ساري آهي. ڀٽ شاهه ان ئي خير ۽ برڪت جي چشمي جو چش ۽ چاشني آهي. ان ۾ وڏيڪ پرک جي پالوت شاهه سائين جن جي آهي.

راڳ ويراڳ ۽ مندون

سنڌ ڌرتيءَ جو موسمي ماحول قدرتي طور تي سال جي ڇهن مندن تي بيٺل آهي. مندون اسان جي پوڪي راهي مال متاع، صحت صحبت، رهڻي سهڻي تي اثر انداز ٿين ٿيون. پنهنجي استاد لطيف سرڪار جن به راڳ ويراڳ کي ڇهن مندن ۾ ورهايو هي. هر هڪ مند جو اثر پنهنجو آهي. ان حالتن پٽاندڙ سرود ۽ راڳ به ڳايا وڄايا وڃن ٿا. شاهه سائين جن پنهنجو راڳ ويراڳ انهاري جي موسم سان شروع ڪ‍ ن. جنهن جو مثال مٿي سر معذوري جي حوالي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پڙهي آيا آهيون. انهارو اسان جي قدرتي سنڌ تي ورتيڪ اثر انداز ٿئي ٿو، يا اثر انگيز ٿئي ٿو. تنهن ڪري شاهه سائين جن راڳ ويراڳ جي پهرين موسم انهاري کان شروع ڪئي هئي. پر اسان جي علماء ڪرام ۽ محققين ان ترتيب کي بدلائي شروعات ربيع الاول کان ڪئي. اسين راڳ ويراڳ جي شروعات، وڌيڪ ٿي وايون ڪري. ڪان ڪريون يا اول الله عليم کان ڪريون. ٽري سري چڻتي سنڌن جو وارو ضرور ايندو. تنهنڪري اسين هتي انهن عالمن جي سٺاءَ کي رد نه ٿا ڏيون جو نه قارئين ۽ سامعين گهڻو ڪجهه پڙهي چڪا آهن. اسين پنهنجي پيارن کي وڌيڪ پرگنائن ۽ موجهارن پر وجهڻ نه ٿا چاهيون. موسمي حوالي سان راڳ ويراڳ جي ترتيب جداري آهي. اما شاهه جي مقرر ڪيل عالمن واري رسالي کان بلڪل جدا آهي.

موسم بهار

اسان جي علماء ڪرام سرود يا راڳ ڪليان پهريان آندو آهي.

بسم الله الرحمٰن الرحيم الرحمان الرحيم

(۱) سرود ڪليان (۲)سرود جمن ڪليان(۳) سرود ڪنيات، (۴) سرود بسنت بهار(۵) سرود پرورو(۶) سرود ڊول مارو (۷) سرود مارئي(۸) سرود آسا (۹) سرود ڏناسري. موسم بهار جا راڳ آهن. بسنت بهار جي مند انسان ذات جي دل پذير مند آهي. هي ۽ هڳاءُ ۽ خوشبو جي موسم آهي. گلن جي رنگن سان رنگين موسم آهي. تنهن ڪري شاهه سائين جن پ هن موسم کي رنگين راڳ ڏنا آهن. هن موسم کي وڌيڪ رنگارنگي بنايو آهي. (۱۰)سرود ويراڳ پ بهار مند جو راڳ آهي.

انهارو

راڳ ويراڳ جي حوالي سان انهاري جي مند جا هي راڳ آهن (۱) سرود ديسي(۲) سرود آبري(۳) سرود معذوري(۴) سرود کوهياري(۵) سرود حسيني(۶) سرود ڪيڏارو(۷) سرود شيشن ڪيڏارو(۸) سرود سارنگ(۹) سرود مومل راڻو(۱۰) سرود ليلا چنيسر(۱۱) سرود ماجهه يا هير رانجهو راڳ ويراڳ جي ترتيب موجب اهي راڳ انهاري جي موسم جا آهن.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرڳ

راڳ ويراڳ جي ترتيب ۾ سرڳ جي موسم جا هي راڳ آهن (۱) سري راڳ (۲) ساموندي(۳) سهڻي(۴) سرود ڪاموڏ(۵) سرود گهاتو(۶) سرود سورٺ(۷) سرود جاجڪائي(۸) سر ڪاهوڙي (۹) سرود ڪا پاٽي(۱۰) سرود رام ڪلي. راڳ ويراڳ جي گائڪي موجب اهي سرود يا راڳ سرڳ جي موسم جا آهن.

سيارو

شاهه سائين جن راڳ ويراڳ ۾ سياري جي مند جا هي راڳ ڏنا آهن(۱)سرود بلاول(۲) سرود رپ (۳) سرود پورب (۴) سرود پرڀاتي (۵) سرود ڪارايل (۶)سرود ڏهر. هي هٿا سياري جي موسم جا راڳ، جيڪي راڳ ويراڳ جي سنگيت نامي جي ترتيب موجب ڏنا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بھار
راڳ ويراڳ جا سرود ۽ سمجهاڻي

(۱) سرود ڪلياڻ، موسم بهار جو پهريون راڳ آهي، راڳ ويراڳ جو مکيه راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ديپڪ راڳ جي ڏيءُ جي نالي سان مشهور آهي. هندستاني ڪلاسيڪل ۽ جديد موسيقي ۾ خود ٺاٺ آهي هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو پهريون پهر آهي راڳ ويراڳ موجب موسم بهار ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. ڪلياڻ ستين سرن جو راڳ آهي. شاهه سائين جن جو هي ڪلياڻ شڌ ڪلياڻ آهي راڳ ويراڳ موجب پنجن سرن جو راڳ آهي هن ڪلياڻ راڳ مان ورتل پيا ٻه ڪيترائي ڪلياڻ آهن. (۱)جمن ڪلياڻ
(۲) ڀو پالي ڪلياڻ (۳) پوريا ڪلياڻ (۴) همير ڪلياڻ (۵) شيام ڪلياڻ (۶) سانورين ڪلياڻ (۷) شيام ڪلياڻ (۸) ڪاموڏ ڪلياڻ (۹) نٽ ڪليان (۱۰) هير ڪلياڻ (۱۱) ڪيم ڪلياڻ آهن.

راڳ ويراڳ جي اصولن پٽاندڙ سڀ ڪان اول مکيه ويراڳي وجت ٻول پڙهندو ۽ پوءِ پيا ويراڳي فقير سان سُرَ ملائيندا.

وجت ٻول آهن : رو ميان!

هن وجت کان پوءِ راڳ جي پڌرائي ٿيندي، راڳ ويراڳ موجب ته پهرين داستان جا ڏوهيڙا ڏبا. ڏوهيڙن جي بيان ۽ موضوع سان راڳ پڌرو ڪبو.

(۱) سرود ڪلياڻ جي پڌرائي.

اَوّلِ، اللهِ عَلِيمُ، اَعليٰ، عالَمَ جو ڌڻي،
قادِرُ پنهنجي قُدرَت سين، قائِمُ آهِ قَدِيمُ،
والِي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازِقُ، رَبُّ رَحِيمُ،
سو ساراهِ سَچو ڌڻي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ،
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙون جوڙ جهان جي.

ايئن ئي هن داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ پڌرو ڪبو، هي راڳ ڪلياڻ آهي پوءِ وائي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سيڪا پريان ڪرڻ پوڄي،
نينهن نيٺين ڳڻ ڳالهه ورو.
جا چتايم چت ۾، سائو سجڻ سوجهي،
نينهن نيٺين ڳڻ ڳالهه ورو.
لات جا لطيف جي، سڏ تنهن سُوڄي،
نينهن نيٺين ڳڻ ڳالهه ورو.

سرود ڪليان جو حقابو. ماترائون. 2+1+2
گرام. ڪيڙاڳ تيپ.
هيءَ وٺي تيپ گرام جي وٺي آهي. انتهائي مٿين سرن جي وٺي آهي.
نه صرف هيءَ وٺي ۾ پوريون پٽي وايون به ان گرام ۾ ڳائبيون پين منڍن ۾ ڪلياڻ راڳ ڏيڍ پهر ڏينهن جو به ڳائجي ۽ پوئين پهر شام جو به ڳائجي.

(۴) سرود چمن ڪلياڻ. راڳ ويراڳ ۽ بهار جي منڊ جو پيو راڳ آهي. هندستاني جديد ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪلياڻ ٺاٽ جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ديپڪ راڳ جي پاٽني جي نالي سان مشهور آهي. هن راڳ تي هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت ڪلياڻ راڳ کان پوءِ آهي. رات جي پهرين پهر کان پوءِ اڌ رات تائين ۽ ڏينهن جو ٻ ـ سج کان زوال تائين ڳائجي. بهار جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي.
هن راڳ جا وچت پول آهن: وومياں!
هن وچت کان پوءِ ويراڳي فقير راڳ چمن ڪلياڻ جي پڙڻي ڏوهيڙن سان ڪندا.

پڙلائي:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جي ۾، آزار جا اثرا،
صاحب ڏي شفا، ميان مريض کي.

هن داستان جا ڪيترائي ڏوهيڙا ڏٺي پوءِ وٺي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وائي

وڙسيا وڃ ويچارا، دل پر درد پرين جو

اٿو امر وهو ويچو ڏب ڪٽي،
پهر ٻي پارا
دل پر درد پرين جو.

ٻڪي ڏيندا پاڇهه جي، آيا سور ڏٺي
آيا جي جيارا
دل پر درد پرين جو.

سرود جمن ڪلياڻ جو حقيو: ماترٿون- 2،2،2. گرام. ٽيپ.

هن راڳ جي گُلڪي ڪلياڻ راڳ کان هيٺ پوري ٽيپ تي رکيل آهي. سڀ جو سڀ وايون پوري ٽيپ گرام پر ڳائيون. بلاول، ڪيڏاري ۽ ڪلياڻ جي ميل جو راڳ آهي.

(٣) سرود ڪنيات: راڳ ويراڳ جو ٽيون ۽ بسنت بهار جو پڻ ٽيون راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ هيءَ راڳ مالڪرس جي پٽ راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ کماچ ٺاٺ جو راڳ آهي. هن راڳ تي هي نالو ڪنيات بندر جي ڪري پيو. هي راڳ بهار جي مند ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. عام حالتن ۾ اڌرات کان پوءِ ڳائڻ جو راڳ آهي. چانڊوڪي رات جو راڳ آهي. ڏينهن جو ٻن پهرن جو راڳ ڪري ٻه ٻڌايو ويو آهي. مارو، ڪيڏاري ۽ جيت سري جي ميل جو راڳ آهي.

پلا ئي آهين، پرين پلاڻيو پاڻسجي،
سپاجها سر چڙهئو، ڏوراپو نه ڏين،
مان ڏي مديون ٿين، سڄڻ سچاين پر.

ٿين ويراڳي فقير هن داستان جا ڪيئي بيت ڏيئي راڳ پڙرو ڪري وٺي ڪندا. ڪنيات راڳ جي پهرين داستان جي وائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جيڏيون! هي ضرور آيل! ڪئين رهندو پرين ري؟
سُگهڙ ساعت نه چنڊڙو، اٿئي پهر ملوڙ،
آيل! ڪئين رهندو پرين ري؟
من پر مشتاقن جي، ساجن تنهنجو سور،
آيل! ڪئين رهندو پرين ري؟
پيرين آئون نه پهچئي، ڏيهه پريان جو ڏور،
آيل! ڪئين رهندو پرين ري؟
وڃي ويل سپ ڪهنر، هينڙو پرين حضور،
آيل! ڪئين رهندو پرين ري؟

ڪنيات راڳ جون پيون وايون به هن گرام ۾ سرن پر ڳايون وينديون، اٿين ٺي پيٺن، تيٺ، اڌاٺرڻ ۽ پوٺيٺڻ جو حساب رکئو پوندو.
ماترائون: 2+2+2+1+2+1 گرام: ڇيڙ

(۴) سرود بسنت بهار: راڳ ويراڳ جو چوٿون راڳ آهي ۽ موسم بهار جو به چوٿون راڳ آهي. جاتي سنگيت پر سري راڳ جي پٽ راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت پر پوربي ٺاٺ جو راڳ آهي. اڳاڻن استادن هن راڳ کي ديو گري. نٽ ملهار، سارنگ ۽ بلاول جي ميل جو راڳ سڏيو آهي.
هي، راڳ بهار جي موسم پر هر وقت ڳائڻ جو راڳ . ڪن استادن هن جي ڳائڪي جو وقت صبح ٻڌايو آهي. ڪن استادن ڏينهن ۽ رات جا ٻه پهر ٻڌايا آهن. ڪي ڳائڪ هن راڳ کي شام جي راڳن پر شامل ڪن ٿا. شاهه سائين جن جي دؤر پر ڪلاسيڪل سنگيت، راڳ ويراڳ جا سمورا راڳ رات جو ڳايا ويندا هئا. بسنت راڳ جا وچت بول آهن آريا پياري:
هي آلاپ ورجائڻ کان پوءِ بسنت راڳ جي ٻڌرائي ڏوهيڙن سان ٿيندي.

آئي رت بسنت ڪي، ڪنٺهار ڪڙيا،
خستوري خوشبوءِ ٿي، اچي پونتر مڙيا،
مون ڪي محب مڙيا، لٿا ڏک سک ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آئي رت بسنت جي، ڪڙيا ڪنٿهار،
اٺ ري گوري بيس ڪر، آئي بسنت بهار،

راڳ جي پڙرائي ڪري پوءِ وائي ڪبي.

اڄ سڄڻ گهر آيو جيڏيون!
ڏٺيءَ اميدون پجايون جيڏيون!
اڄ سڄڻ گهر آيو جيڏيون!
پيرين فقيرن پيڙيس پيرين،
ٽيڙيون سڪائون سجايون ڪيڏيون!
اڄ سڄڻ گهر آيو جيڏيون!

بسنت بهار جو حقابو، وجت پول . آري! پياري!. ماترائون. 2+2+2+2+2. گرام. گهور ، ڏير ٽيپ

(۵) سرود آسا: راڳ ويراڳ جو پنجون راڳ آهي، بهار جي موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ سري راڳ جي ٽين راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل موسيقي ۾ خود ٺاٺ آهي. هي راڳ ملار، پرڄ ۽ بسنت بهار جي ميل جو راڳ آهي. بهار جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. عام حالتن ۾ صبوح جو راڳ آهي. ڪن استادن پهر سج چڙهڻ کان پوءِ ڳائڻ وارن راڳن ۾ شامل ڪيو آهي. ڪن استادن هن راڳ کي ٻن پهرن ڏينهن جو راڳ سڏيو آهي. راڳ ويراڳ جو خوبصورت راڳ آهي. آسا جا وجت پول آهن.
هلو ميان لا! لا ميان لا. سڀ ويراڳي فقير هي پول مکيي ويراڳي جي پويان آلاپيندا. پوءِ راڳ جي پڙرائي ڪندا. پڙرائي ڏوهيڙي سان ٿيندي.

لوچان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد،
سپيريان جي سونهن جو، نکو قد نہ مد،
هت سکڻ بي عدد، هت پري پروا ناهہ ڪا.

راڳ آسا جي هن داستان جا ڏوهيڙا ڏيئي، راڳ پڙرو ڪري پوءِ وائي ڪبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پريئن پوه، مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،
ٿورڙتو فقير کي، قادر ڪوهه ڏنو؟
مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيئن سانگ نه ڪيو،
مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،
اڇي اور اورانهون ٿئي، سيد ساٿُ سندو،
مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،
وڻي وات نهاريان، من پريَن پاڇه پوه ،
مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،
اديون عبداللطيف چئي، محب سکهو ملندو،
مون تي ڌ وهامي رات زمنديئي،

آسا جو حقابو: وچت پول: هلو ميان لا، لا ميان لا!

ماترائون: 1+2+1+2+2+2+1+2+2. گرام: چيز + ٿيپ.

(٢) **سرود ڏنا:** سري ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ڇهون راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ سري راڳ جي پنجين راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي. ڏنا سري راڳ، توڙي، آسا ۽ مارُوا جي ميل جو راڳ آهي. هن راڳ جي ڳائڪي بهار جي موسم ۾ هر وقت ڪري سگهبي. بهار جي موسم جو راڳ آهي. عام حالتن ۾ ٻئي ٽيپهري جي وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. ڪن استادن پيپهري ۽ ٽيپهري جو راڳ ڪري سڏيو آٿس. ڪن استادن پهر صبح سان هي راڳ ڳايو آهي. پراڻن استادن ميان تان سين، هري داس وارن هن راڳ کي رات جو ڳايو آهي. شاهه سائين جن ٻه هي راڳ رات جو ڳائيندا هئا. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ موجب هن راڳ جا وچت پول آهن.الر ميان لا ميان لا.

ڏنا سري ۽ آسا جو فرق اهو آهي ته آسا جا وچت پول پن گرامن کي ظهار ڪن ٿا. جڏهن ته ڏنا سري جا پول سرا، ساهي ڪنڻ جي هڪ لس آلاپيا. انهن جو هڪ گرام پيهندو. ان کان بعد ۾ راڳ جي پڌرائي لا، ڏوهيڙن جو ورد ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آگهائي سکها ٿيا، جي پيا اوان جي پار،
بيٺي ڪٽي پاڃه سين، ترمل ترن نهار،
ڪامل اوان جي ڪار، اصل آهي اعلائي.

سرود ڏنا سري ۾ ڏوهيڙن جو تعداد ٿورڙو آهي، پر راڳ جي پڇاڙيءَ ۾،
پورب ڪافي آهن پڇاڙيءَ ڪري پورو وڃي ڪبي.

هُر جا آهي هادي، پير پنهنجو پاڻ سين،
ٿمر آهي سچ ۾، وفادار برادي،
پير پنهنجو پاڻ سين.
ميون مريدن جو، دانهن سڻيندو دادي،
پير پنهنجو پاڻ سين.
ڪرئيندو قرب سين، مُهندِ ٿيندو منادي،
پير پنهنجو پاڻ سين.
آهي عبداللطيف کي، سُوءُ اُسين کي شادي،
پير پنهنجو پاڻ سين.

ڏنا سري جو حقابو: وچت پول: الو ميان لا ميان لا.
ماترائون.1+2+1+2+21+2+2 گرام: ٽيپ
هوتش تہ جمن ڪلياڻ ۽ ٽيپ گرام جو راڳ آهي پر ڏنا سري ١٣ سرن
وارو راڳ آهي ۽ جمن ڪلياڻ ڇهن سرن وارو راڳ آهي. اهو فرق آهي ٻنهي راڳن
جي درج ۾.

(٦) سرود برووو: راڳ ويراڳ جو ستون راڳ آهي، موسم بهار جو راڳ آهي.
جاتي سنگيت ۾ برود چيڙ وارن راڳڻ مان آهي. جن جي راڪاڻ سلي ڪانهي.
جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي. هي راڳ
ديسي راڳڻ مان آهي. للت، سري راڳ، ڪانڙي ۽ ديساک جي ميل جو راڳ
آهي. بهار جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي، عام حالتن ۾ شام جي وقت
ڳائڻ وارن راڳڻ مان آهي. شاهه جن جي دؤر ۾ رات جو ڳايو ويندو هو. برودي جا
وچت پول آهن. او ميان! لا ميان لا
هن آلاپ کان بعد ۾ برودي جي پڇاڙيءَ ڏوهيڙن سان ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇا کي وهي ڇپ، پيلي پٽن جو ٽيپن؟
وٽ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جي.
سرڪو هوندو سي، جنهن جو عشق الله سين.

جڻ ڪا ڪاني ڪاٺهه، لُسندي لاٿيون ڪري،
اچي پٿي اوچتي، درد پرين جي داٺهه،
ويچ ڏنيين ڪُ پاتهن، سُورهيين کي سامُهان.

داستان جي بيتن سان راڳ پڙرو ڪري وٺي ڪبي.

هوت نيٺا جو دلبندُ، پلو جيڏيُون!
هيڏان هوڏان سپرين، ڪاڏي واريان ڪنڌ.
لراپلو جيڏيون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهه بچايان رنڌُ.
لراپلو جيڏيون.
ساجنُ سَپيتيان سهڻي، سائين جو سرهنڌو.
لراپلو جيڏيون.
اڏيون عبداللطيف چئي، ميڙيندُم مَتَندُ.
لَراپلو جيڏيون.
حقابو، وڄت پول، او ميان! لا لا لا ميان!، ماترائون. 2،1،2،2،2،2،1،2
گرام: ڏير زبان، ڪيڙاڳ ٽيپ.

(۸) سرود مارئي: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو اٺون راڳ آهي. بهار جي پوئين موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ مالڪرس جي پهرين مورتي پٽ مارو جي نالي سان مشهور آهي. جاتي سنگيت ۾ وري پٿي هنڌ سري راڳ جي چوٿين راڻي جي ماروا نالي سان به ملي ٿو. ٽين جاءِ تي جاتي سنگيت ۾ ڇهين وارن راڳن ۾ مارو نالي سان به ملي ٿو. گوري، پورب ۽ سورٺ جي ميل جو راڳ آهي. ٻي جاءِ تي جاتي سنگيت ۾ ٿي گوري، پرج، سورٺ ۽ سري راڳ جي ميل جو راڳ جاتايو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاھ سائين جن مارن جي ھڪ غيرت مند نياڻي مارئي جي نالي سان ھي راڳ، ويراڳ ۾ شامل ڪيو آھي. مارئي وقت جي راجا عمر سومري ڪوٽ تان کڻي، نيئي ڪوٽ ۾ بند ڪئي ھئي. جيڪا پاريھ ڏينھن قيد ۾ بند ھئي.

جديد ھندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ماروا نالي ھڪ ٺاٺ جي نالي سان موجود آھي. ڪن استادن جو چوڻ آھي تہ ھيءَ راڳ پيرون ٺاٺ ۾ بہ ڳائي سگھجي ٿو. ھي راڳ مارواڙ ديس جو پڌايو وير آھي. ديسي راڳن مان ھڪ راڳ آھي. جيڪو موسم بھار ۾ ھر وقت ڳائي سگھبو. ڪن استادن ھن راڳ جي گائڪي جو وقت ڏينھن جا پويان پٺي پھر پڌايا آھن. ڪن استادن ھن راڳ کي ڏينھن جي پوئين پھر جو راڳ سڏيو آھي. شاھ سائين جن جي دؤر ۾ پٽ شاھ تي رات جي پوين پن پھرن مان ڪنھن بہ ھڪ پھر ۾ ڳايو ويندو ھو.

راڳ مارئي جا وچت ٻول آھن: اوميان!

ھن سرن جي آلاپ ڪان پوءِ راڳ جي پڌرتي جا ڏوھيڙا ايندا.

الستُ بربڪم، جڏھن ڪَنِ پيوم،
قالُو بليٰ قلب سين، تڏھن تت چيوم،
تنھين وير ڪيوم، وچن ويڙھيچن سين.

جڏھن ڪُن فيڪون، من تڏاڻڪُون مارئين،
تون ڪيئن وجھين تن کي، سومرا شڪُون،
ھمير ھڪون، جاڙ جسي کي پاتيون.

داستان جي ڏوھيڙن کان پوءِ وائي ڪبي.

منھنجو ھينئڙو سنگھارن ساري،
ھوءِ جي ريجھا زھي وَس ڪي،
آءُ ھميرا پيچ زنجير، ھٿن نہ سگھان گھاري،
ھوءِ جي ريجھا زھي وَس ڪي،
قلب منھنجو ڪوٽ ۾، گھايل ٿو گھاري،
ھوءِ جي ريجھا زھي وَس ڪي،
الاھي عنايت سين، شال ڪيندو مران ڪنڪاري،
ھوءِ جي ريجھا زھي وَس ڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مران شال مليرپر، گرلي سانڻ گذاري،
هره جي ريجها رَهڻ وَس ڪي.

حقابو راڳ مارئي، وچت ٻول آهن: او ميانڙا ماترقون2+2+2 گرام: تيپ

جمن ڪليان، ڏنا سري ۽ مارئي ٽيئي راڳ، تيپ گرام جا آهن. شاهه سائين جن سڀئي راڳن جون پڌاريون جدا جدا موضوعن تي تيار ڪيون آهن. تنهن ڪري راڳ سمجهڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي ٿئي.

(٩) سرود ڍول مارو: راڳ ويراڳ جو نائون راڳ آهي. موسم بهار جو راڳ آهي. سرود مارئي ۾ هن راڳ جو تعارف اڳي چڪو آهي. شاهه سائين جن هيءُ راڳ لوڪ داستان ڍول مارو تي تيار ڪيو. هن راڳ جو واسطو مارو راڳ سان آهي. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ۾ هيءُ راڳ شاهه سائين جن جي خوبصورت راڳن ۾ آهي. پاڻ هن راڳ کي گهڻو پسند ڪندا هئا. شاهه سائين جن جي دؤر ۾ هيءُ راڳ مارئي کان پهريان يا پوءِ ڳايو ويندو هو. بسنت بهار ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. عام مندن ۾ صبح ۽ شام جو راڳ آهي. هيءُ راڳ ديسي راڳن مان آهي.

ڍول مارو جا وچت ٻول آهن. ڍولا مارو جي، ڍولا مارو جي، اري ڍولا مارو جي.
هي ٻول آلاپڻ کان بعد ۾ راڳ جي پڌرائي لاءِ ڏوهيڙن سان محفل تي راڳ آشڪار ٿيندو.

اُتر واءُ ڪرندي ري پهلي موسم مينهن،
پالاپڻ رو نينهن، ولا جم وساريين.

اُتر ڏيسان آوڻيان، ڏکڻ سارڻيان،
ڍولو تررتر سيريين، ڏن ٻکر ڪريان،
پُيم ڪرنجڙيان، ته ڪرڻ هنياري سڄڻين.

داستان جي ڏوهيڙن پڄاڻا وڻي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ماڙو مون کي مليو، وڃن جيلن سانُ،
گهر جو ڪرڻ منگٿر درد پيتر پليو،
وڃن جيلن سانُ،
ڪوڙيين ياتيڻ ڪيترا، وجهن ڳڃن ڪليو،
وڃن جيلن سانُ،
تڪليا ترور سيريين، راڄا رڻيل رليو،
وڃن جيلن سانُ،
سوڻي آيير سپرين، جيءَ جنهين لڪ جهليو،
وڃن جيلن سانُ،
چوڪيُون چاري ڪيترا، ريٽا واڻون جهيلو،
وڃن جيلن سانُ،

ڍول مارو جو حقابو.

وچت بول، ڍولا ماڙو جي، ڍولا ماڙو جي، اري ڍولا ماڙو جي.

ماترائون: 2،2،2،2+2+2+2+2،2،2،1،2+2+2+2+2+2. گرام: ٽيپ + گهور + زبان.

راڳ مارئي هڪ گرام وارو راڳ آهي ۽ ڍول مارو، ٽن گرامن وارو راڳ آهي. اها سڀ راڳداري شاهه سائين جن جي تيار ڪيل آهي.

(١٠) سرود ويراڳ: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي نالي وارو راڳ آهي. موسم بهار جو راڳ آهي. ويراڳ شاهه سائين جن پنهنجي ويراڳي فقيرن جي نالي سان منسوب ڪيو آهي. جاتي سنگيت ۾ اهڙا گروهي راڳ ملن ٿا، جن ۾ گرناري، سامي، جوڳيا وغيره شامل آهن جيڪي چيڙ وارن راڳن ۾ شامل آهن. ڪاهوڙي ۽ ويراڳ شاهه سائين جن پنهنجي فقيرن جي گروهن پريان نالا ڏيئي تيار ڪيا آهن.

راڳ ويراڳ جا وچت بول: يا ري يا يا ري!
هن بولن جي آلاپ بعد راڳ کي ڏوهيڙن سان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساجن مورا ايک هي، دوجا کرون نه کوء
دوجا ساجن تپ کرون، جب کل دوجي هوء

ساجن آئيا هم سنيا، کيسي پيٺ کرون
ٿال پري سچ موتيان، اوپر نين ڌرون

ساجن آئيا هم سنيا کيا لي چلون ساٿ
سيسَ اتاري پني ڌرون، مجهي اِيَ بسات

ساجن ساجن کر رهي، چلي نه ساجن ساٿ
دکان کارن هم رهي، مرگ ميري هاٿ

هن پڊرتي پيهاڻا ولني ڪبي.

هر ترسن کي پياسي، اکيان موري اکيان!
اٻ کي ٽالي، ترول پولي، پولي پچان ڪون اداسي.
اکيان موري اکيان!
جس ٿن لاگي سرتن جاني، اور جانت کرون هاسي.
اکيان موري اکيان!

ويراڳ راڳ جو حقابو
وچٽ پول آهن يا ري! يا ري ا
ماترئون: 2+2,2+2
گرام: کيڙاڳ گهور، کيڙاڳ ٽيپ.
ويراڳ وچين ۽ مٿين سرن جو راڳ آهي، شاھ سائين جن جي خوبصورت
راڳڻ مان آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اونهارو ۽ انهاري جا راڳ

(II) سرود ديسي: راڳ ويراڳ جو يارهون راڳ آهي. انهاري جي موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ديپڪ راڳ جي ئي راڳڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني سنگيت ۾ آسا وري ٺاٺ جو راڳ آهي. چيڙ وارن راڳن ۾ به هن راڳ جو نالو مشهور آهي. تروڙي ۽ ڪٽ راڳ جي ميل جو راڳ آهي. انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارن راڳن مان آهي. عام حالتن ۾ پيهري جو راڳ آهي. ڪن استادن سڄ اڀرڻ کان پوءِ هن راڳ جي ڳائڪي لکي آهي. ڪن استادن هن راڳ کي منجهند جو راڳ لکيو آهي. شاهه سائين جن جي دؤر ۾ اڪثر راڳ ويراڳ جي راڳن جيان هي راڳ به جمعي رات ڳايو ويندو هو.

ديسي راڳ جا وچت ٻول آهن. هادي! پلو! ميان!
هن ٻولن جي آلاپ کان پوءِ ديسي راڳ جي پڌرائي ولرا ڏوهيڙا.

مليس جهل مهاڙ، ڪليس ڪاهه ترڪرهن،
مون نماڻي جي نجهري، پيرو ڪيچ پتار،
ساڃن تُوهان ڏار، ڏليرڊيئهن قيام جو.

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک،
سي سڀ پائيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڌي،
پچان پير پنهوءَ جو، وڃهان وڪ وڌي،
لڳي آئون لڌي، نہ تہ پٽن ڪير پنڌ ڪري.

ديسي سيڻ ڪجن، پر ديسي کهڙا پرين،
لڳُر لاڏوتا ڪئُو، پنهنجي ديس وڃن،
پچاتا پرين، ڪجي بس پنيور ڪان.

داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪري وٺي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏاگهن ڏيرنِ ساڻُ، ڪَرهن ڪيچن ساڻُ،
مِٺان ڪا پي لنءِ لائي !

آڻون مُٺي هو هٿا، وِڌا ڪر هل ڪاهي،
مِٺان ڪا پي لنءِ لائي !

آسڻ اڳيان ان جي، ٻَرا ٻَرا ڪٿو ٻاڏائي،
مِٺان ڪا پي لنءِ لائي !

اديرب عبداللطيف چي، ايندم واڳ ورائي،
مِٺان ڪا پي لنءِ لائي !

ديسي راڳ جو حقابو. وجت ٻول: هادي! پَلوا ميان!
ماترائون، 2+2، 2، 1، 2+1+2، گرام زبان: + گهور+ ڏيمر ٽيپ.
ديسي هيٺيان ڪان مٿي ويندڙ سرن وارو تمام خوبصورت راڳ آهي.
جنهن نموني ساڻ شاهه سائين جن هن راڳ جي راڱڏاري رکي آهي اها بي مثال.

(۱۲) سرود آبري: راڳ ويراڳ جو ٻارهون راڳ آهي. انهاري جي موسم جو راڳ آهي. ديسي سرن وارو اُلٽ راڳ آهي. هن راڳ جو ذڪر ئي ڪٿهن به سنگيت ۾ ڪونه ٿو ملي. شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي. مٿان ڪان هيٺ لهندڙ سرن وارو راڳ آهي. ميگهه جي پٺن مان هڪ جو نالو سگر آيرن ڏنو ويو آهي. جيڪو مالسري ۽ ملار جي ميل جو راڳ آهي. ڪلاسيڪل دؤر جو وڏو راڳ هو. ملار به انهاري جي راڳن مان آهي. مالسري به پنهنجي دؤر جو وڏو راڳ هو. جيڪڏهن شاهه سائين جن آيرن مان اُبري نالو ورتو هجي ته شڪ ناهي. انهاري جي مند ۾ آبري هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. شاهه لٿين جن جي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ موجب وديسي ڪان پوءِ يا پهريان ڳائڻ جو راڳ آهي.
راڳ آبري جا وجت ٻول آهن: ارا ميان! مِٺان
هن سرن جي آلاپڻ بعد راڳ جي پڌرائي لاءِ ڏوهيڙا ايندا.

اڙل آهر، آهر، هلڻ منهنجو هرت ڏي،
پورهيو سنڌو پورهيتين، والي ا ڪيتر وجاءِ،
سر مرن ٿورو لاءِ، جنن جٿري ملان جت ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏري ۽ ڏاري، سَتَ سورن جي سٽي،
پينياڻي پنھوءَ ڏي، نرمل نھاري،
لالن جي لطيف چي، سُتھه سٽي ساري،
پريتڙو پاري، مارڳ ۾ مُنڌ مئي.

داستان جي ڏوھيڙن ڪان پوءِ وائي ڪبي.

ٿن مَن منجھ تنوارَ، ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
تنن چنگن چت پر، جنن ساز گھندي لارا
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
لڳي اُڄ آڪين ڪي، سگھو موٽُ سنارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
پسان ڪينَ پريتڙن، ڪاڏي پرت پچارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
بنديائي پنيرو پر، آھيان اوھان ڏارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
مون کي چڙِ مَ چيرين، آريائي ءِ آڌارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
ڏيان خيرُ خزان پر ، ٻي تو منجھ پتارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
مضرَ سان مون کي ڪِيا، حڪيمن ھزارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
دوا آھيينِ دل جي، دارو دانتڪارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
آئي ڏي عَليل کي ، مُعجزُن مرچارَ،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،
آھي عَبداللطيف کي، تُنھنجي پئي پچار،
ھرا يارَا سدا آھي سِڪَ جي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آبري راڳ جو حقابو، وجت پول: آهن ار ميان ميان
ماترائون، 2+1+2،2+2 گرام: ڊير ٽيپ ، گهور، زبان
آبري راڳ ۾ ڇهن سرن کان هيٺ اينڊز سرن وارون راڳ آهي.

(۱۳) سرود معذوري: راڳ ويراڳ جو تيرهون راڳ آهي، اتهاري جي موسم وارو راڳ آهي. شاهه سائين جن جو ديسي سرن مان تيار ڪيل راڳ آهي. هڪ تحقيق موجب معذوري راڳ ويراڳ سنگيت جو پهريون راڳ آهي. جيڪو شاهه سائين جن پاڙيهن ورهين جي ڄمار ۾ تيار ڪيو، هي راڳ انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارن راڳن مان آهي. عام حالتن ۾ رات جو پٺي ۽ ٽئين پهرين جو راڳ آهي. هي راڳ هيٺ وارين وقتين کان اوڏوڙ وارن واين تائين ڳايو ويچي ٿو. هن راڳ جي گانڪي جا ڇهه نمونا آهن. هي راڳ ڇهن سرن کان هيٺين سرن ڏي ڳايو ويندو آهي. هي راڳ خوبصورت ۽ رنگين قسم جو راڳ آهي.
معذوري راڳ جا وجت پول آهن .
ار ميان ! لا رو ميان ميان !
هن سرن جي آميزش کان پوءِ ڏوهيڙن سان راڳ جي پڏرائي ڪبي .

هلندي هوت پنهوءَ ڏي ڳُهجن ڪي ڪرٽيُون،
پهڻ تنين پٽُ ٿئي، جي لڳ لالڻ لوئيُون،
سپ سهيليون سڪ ڪي، چنجُهون ۽ چوئيون،
پانيڻ ٿيڻ پُرٽيون، تہ ڪتا ڳڻتي ڪيچ جا.

ڪتا ڳڻتي ڪيچ جا، سنڌا جي پنهوءَ
اگهين هوند اُسرئهن، جي جا نازڻ يا پڇين.

داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ کي چٽو ڪري پوءِ وائي ڪبي.

خربي منجهہ خلق، ايا دوستا ا ڏٺ،
آهي عبداللطيف کي .
مدح مون کان نہ ٿئي، سنڌي سور صفتُ،
آهي عبداللطيف کي .
هيبي ڪريان هيچ سين، مطالع محبتُ،
آهي عبداللطيف کي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حُزنُ هوت پنهوءَ جو، رُڳيائي راحت،
آهي عبداللطيف کي .
پريان جي پستان جو، فاتوئي فرحت،
آهي عبداللطيف کي .

راڳ معذوري جو حقابو :وچت پرل : او ميان! لا ورو! ميان ! ميان!
ماترائون: 2+1+2+2+2+2+2+2+1+2. گرامر : ڊير ٽيپ + زبان+ ڊير ٽيپ+ زبان

(١٣) سرود کوهياري: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو چوڏهون راڳ آهي. انهاري جو راڳ آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪماچ ٺاٺ جو راڳ آهي. ڪوهياري ۽ سورٺ راڳ پرديس ۾ يا سفر ۾ شاهه سائين جن ڳائڻ جي اجازت ناهي ڏني. انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين موسمن ۾ رات جا پيهر هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت آهي. شاهه سائين جن جي دؤر ۾ ٻه هي رات وارن راڳن ۾ شامل هو. شاهه سائين جن هن راڳ جي گائڪي انتهائي ڊيمي رکي آهي. ڪوهياري راڳ ويراڳ سنگيت جو انتهائي ڊيمو راڳ آهي.

ڪوهاري راڳ جا وچت پرل آهن: تون ٿي، ميان !
هن سر جي آهنگ کان پوءِ ڏوهيڙن سان راڳ جي پڄاڻي ڪبي.

ليلُ نہ جاڳين، لڪ سين، ڪُلّي نوتر ڪناءِ،
ڦر ٿي پهچ قريب کي، اِجليس تو نہ جڳاءِ،
مُٺي مزمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلاهُ ننڊ ڪناءِ، تي روز رهين ٿي راهه ۾.

ليلُ نہ جاڳين، لڪ سين، شار ستين، سڀ رات،
اوکي اولينڙن جا، ٿي پهه پڇين پريات،
ٿي سگهرِ تن جي ساٿ، تہ پوري ڪنهن پال مڙين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لیلَ نہ جاڳین، سینءَ، ستین، رات سڄي،
ھتان ھوتائین جیرن، ویئُون خرزینون کڄي،
پوري تون نہ پڄي، سبب کنھن ساٿ مڙین.

داستان جي ڏھيڙن سان راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڪبي .

ڳلا ڪاڙ ڪري ، لکئو تان نہ ٽري،
ٻڙيءَ جيڏيون مُنھنجي،   وڃي وڃي شھر پنھور پر،
جو سينگار سريتين، سو مُون ناھہ ڳري،
منھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
جھڙي تھڙي حال سين، وڃان پير پري ،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
جنھن وڻ ھيان ھلئا ، سڄڻ سانگ ڪري،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
لامون تنھن وڻ سنديون، لوڏيان لايان ڳري،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
قضا جا ڪريم جي، ڪنھن تان ڪين ٽري،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
جيڪي لکئو لوح پر، پاڙيان مان پڙي،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .
اديون عبداللطيف چي، شل قادر ڪرم ڪري،
مُنھنجي، وڃي وڃي شھر پنھور پر .

ڪرھياري راڳ جو حقابو، وڄت بول: ترن، ترن ٿي ميان!
ماترائون: 2+2+1+2گرام: خالي + زبان

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي اصولن پٽاندر ڪرھياري راڳ خالي بہ
ڪان زبان تي پورو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(١٥) سرود حسيني : ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو پندرهون راڳ آهي. انهاري جو راڳ آهي. مرآت آفتاب نما ۾ ڄاڻايو ويو آهي، تہ ايراني موسيقي جا ٻارهن مقام آهن. جن ۾ حسيني ٻن شاخن وارو راڳ آهي. جنهن جي پهرين شاخ ۾ ٻہ راڳ آهن. جڏهن تہ ٻي شاخ ۾ اٺ راڳ اٿس. حسيني جي پهرين شاخ جو نالو دوگاهہ آهي ۽ شاخ جو نالو محيَرَ آهي. دوگاهہ جو نوروز عجم سارنگ جي نيم جو راڳ آهي ۽ حسيني خود دو گاهہ جي صورت ۾ شاهہ سائين جن آندو آهي. جڏهن تہ سارنگ خود شاهہ سائين جن جي راڳ ويرڳ ۾ شامل آهي. هن سرود يا راڳ جون پريون وايون. عيدالاضحيٰ ۽ عيدالفطر تي ڪيڏاري کان اول ڳايون ويندڙيون آهن. پٽ شاهہ جي فقيرن جو چوڻ آهي تہ حسيني راڳ جون پريون وايون بيبي صغرا جي وڇوڙي جي ياد تازي ڪن ٿيون. انهاري جي موسم ۾ حسيني هر وقت ڳائجي عام موسمن ۾ هي راڳ اڌ رات کان پوءِ ڳائجي. حسيني جا وچت ٻول آهن. او ارا ورا اوالو اورا!

هن راڳڏاري آلاپ کان پوءِ راڳ جي پڌرائي ڏوهيڙن سان ڪبي.

لڙ نہ لاڙئو ٿئو، ڳهتون ڳرهيون ڇڏ.
لاهہ نہ لڏو لڏِ، تہ ڳاڙهي سڄ ڳالهہ ميڙين.

لڙ نہ لاڙئو ٿئو، هلي ڪر هٿ.
سڄ سامهون منهن ۾، مٿان ڪريين ڪٽ.
سپيريان جي سٿ، ڳاڙهي سڄ ڳالهہ مڙين.

لڙ نہ لاڙئو ٿئو، ٿو چونڊيندي وڃ.
آهي اڄُ اهڃ، هاڙي هلنديڻ جو.

آٿي سڄ آرير ڪي، ڏنائين ڏنگرُ.
سسئي ڪي سيڌ جي، سورن جو سمرُ.
ڪئل ڙکئو ڪرُ، ويچاري وٺڪار تي.

داستان ۾ ڏوهيڙا ڏئي راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هُرندَ ڏنائون، ور جيڏيون! حال منهنجي ههڙو جهڙو!
چڙهي سگهان نه چوٽيون، مارڳ مٿاهُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
ڏکيِ سنڌي ڏيهَ پر، ڏُنگرُو ڏنائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
ريندي کيون وڙن سين، سسئي سُڪائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
ولي پنهوء پاڻ سين، اچان جي آئُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
ڏينديس شاخ سپ کهين، وڻ وڻ وڃائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
هيئڙو ڏندڻ پاڙجن، چکي چنائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
هيئڙو ڏاڙهون، گل جن، ريهي رتائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
هر جي پهڻ پٻ جا، مٿيا مکائُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
هُوِ نِ سلامت سُپرين، گهوري سا آئُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!
پاهُون پيل نه لاهيان، پُنهل کي آئُون،
حالُ منهنجو ههڙو جهڙو!

حسيني راڳ جو حقابو، وچت پول: او او، ووا او اوا ووا.
ماترائون: 2+2+2+2+2+2
گرام: ڏير ٽيپ، زيان، ڏير ٽيپ، زيان.

حسيني راڳ جو هيءُ حقابو ڏسي تخير پر نه پئجو، ڇو ته حسيني جو وايون ڏکهي پڻ واريون آهن. هڪ وقتي ٽيانوي ماترن جي آهي. ان حساب سان شاهه سائين جن هيءُ حقابو تيار ڪيو، جيڪو ڇهن گرامن تي رکيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(١٦) سرود ڪيڏارو: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو سورهون راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ديپڪ راڳ جي ڏيءُ جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل موسيقي ۾ ڪلياڻ ٺاٽ جو راڳ آهي. ڪيڏارو، ڪوڪب، پورب ۽ بلاول جي ميل جو راڳ آهي. ڪيڏارو انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي، محرم ۽ صفر مهينن ۾ به هر وقت ڳائي سگهجي. ٻين موسمن ۾ شام غريبان ويل، سج لهڻ مهل ڳائجي. ڪن استادن هن راڳ جي ڳائڪي جو وقت اڌ رات کان پوءِ ٻڌايو آهي. ڪن استادن رات جو ٻيو پهر ٻڌايو آهي. انهن راڳ جي ڳائڪي جو سائين منظور نقوي صاحب جن ڪيڏاري کي ٺيٺ سنڌي راڳ سڏيو آهي. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ۾ صرف ٻه ڪيڏارا آهن. هڪ شڌ ڪيڏارو ٻيو شيهن ڪيڏارو. هندستاني سنگيت ۾ گهڻن قسمن جا ڪيڏارا آهن. پٽ شاهه تي هي راڳ عيدالاضحيٰ کان شروع ٿيندو آهي، حج وارو مهينو، محرم الحرام ۽ صفر جي ويهين تاريخ تائين يعني امام اعلي مقام جي چهلم تائين هلندو آهي. ان عرصي دوران هر وقت ڳائبو آهي. انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين موسمن ۾ سج لهڻ مهل ڳائجي. ڪيڏاري جا وچت ٻول آهن.

تِرتِر وورها، ها،! ها،! ها.

هن سُرن آلاپڻ کان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ ٻڌرو ڪبو.

ڏٺو محرم ماهه، سنڪر شهزادن ٿئي،
جاڳي هيڪ الله، پاڻ وٺنديون جو ڪري.

ڏٺو محرم ماهه، سنڪر شهزادن ٿيو ،
مڪي مديني ماڙهين، رنو متي راهه،
تنهن واحد کي واهه، جو حڪم هوڙائي ڪري.

محرم موٽي آئيو، آئيا تان نه امام،
مديني جا چام، مولا مون کي ميڙين،

محرم موٽي آئيو، موٽيا تان نه امير،
مديني جا ميڙ، ڏاتر مون ڏيکاريين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ آشڪار ڪري پڻ وڄي ڪبي.

اڄُ ميرَ مومڻِ جا، مدينو ڇڏي هلئا!
مدينو ڇڏي هلئا، سي مدينئون لڏي هلئا!
هئي! هئي! مدينو ڇڏي هلئا!
سڄُ، چنڊُ، مصطفيٰ ڏي، يڪدلِ گڏي هلئا،
هئي! هئي! مدينو ڇڏي هلئا!
هئي هئي! انڌارو ٿئو، لن ري، تارا لڏي هلئا.
هئي! هئي! مدينو ڇڏي هلئا!

راڳ ڪيڏاري جو حقابو. وڄت ٻول: ٿِرِ ٿِرِ وڙهاء، ها، ها، ها.
ماترائون: 2،2،2،2،1،2،1،2،1،2 گرام: گهور +ڏيمر ٽيپ
ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ ۾ ڪيڏارو وچين گرام جي راڳڻ مان آهي.

(١٤) سرود شيئهن ڪيڏارو: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو سترهون راڳ آهي. انهاري جي موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ يا جديد هندستاني ڪلاسيڪل موسيقي ۾ جيڪي ڪيڏارا اچن ٿا. شيئهن ڪيڏارو ٻڻ راڳ ڏاري ڪيڏارو آهي ۽ انهن ڪيڏارن جي پاڳي ۾ اچي ٿو. انهاري جي مند ۾ هر وقت ڳائبي، پين مندن ۾ رات جي ٻئي پهر وارن راڳڻ مان آهي. تنهن ڪري سوا پهر رات ڪان پوءِ ڳائبي هي، ڪيڏارو ڪليان ٺاٺ ۽ بلاول ٺاٺ وارن ڪيڏارن جيان سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو راڳڏاري ڪيڏارو آهي. شيئهن ڪيڏاري جا وڄت ٻول آهن. وروميان الا، توئي تون راه
هن سرن جي ورتن ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪبو.

ايءُ ڪيسرَ جي ڪارِ، جتي هاٿي ڪي هڻ هٿي،
جي ريهين راڳهين ويڙهيو، تيءَ لاتجهو ڪيم نهارِ،
ڪلي وير قرارِ، ري ڪلي ٿيين ڪهڙو،

اي ڪيهر جو ڪمر، جتي هاٿيءَ جو هڏ گهري،
نهوڙي ناڻين سين، ڌماڪيس ڌ دم،
ڪلي رير قدم، ڪرڙي ۾ ڪٽي نهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

کيهر ڪرڙي لڳ ، جو هاٿيءَ جو هڏ گهري،
پسي وڏو جڳ، جنبو جو جهاريين،
ڪيهر قصد ڪباب سين، ميچي مور نه ڪاءِ،
جي سينهان سر لنگهيئين، تون نه لڪ لڪاءِ،
پير تنهين پاءِ، جت ناهه مجال مروننه ڪي .

داستان جي ڏورهيڙن سان راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڪبي.

جَنبو نه جهونجهارُ، سينهن وڏي ست سين،
وَنڪو ويرين وڙهيو، تون هنائي هزارُ،
سينهُن وَڏي ست سين.
ٿُر ڳس نهاري ڳيڙرين، ڪيسرُ ڪِلي ولڙ،
سينهُن وَڏي ست سين.
پاڻ لوچو، عادت نيچي، سينهان ٿئي نه پروار،
سينهُن وَڏي ست سين.
ڏٺي جنهن ڏارت لهي، ڪر ڪيسر جو جهار ،
سينهُن وَڏي ست سين.
اديو عبداللطيف چئي، جاڻي آر نه پار،
سينهُن وَڏي ست سين.

شينهن ڪيڏاري جو حتابو. وچت بول: وو ميان الا، تونئي تون راا!
ماترائون: 2+1+2+1+2.2+2+2+2+1. گرام، گهور+ ڏير گهور.

(١٨) سرود رائو: سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ارڙهون راڳ آهي. سائين منظور نقوي جي راءِ آهي ته رائو هندستاني سنگيت ۾ سنڌوي جي ٿالي سان مشهور آهي. جاتي سنگيت ۾ سنڌوي، پيرون راڳ جي چوٿين رائي جي ٿالي سان مشهور آهي. جاتي سنگيت ۾ چيڙ وارن راڳن ۾ به شامل آهي. سنڌوي سنڌ ملڪ جي ڪري سڏيو وڃي ٿو. منهنجي ذاتي راءِ آهي ته رائو شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي. رائو انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي، پين منڊن ۾ رات جي پوئين پهر ۾ ڳائجي.
رائي جا وچت پول آهن. لو ميان! الو ميان! الا لا لا. لاميان!
هن سرن جي ويراڳي ورلاپ ڪان پوءِ ڏورهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

روھ راڻي جي ناھ ڪي، سوڍو سوڍي،
لنڊاڻا لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ٻي واٽ، ٿئو مڙوٽي مينڌرو ۔

روھ راڻي جي ناھ، ڪو سوڍو سين سوٺهه،
لاٿئين لطيف چئي، مٿان دلين دونهه،
ڪانهي ٻي ورونهه، ٿئو مڙوٽي مينڌرو.

روھ راڻي جي ناھ ڪي، سوڍا ٻيا ٻ سُڃاڻ،
نسرو يا ٻي نينهه جي، ڪسيائين ڪماڻ،
چڏي وڻا چوھ ٻر، دعوئون ديوان،
ٻي رهيائي ڪاڻ، ٿئو مڙوٽي مينڌرو.

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاڻا وڻا پئي،
لوڊيڙن، لطيف چئي، سوڍو ڪيئو سهي،
مومل ماڳ رهي، ٿئو مڙوٽي مينڌرو ۔

ڏرهيڙا ڏيٺي راڳ پڌرو ڪري پرو ڙاڻي ڪبي.

راڻا جي رجهرٽ، مومل سَهي پسندا.
پڙهيا، پڪتِ، پيي، توٽي مير، هميرَ مرندا،
مومل سَهي پسندا.
ڪلمي ساڻ لڏئيين، هادي هن هنڌا،
مومل سَهي پسندا.
سُهُکِي سکرات ڪرين، والي وير واداو،
مومل سَهي پسندا.
اڪِي ويرَ اچيج تون، اُتي احمدا،
مومل سَهي پسندا.
مٿان چڏين مڱئو، مهدا مرشِدا،
مومل سَهي پسندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

كل نفس ذائقة الموت، سچي اڃ صدا
مومل سَهي پَسندا.
اصل لکئو انگ ۾، ٿيندو تان ۾ آدا،
مومل سَهي پَسندا.
ايون عبداللطيف چَئي، فلڻ فضل ڪندا،
مومل سَهي پَسندا.

راڻي راڳ جو حقابو: وچت پول: او ميان! الو ميان! لا لا لا لا، لا ميان.
ماترائون: 2+1+2، 1+2+1+2، 2+2+2+2+2.2+1+2.
گرام: ڏير ٽيپ، زبان، ڏير ٽيپ، زبان.

(١٩) سرود ليلان چنيسر: راڳ ويراڳ جو اٺويهون راڳ آهي. انهاري جي مرسر جو راڳ آهي. هنڊول راڳ جي پانئي ليلاوتي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ هن راڳ کي شامل ناهي ڪيو ويو. پراڻن ڪتابن ۾ ليلاوتي راڳ کي ڏيسڪار، جيت سري ۽ للت جي ميل جو راڳ سڏيو ويو آهي. شاهه سائين جن هن راڳ جو بنياد ليلا چنيسر جي لوڪ داستان تي رکيو آهي.

هيءُ راڳ انهاري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. عام حالتن ۾ شام وارو راڳ آهي.

ليلان چنيسر راڳ جا وچت پول: او يرو، او يرو وو.
هن سرن جي آلاپ کان بعد راڳ جي پڌرائي ڏرهيڻن سان ٿيندي.

مٺيون وجهان مچ ۾، هاٿي هٿان هاڙ،
پري جي پٽاڙ، تہ ميرياڻي مان لهان.

مٺيون وجهان مچ ۾، هاٿي هٿان هاڙ،
سرپي سک سيد چَئي، ڪريين ڪرهه قراڙ،
راڇا ريسائو گهڻ، سٽائو سرداڙ،
چو ڏس چنيسر چار جي، ڏيهان ڏيهه ڏهڪاڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽاڪر اکيين ٽاڙ، مٿيي تي ٿي مٿيين،

چنيسر چوءِ رنگ، ٻه رنگو لوڪ پٺو،
تنهن سين چٺو سنگ، رٺو هار هٽ ڇهين،

داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڪبي،

آءُ پرين! گهر پيهي، ميان چنيسر،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،
پچن ليلا، هُو ڪن حيلا، پهران اڇو پيئي،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،
دوس ٿيلڙون داسڙو، ويساهي ور ويهي،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،
اوڳڻ، عيب، ڪنائيون، ڊولا ڍڪ سپيئي،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،
تو در اچي داسڙا! آر ڪريندي ڪيهي،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،
آيس عبداللطيف چي، دوس تو در پيهي،
هاڻ هتان مون ڇڏيو،

راڳ ليلا چنيسر جو حقابو.
وجت پول: او پيو ،او پيو رو ماترائون: 2+1.2/3, 2+1.2/3+2+2.
گرام: زيان، ڏيرو گهور.

(۴٠) سرود سارنگ: راڳ ويراڳ جو ويهون راڳ آهي. انهاري جو ر اڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ميگهه راڳ جي ٻئي پٽ راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪافي ٺاٺ جو راڳ آهي. سارنگ مارو ۽ ملهار راڳن جي ميل جو راڳ آهي. انهاري جي منڊ ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين منڊن ۾ ٻيپهري جي وقت ڳائبي سارنگ راڳ جا وجت پول آهن : الو پلو ميان! الا لا آ ميان! الا لا لا لا لا آ.
هن سرن ۽ آلاپن ملڻ ڪان پوءِ ڏيهڙا ڏيئي راڳ جي پڌرائي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آگهميو آهي، لکّهه پس لطيف چئي،
الو مينهُن وڏ لڙو، ڪڏيو ڏن ڪاهي،
چن چڙي پٽ پٽ، سمر سنباهي،
وِهو ترَ لاهي، آسرو الله مان.

آگر ڪيا الله، لکّهه پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهه،
واحد وڏا ٿي ڪيا، متي گسن گاهه،
سانگين ورٺا ساهه، الٺ آب اڳوندِ رو.

آگر اي نہ انگ، جهڙو پسڻ پريَ جو،
سيٽن، ريَ سيد چئي، روح نہ رچن رنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوه پر.

ڏوهيڙن سان راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڇيڙبي.

منهنجي سيڏ ساڙ لهندو، مُنکي آهہ اميد الله پر.
سجدي پٺي سپريَ، زاري زور ڪندو،
مُنکي آهہ اميد الله پر.
اُمت ڪارڻ احمد ات، پر ملُ پاڪ پندو،
مُنکي آهہ اُميد الله پر.
صُور ڏکا ٿيندو، اکيرن سڀ سچُ ڪيندو،
مُنکي آهہ اميد الله پر.
ميڙو ٿيندو مومنين، ات محمد مير ملهندو.
مُنکي آهہ اميد الله پر.
نفسا نفسي سيڪو ڪري، داتا در پوڙندو،
مُنکي آهہ اميد الله پر.
مهٺ ڏيندو مولي، ات بديرن بخشائيندو،
مُنکي آهہ اميد الله پر.

سارنگ راڳ جا حتابو: وچت پول: الو پلو ميان، الا لا آ ميان!
ماترائون: 1+2+1+2+1+2+1.2+1+2+2+2+1+2، 2+2+2+2+2+2+2+2.
گرام: ڏير ٽيپ، ڪيتراڳ ٽيپ، زبان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(۲۱) سروڌ هير رانجهو: (مانجهه) ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ايڪيهون راڳ آهي، اتهاري جي منڊ جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ميگهه راڳ جي پلٽي جي ناتي سان مشهور آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪافي ٺاٽ جو راڳ آهي. هي راڳ سورٺ، سارنگ ۽ ملهار راڳن جي ميل جو راڳ آهي. اتهاري جي موسم ۾ هي راڳ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. پين منڊن ۾ ڏينهن جي پوين پهرن جو راڳ آهي. مانجهه راڳ جا وجت ٻول آهن. پيلي دا پيلي، ميان وو اوءِ!
هن سرن جي تال ميل کان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪبو.

رانجهن والا زهر پيالا، ڳجهڙي آيم ياجي،
ماءُ پيءُ ڪنڻ چوري پيتم، ڪيتم روحڙا راضي،
دل دي قضا دلڙي جاني، تون ڪيا جاني قاضي.

سڻ وي سڱ مين سڱ تيڏي، تون سڱ ميڏي دلبر دا،
کاندي طعام سٽيندي لقمان، ڏي تان ٽيوي قوت قبر دا.

درد وندان دي در تي مين، هڪ ڪک ڳلي دا ٽيران،
لڳي واه تي مين اڱ ر ڪي چاهه وچ آپ سٽير ان،
ميڏي محبوب ڪرن آرائيي، او ڦوڪن تي مين جيران.

داستان مان ڏوهيڙا ڏئي راڳ پڌرو ڪري پوءِ وائي ڪبي.

سمجهه نه لايا نيتهُ، ماهي ڙي، مين سمجهه نه لايا نيهُه!
رات اندري حاڪم ڏاڍا، جهڙ ڦڙ وسندا ميتهُ،
ماهي ڙيا مين سمجهه نه لايا نيتهُ!
ڇلان تان ميڻا پچدا چرلا، ولان تان ڌتي تيتهُ!
ماهي ڙيا مين سمجهه نه لايا نيتهُ!
سيني اندر داغ رانجهن دا، پيلي ڳجندا شيتهُ!
ماهي ڙيا مين سمجهه نه لايا نيتهُ!

راڳ مانجهه جو حقايو،
وجت ٻول: پيلي دا پيلي، ميان وو اوءِ! ماترائون: 2+2+2+2+2، 1+2+2، 2+1.
گرام: ڏيم ٽيپ، ڳهور، زبان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا سرءِ وارا راڳ

(۴۴) سرود سري راڳ: راڳ ويراڳ جو ٻارهون راڳ آهي، سرءِ جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ خود مُول راڳ آهي. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ پوربي ٺاٺ جو راڳ آهي، سري راڳ، ڪلياڻ، گجري ۽ ديسڪار راڳڻ جو ميل راڳ آهي، بڌ هنس، تنڪ ۽ گوري راڳڻ جو ٻه ميل راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ چيت ۽ ويساک منڊ جو راڳ آهي، ليڪن راڳ ويراڳ ۾ سرءِ جي منڊ جو مکيہ راڳ آهي. سرءِ جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي، ٻين موسمن ۾ هي شام واري راڳڻ مان آهي، رات جو به ڳائي سگهجي ٿو. سري راڳ جا وچٽ ٻول آهن: او، او، ميان!

سرن ۽ آلاپن جي سنگم ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪيو ويندو.

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چتان ترِ لاهہ چڙ،
انهي جا امن، ڪنڻ تہ خالي نہ ٿيين،

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چتان چڙ ترِ لاهہ ،
پرين اڱيان پاء، پلڪ مگنهار جٺن،

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چت م رکجُ چيت،
سڙهہ ٺڪاري صاف ڪر، صابڻ ساڻ سپيت،
سامونڊي سچيت، ٿي تہ ٻهچين پار کي،

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چٽ ۾ چيتاريج،
ڪڏہ ڪاٿي ڪجھ ڪي، ڪوڙ ترِ ڪمائيج،
وٺج وهائيج ، سپ سوداگر سچ جو ،

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چتان لاهہ ترِ چوڙ،
ڪڏي چڙ تون قلب مان، ماري ڪروڙو ڪروڙ،
هُن پرسندو هوڙ، مثان تو معاف ٿيي،

ماڻ ٻيجنثي سپرين، چيتاريج چٽ،
دڪمان دور ٻيَ ٻ، ٻسين ولاتن وِٽ،
نينهہ نکاري لٽ، ملاح ڳڏ مُعلم سين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڏهيڙا ڏيئي محفل تي راڳ چٽو ڪري پوءِ ويراڳ جي وائي ڪبي.

سهسين شُڪرانا، ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
حمد چئج حڪم کي، جوڙُ هٿي جانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
مٿان مرڌا وساريين، صاحب جي ثنا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
دوست رکي دل پر، پڙهه لائڻ لسانان
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
جفا ڏيئي جن کي، تي فڪر منجهه فنا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
ٿيي توسين توهه ڪري، من آڳو احسانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
ڪڏتون دغا دل مان، پاتهپ سين پاتها،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
صاحب وٺي سچ سين، ٿئ داتهه ديوانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
جي تسليم سين تحقيق هٿا، سي ڪنهه آمانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
جا ڳنا جي جبار لڏ، سيئي سمانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
فاذ ڪروني اذڪر ڪم، ڪهڻو قُرآنا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
واشڪر والي ولا تڪفرون، ڪيُ تون ڪفرانا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.
سپ ستوار يا سپرين، ڪُول تر ڪنا،
ڪروڙين پال ڪريمَ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڳي چنج چاهه سين، مدح اڳ منا،
ڪرڙين پال ڪريتر جا،
تاڻب ٿير تکوا، جو شان ڄرانا،
ڏ ورڙين پال ڪريتر جا،
تہ لهين تون لطيف ڪان، امن ايمانا،
ڪرڙين پال ڪريتر جا،
راڳ سري راڳ جو مقابو: وچت پول آهن: لو، او، ميان!
ماترئون: 2+1.2.2. گرامر: ڏير ٽيپ، گهور، زبان.

(۲۳) سرود سامونڊي : راڳ ويراڳ جو ٽيريهون راڳ آهي. سرءِ جي موسم جو راڳ آهي. سٺائو واءَ ورندو آهي. سفر سولو ٿيندو آهي. جاتي سنگيت ۾ هن راڳ کي ساگر جي ناتي سان لکيو ويو آهي. سري راڳ جي چوٿين پٽ جي ناتي سان مشهور آهي. هندستاني جديد ڪلاسيڪل سنگيت ۾ پوربي ٺاٽ جو راڳ آهي. سامونڊي ۽ ديسي راڳڻ مان آهي. سامونڊي جو ذڪر ڇيڙ وارن راڳن ۾ بہ آهي. سائين منظور نقوي جن سامونڊي راڳ جي جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ شامل ڪيو آهي. اها شاهہ سائين جن سان زيادتي آهي. سرءَ جي موسم ۾ هي راڳ هر وقت ڳائڻ وارن مان آهي. پين منڊن ۾ ٽيهري جو راڳ آهي. هي سمورا راڳ شاهہ سائين جن جي دؤر ۾ رات جو ڳايا ويندا هئا. سامونڊي، سري راڳ جو ميل راڳ آهي. هن سرن ۽ آلاپ جي تال ميل ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڙرو ڪبو.

پڳهہ پاسي گهاءِ، آيل سامونڊين جي،
وڃهي جيءَ جنجار، جڙ وڃئي اوهري،

پڳهہ پاسي پيچ، آيل سامونڊين جي،
من ۾ ڀاري مچ ، جڙ وڃئي اوهري،

پڳهہ پاسي ويهہ، آيل سامونڊين جي ،
تون ويسري وڪ ڪئي، هو پُوريندا پر ڏيهہ،
سمنڊ جن سانيهہ، ڪوهہ تہ ريئين تن سين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن داستان جا ڏوهيڙا ڏيٺي راڳ چٽو ڪري پوءِ ويراڳي فقير وائي ڪندا.

ٽڙ نهاريان ٽي، منهنجا ٻنڌڙ وٽڙا جي،
ماڻ سَڙهه سُڃاڻان سَڄڻين،
ايي اوٺيهه پاٿيان، ڪارڻ وڻجاري،
ماڻ سَڙهه سُڃاڻان سَڄڻين،
گهڻو اڪنڊي آهيان، پريءَ پنهنجي ڪي،
ماڻ سَڙهه سُڃاڻان سَڄڻين،
آساڻتي آهيان، الا ڪانڌ اچي،
ماڻ سَڙهه سُڃاڻان سَڄڻين،

راڳ سامونڊي جو حقابو، وڃت پول آهن او رو، الو!
ماترائون: 2+2، 2+1 گرار: ڌير ٽيپ، گهور.

(۲۴) سرود سهڻي: توڏي راڳ ويراڳ جو چوويهون راڳ آهي، سره جي منڊ جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ مالڪوس راڳ جي ٽين راڻي توڙي جي نالي سان مشهور آهي. ۽ سري راڳ جي چوٿين پاڻتي سهڻي جي نالي سان ٻ سنگيت ۾ موجود آهي. ڇيڙ ولرن راڳن ۾ ٻ سهڻي جي نالي سان مشهور آهي. هندستاني جديد ڪلاسيڪل سنگيت ۾ توڙي ٺاٺ جي نالي سان مشهور آهي. پيروي ٺاٺ ۾ ٻ هڪڙي توڙي جو ذڪر منظور نقوي جن ڏنو آهي. سائين منظور نقوي جن مارو ٺاٺ ۾ ٻ سهڻي راڳ ٻڌايو آهي. سهڻي مارو ٺاٺ جو راڳ آهي. توڏي يا توڙي، آساوري ڏنا سري ۽ ڪٽ راڳ جي ميل جو راڳ آهي. ايشن ٺي ڏنا سري گنڌرا جي ميل جو راڳ ٻ آهي. للت ڏنا سري ۽ ديو گري جي ميل جو راڳ ٻ آهي. پنهنجي ديسي توڙي آهي. ميان تان سين هڪ توڙي ايجاد ڪئي ته اڪبر بادشاهه کيس ميان جو خطاب ڏنو. شاهه سائين جن جون پندرهين توڏيون آهن سرڪار پت ڏٺي ڪي ڪهڙو خطاب ڏجي؟

سهڻي يا توڏي سره جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. پين موسمن ۾ ڏينهن ۽ رات جي پوئين پهرن ۾ ڳائجي. سهڻي جا وڃت پول آهن.
او ميان! الو، ميان ميان!

هن سرن ۽ آلاپ جي سنگم ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏٺي راڳ پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڻُ ٽِڪَ واهڙَ ٽَڪَ، جت نينهه ٽڪ نرالي،
جن کي عشق عميق جو، خلوت خيالي،
واريس سي والي، هيئڙو جني هٿ ڪِئو.

انڌي ٽِڙون، ڪنڌي ٽِڙون، ٽنگڻان لهي نہ ٽڪ،
صورت جا ساهڙ جي، ڏيل پنهنجي ڏڪ،
واهڙو تني وڪ، جن سانپارا سپرين.

واهڙ وهن نوان، ايا وهه اڳي ٿئو،
گهر ويٺيون گهڻا ڪريو، سرتيون سڱ سوان،
صورت جا ساهڙ جي، ساجي ڏٺي اوان،
هوند نہ پلٽو مان، گهڙو سب گهڙا ڪٽي.

جيڏيون ڏٺيانجي، صورت ساهڙ چار جي،
سڱ ٿي ستيون ڪين ڪي، ڪانڌن پاسي ڪي،
مُنهان ٿي آڳي، گهڙو سب گهڙا ڪٽي.

داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڙرو ڪري پوءِ ويراڳي فقير وائي ڪندا.

مدت ٿيُ ميهارا يارا ساهڙا سائر سير پر،
اونهان ڪن، اتانگ تڙ، اولي هڻُ آڏار.
ساهڙ! سائر سير پر.
ڏيهہ ڏهلا ڏمر سين، آهيان آڙنان ڏار،
ساهڙ! سائر سير پر.
آچلِ پانڌيي پارِ ڪري، اُت ايتا آڙ،
ساهڙ! سائر سير پر.
ٻيتي گهڙي سرهٽي، آڳهه ريءِ آڌار،
ساهڙ! سائر سير پر.
ڪاري رات ڪچر گهڙو، ترڏي ڪي ترار.
ساهڙ! سائر سير پر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُنهُنڙو سيڻاهِ سين، سِگهو رَس سَنگهاتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
اورارا آهُون ڪريان، پهچان شال پراتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
سنڌو جهان، جهچي هنئون، سانپارا سنپاتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
آيم ريلي ريءَ سين، الله تو آهاتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
تار ترنديس لڙ لنگهينديس، وينديس وٽ وڃاتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
پورينديس پار مٿي، سهسين جي سنسار،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·
گرلي گهاگهاٽي گهڙي، جگنِ ٿا جاناتِ،
ساهڙ ا سائڙ سير پر ·

راڳ سهڻي جو حقابو. وچت بول: او ميان! الو، مياں، ميان.
ماترائون:2+1+2، 2+1، 2+2+2، 2+1+2. گرامر: ڏير ٽيپ. زبان، گهور.
سهڻي ۽ سري راڳ ساڳي گرامر وارا راڳ آهن، ۽ هڪ ئي موسم جا راڳ آهن. ليڪن ٻنهي راڳن جون پڙرايون الڳ الڳ آهن. ان ڪان سواءِ ديسي توڙي ۽ سهڻي ساڳي راڳ طور شاهه سائين جن آندا آهن. اهو سندن فني ڪمال آهي.

(۲۵) سرود ڪامروڌ: راڳ ويراڳ جو پنجويهون راڳ آهي. ڪامروڌ سرا جو راڳ آهي. جاتي سنگي ۾ ديپڪ راڳ ٻي پٽ راڻي جي نالي سان مشهور آهي. جاتي سنگيت ۾ مالڪوس راڳ جي پاڻتي جي نالي سان ۽ ساڳيو راڳ مليو ٿو. ساڳي سنگيت ۾ ميگهه راڳ جي ٻي ڌي جي نالي سان هي راڳ موجود آهن. چيڙ وارن راڳن ۾ به ڪامروڌ راڳ جو نالو اچي ٿو.
جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڪلياڻ ٺاٺ جو راڳ آهي. سکهرتي ۽ سورٺ جي ميل جوڙ اڳ آهي. شاهه سائين جن هن سرود يا راڳ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بنياد پنهنجي ڏيهي سرن تي رکيو آهي. سروه جي منڊ پر هيءُ راڳ هر وقت ڳائڻ جو راڳ آهي. سرءِ مچيرن جي شڪار جي موسم آهي. ان منڊ پر هي راڳ رنڊ روڪ کان آجو آهي. ٻين منڊن پر ڏيڻا ٻار مهل وڏيڪ رس ڪندو آهي. لڙئي سج جو به ڳائي سگهجي ٿو. ڪن استادن هن راڳ جي ڳائڻ جي مهل رات جو پهريون پهر ٻڌايو آهي.

ڪامرڏ راڳ جا رچت ٻول آهن: او. ميان! ميان!

هن سرتال جي ميل کان پوءِ ڏوهيڙا ڏيڻي راڳ پڌرو ڪبو.

تون سمون، آئون ڳنڌري، مون پر عيبن جوءِ،
پسي راڻن روءِ، متان ماڳر مٿيين.

تون سمون، آئون ڳنڌري، مون پر عيب اپار،
پسي لڱ لغار، متان ماڳر مٿيين.

تون سمون، آئون ڳنڌري، مون پر عيبن ڪوڙ،
پسي ڪکي ڪوڙ، متان ماڳر مٿيين.

تون سمون، آئون ڳنڌري، مون پر عيبن ويهه،
پسي مٽکي ڏي، متان ماڳر مٿيين.

تون سمون آئون ڳنڌري، مون پر عيبن لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر مٿيين.

هن داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ پڌرو ڪري پوءِ ويراڳ جي دڻي ڪبي.

هيري هٽ وڌئين، ريهي سائين ديج پر.
نوازش نوري جي، آهي تماچي تائين.
ريهي سائين ديج پر.
ڳنڌڻي گرشر ڪئي، عطر اوت اوتيائين،
ريهي سائين ديج پر.
انڌا، منڌا آئيا، سڀنا سڏ وڌئين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

ٻسو جوڌ جوان جو، ڪو ھنڌ ڪرڻ منڻيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

قيمت ڪميڻِ سين، جھڙي وٽ وڃيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

پسو جو پيدا ٿئو، جوھري جيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

موتي مچي ھٿ تي، ڪرڏِن جِنُ ڪڍيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

ماڻڪ مياڻي تي، چِلرن جِنُ چِٽيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

ڏيئي سون سوال ۾، رُبي راند ڪيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

ياٿيڻ آئي پاڻ سين، لعلون سڀ لٽيائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

فيروزا فقيرن تان، گھوري سڀ گھوريائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

اتي عبداللطيف چي، اچلي امل ڏنائين،

ويھي سائِيُن وِچ ۾ .

راڳ ڪاموڏ جو حقابو. وچت پول: او ميان! ميان!

ماترائون: 2، 2، 2، 2، 1، 2. گرار: زبان، ڏير ٽيپ، ڏير زبان.

(٣٦) سرود گھاتو: راڳ ويراڳ جو چوڏھون راڳ آھي. گھاتو سُر جي منڊ جو راڳ آھي. ھي راڳ شاھ سائين جن جو تيار ڪيل آھي. گھاتو سنڌي لوڪ داستان موري ميربحر ۽ ماگر مڇ جي جنگ تي ٻڌل آھي. جھڙوڪر ھي ناسرنڌي ڪيڏارو آھي. سنڌي ڪنڊ جي ڪنھن بہ سنگيت ۾ ھن راڳ جو ذڪر ڪو نہ ٿو ملي. سواءِ شاھ سائين جن جي ڪنھن سنگيت ڪار ھن راڳ جو ذڪر ناھي ڪيو. ھي سر جي موسم جو راڳ آھي. سر جي منڊ ۾ ھر وقت ڳائڻ وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راڳ آهي. ٻين منڊن ۾ ساموندي ڪان پوءِ ڳائجي ساموندي مڻين ۽ وچين گرام جو راڳ آهي. جڏهن ته گهاتو راڳ وچين ۽ مٿين گرام جو راڳ آهي. جنهن جا وچت پول آهن: الو، رو رووا!

هن سرن جو آلاپ سان سنگر ڪري، پوءِ داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ محفل تي پڙرو ڪبو.

گهنگهريا گهڻ چاڻ، مُرڙهي مت مهاڻيين،
وڻا گڏجي وير ۾، پڻا مُنهه مهراڻ،
اڳيان پريان ٿاڻ، وڻا ويچارڻ وسري.

ماڪ پڇاين مرلهيا، مٿان رات پئي
اوليون اُجهڻ لڳيون، وڻا ونجهه رهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪرڻ آئيين.

ڪو جو تهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو ٿئي،
خبر ڪو نه ڏئي، ته ريج ڪيهاڙي رنڊيا.

تڪا پوءِ بازار ۾، نه ڪا چلو چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اڪٽ،
سي پڙ پسڻو پٽ، ماڻهو رهن مرٽنا.

هن داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي راڳ محفل تي پڙرو ڪبو. تهان پوءِ وائي ڪبي،

جيڪي جهليا مڇ،

گهاتو گهر نه آئيا.

ڪامي ويو ناڪنا، ڪَرِنو ٻُري تي ٻچ،

گهاتو گهر نه آئيا.

ڪاٿي سنڌين ڪنڌيون؟ ڪاٿي سنڌن ريج،

گهاتو گهر نه آئيا.

ڪڙڪو ڏاڍو ڪنڌ ۾، اٿو اڳيان اچ،

گهاتو گهر نه آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ايرن عبداللطيف چئي، سپ لنگهيندا ڇڇ،
گهاٽو گهرِ ته آئيا.

گهانو راڳ جو حقابو: وچت پول آهن: الو ،وو ووه!
ماترائون : 1+2،2،2+2+1 گرام: گهور، ڏير ٽيپ.

(٢٧) سرود سورٺ: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ستارهون راڳ . سرءَ جي موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ پيرور راڳ جي ٽين پانٽي جي نالي سان مشهور آهي. ٿئين ڪلاسيڪل هندستاني سنگيت ۾ کماچ ٺاٺ جو راڳ آهي. جهونا ڳڙهه جي لوڪ داستان، سورٺ راءِ ڏياچ جي شهرت تي ٻڌل راڳ آهي. چيڙ وارن راڳن ۾ به سورٺ جو ذڪر مليو ٿو. سورٺ بنيادي راڳن مان آهي. گنڌارا، بنگال، سارنگ گهجري ۽ پيري جي ميل جو راڳ آهي. پرديس ۾ يا سفر ۾ شاهه سائين جن هن راڳ جي ڳائڻ جي اجازت ناهي ڏني. سرءَ جي موسم ۾ هي راڳ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جي انتهائي هيٺين گرام وارو راڳ آهي. عام حالتن ۾ هن راڳ جي ڳائڪي جو وقت ڏينهن ۽ رات جو پويون پهر آهي. هن راڳ جا وچت پول آهن: اري وو وو ووه دد وووو، سرن ۽ آلاپ جي ميل ڪان پوءِ ڏوهيڙن سان راڳ جي پڌرائي ڪبي.

الله جي آسَ ڪري ڪلٿو هٿائين،
چارڻ پڌا چنگ ڪي، جُهورا ۽ جهائين،
ڏنلي راهه ڏياچ جي، ڏوران ڏُلائين،
وينتي واحد در، تنهن وير ڪٺائين،
سپاجها سائين، راهه ريجهائين راڳ سين.

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاجڪ اُيو جت، سُرَ جون صدائون ڪٿي.

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آ ٿيو هيُ،
مال نه مڱي مڱڻو، جاجڪ مڱي جيُ،
ورءِ وهلو ٿيُ، ساعت صبر نه سهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر ديسان پنڌ ڪري، هلي آئير هُون،
اونچو تون عرش تي، آن پوئو مٽي پُون،
ڪٿين تسنديون ٿئون؟ هيءَ پر سوالي مڱڻ.

ڏوهيڙا ڏيئي محفل تي راڳ آشڪار ڪري پوءِ ويراڳ جي وائي ڪبي.

ڏئو راھ ڏياچ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو،
چڙهي هلئو هيٺهين، راڻيون پنهنجا راڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو،
آگهيئو در الله جي، ڪورڙين پُٽس ڪاڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو،
ٽڳي وٺو مڱڻي، ڪُهي ساڻ ڪماچ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو،
اديون عبداللطيف چئي، ٿيس ڪر سُڪاڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو،

سورٺ راڳ جو حقابو: وجت ٻول: اري ور ور ورو ور ور ورو!
ماترائون: 1+2+2+2+2+1+2+2+2+1. گرام: زبان.

(٢٨) سر رد جاجڪاٽي: راڳ ويراڳ جو اٺاويهون راڳ آهي. جاجڪاٽي سر، جي موسم جو راڳ آهي. جاجڪاٽي ويراڳي سرن مان تيار ڪيل شاھ سائين جن جو راڳ آهي. وچين گرام جو راڳ آهي. سورٺ ۽ راڻي جي ميل جو راڳ آهي. سر، جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. هيءُ راڳ پيلي جي چار سپڙ رونجهي جي سخا ۽ ساڃهه تي ٻڌل آهي. راڳ جاجڪاٽي جا وجت ٻول آهن: لا ميان ور، ور ور ور الا. هن سرن جي آلاپ سنگت کان پوءِ ڏوهيڙا ڏئي راڳ جي پڙلي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مُرڙهو پورٿين منگتا، ڪيڏانهن هئين ڪال،
لنگها چڙهه لطيف چئي، اُجهڻ جا اڱال،
سپڙ در سوال، ڪر ته قيمت ميڙين.

پارڻ لڳو پند گهڻو، ڪي چورتياڻي چشخ،
هت ڪين هلاشخ، اِتهين آئون نه اچڻو.

اٿيو اَبوجهاڻ، سپڙ جو سڏ ٿيو،
جڻن اُمين ڪيرت ڪٺُ نه سکيا تن، پاڻ ريڪو راهه،
منگڻن مون ملاءِ، آئون ارهان جو آهيان.

ڏات ناهي ذات تي، جو رهي سو لهي،
ري روتجهاڻي راڇين، ايهين ڪير ڪري،
جو رڪ وٽ رات رهي، تنهن کي جُکي جا ڪيتا نه ٿيي.

پرلين پيلي جيوُن، ڪري پاسي پير پٿو،
سڏاڻي سڻن کي، وهاڻي وٿو،
جاڻي ڪين پٿرا سُر سيکٿو ٿي هيڪڙو.

داستان جا ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڙرو ڪري پوءِ ويراڳي ولڻي ڪبي.

پي در ڦڏه تر ڪيڏانهين،
جو ٿون چاتر منگيندين منگتا.
ٿيڙ تر هتيون، ڪنڌ ڪيارڙي، ٿيندي هاڃ هڻائين،
جو ٿون چاتر منگيندين منگتا.
ماڻڪ، موتي، مال خزانا، ڏيندو ساجهر سائين،
جو ٿون چاتر منگيندين منگتا.
وڙجي تون وهاڳ ڪان، متان ڏيين پاهين،
جو ٿون چاتر منگيندين منگتا
در داتا، منگ منگتا، انڌا هرنچ اوڏانهين،
جو ٿون چاتر منگيندين منگتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

إن الله وِتر يُحب الوِترَ، وحدت واڳ وڌئين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
پنهنجي طرف پاڻهين، سائل سڏيائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
جتي جُوانن کي، ڪرڻي ڪليائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
اُتي عشاقن کي، اُمجَ ڏنائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
تنبو ڪڻُ تر تيڏاهين، چيلو آوجيڏاهين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
ڪيرت ڪر قرب سين، خلوت ڪاڄ ڏنائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
الانسان سِري وَ آنا سِرهُ، ان پر اتائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
ڳجهه ڳجهاندر ڳالهيون، راز ذرڪيائين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.
پَسو پينارن جي، پاسي پاڻ وڌيئين،
جو تُون چاڙ مَڱيندين مَڱنا.

جاجڪاڻي راڳ جو حقابو، وچت ٻول: لا ميان وو، وو وو وو الا.

ماترئون: 2+1+2+2، 2+2+1+2. گرام: گهور، زبان.

(۴۹) سرود ڪاپاٽتي: شاهه سائين جي راڳ ويراڳ جو انٽيهون راڳ آهي، سرڻ جي موسم جو انوکو راڳ آهي، سورٺ جو ميل راڳ آهي، هندستاني سنگيت ۾ هن راڳ جو ذڪر ڪونه ٿو ملي. شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي، ڪاتيارين جي ڪم جو راڳ آهي، ٿنن ۽ آتڻ جو راڳ آهي. اِئين ڪتي چنجي ۾ورهيت نارين جي ڪتيل سُٽ جي قيمت جو ڪاٿو آهي. سرڻ جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين منڊن ۾ صبح ۽ شام جي پهرن جو راڳ آهي. سنڌي سرن جي خوبصورت راڳن مان هڪ آهي. ڪاپاٽتي راڳ جا وچت ٻول آهن. ووو ووو ولتي وو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هن سرن جي آلاپ جي آهنگ کان بعد پر راڳ جي پڄاڻي ڏوهيڙا ڏيئي ڪبي.

توڙي تون ڪاتار، جر هيڪلي پيرين!
ڏسي ڪا ڏتار، صراف انهيءَ سٽ پر.

جني پيريو هيڪلو، تني ميڙيو ماءِ!
تنڌ اهڙي ساءِ، سون آڻ هڏ نه آئيو.

جان ڪتين تان ڪٽ، هي هڏ وهائي،
ڪاپاتي سيڪا، ڪتي سيباتي،
چاتر جن چاتي، تن هٿان پهي نه ڇڏي.

هي هڏ وهائي، تون ڪڙهه ڪالوٺي ڏيهه ڪي،
اٿي اوڙ آرٽ سين، ويهه نه ويڳاتي،
ته صراف سياتي، موٽاتي هٿنثي نه منهن تي.

هي هڏ وهائي، جان ڪتين تان ڪٽ،
ڪر پنهنجي لڳ تون، پيري ڪج پرت،
متان روٺين رت، صبح وڃ سر تيين.

ڪتڻ جي ڪاڻ ڪرين، ستي ساهين هڏ،
صبح ايندءِ ارچتي، عيد اڳهاڙن ڳڏ،
جت سرتيون ڪندو سڏ، ات سڪندي سنگار کي.
ڏوهيڙا ڏيئي راڳ محفل تي چانڊوڪي جان چٽر ڪري ويراڳي وڃي ڪبي.

ڪاهيين سين لاءِ
پوري! ڪاهيين سين لاءِ!
ڳنباتي تاڪيد سين، جن پيچايو پاءِ.
پوري! ڪاهيين سين لاءِ!
لسي تند لطيفُ چي، هلي تن هٿاءِ.
پوري! ڪاهيين سين لاءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پُهتُون تن جون، جُهرڪن جهوريون، پُنر اُڏامي وڃ،
پيروي ڪافين سين لاءِ!
اَرت پاسي لرجهرين، تو ڪي سهڻُ آيو ساهُ،
پيروي ڪافين سين لاءِ!
اديون عبداللطيف چئي، روئي ريجهائج راهُ،
پيروي ڪافين سين لاءِ!

ڪاپانتي راڳ جو حقابو ، وجت پول : ووءِ ووءِ وتي واءِ!
ماترائون: 2+1+2+1+2+2+2+1. گرائر: ڏيڍ گهور.

(۳۰) سرود ڪاموڙي: راڳ ويراڳ جو ٽيهون راڳ آهي، سرءَ جي موسم جو راڳ آهي، ڪن فقيرن جو چوڻ آهي، هي راڳ رامڪلي جو ٻيو روپ آهي، شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي، جاتي سنگيت ۾ چيڙ وارن راڳن ۾ جوڳيا جي نالي سان مشهور آهي، جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ هن راڳ جو ڪوئي ذڪر ناهي، سرءَ جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي، هين منڊل ۾ سنجها جو راڳ آهي، ڪاموڙي راڳ جا وجت پول آهن: لا آ، لا! هي سرُ ۽ آلاپ ملائي وڪيري پوءِ راڳ کي پڌرو ڪرڻ لاءِ ڏو ميڙا ڏبا.

ڪاموڙين خلق سين، سُوجهي لڏو سبحان،
عاشق اهڙي آڪرين، لنگهيا لا مڪان،
هوءِ ڳُنجي هوءِ ٿيا، بابو جي بر بيان،
سيوڻي سبحان، آيو نظر انهن کي.

مون سي ڏٺا ماهه، جني ڏٺو پرين کي،
ڪري نه سگهان ڪاهه، تني سندي ڳالڙي،

مون سي ڏٺا ماهه، جني ڏٺو پرين کي،
رهي اڄهي راتڙي، تن جو ڳين سندي جاهه،
تني جي ساڃاهه، ٿُر هر ٿني تار ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويرون پٽ پيٽي، ڪيرون ڪاهوڙن جون،
آئون تن ڏوڻن جي، پچان پير پٽيي،
رهن رات رهي، ڏونگر جن ڏوريا.
ڏوهيڙا ڏٺي محفل تي راڳ روشن ڪري پوءِ ويراڳ جي وٺي ڪبي.

وسائيندي مينهن،
ماڻ ميلان ڪي سجڻين.
آئون ملنديس پرين کي، راتيون ڏوري ڏينهن.
ماڻ ميلان ڪي سجڻين!
مون پرين ميڙيين، روجهڙيون ميڙين مينهن.
ماڻ ميلان ڪي سجڻين!
اکيُن آگر لائيا، ڪر مدائتا مينهن.
ماڻ ميلان ڪي سجڻين!
مادر موٽي نه وهان، مون پريان سي نينهن.
ماڻ ميلان ڪي سجڻين!
اديُون عبداللطيف چئي، ويندس ساڄن سينهن.
ماڻ ميلان ڪي سجڻين!
ڪاهوڙي راڳ جو حتابو، وڄت ٻول: لا آ. لا!
ماترائون: 2+2، 2 . گرار: زبان، ٽيپ.

(۳) سروڌ رام ڪلي: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو ايڪيهون راڳ آهي. سرءِ جي مند جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ ڀيرون راڳ جي ٽين ذيءُ جي نالي سان مشهور آهي. جاتي سنگيت ۾ هنڊول راڳ جي ٻي رائي جي نالي پڻ به هيءُ راڳ اچي ٿو. جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ ڀيرون ٺاٺ جو راڳ آهي. هيءُ راڳ سورٺ سنگهر اپرن ۽ اڏانا جي ميل جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ هن راڳ جو بنياد اوتار رام چندر جي ۽ سيتا ماتا جي داستان تي رکيل آهي. سيتا جيڪا ڪڏهن به ڪلي گل نه ٿي سگهي. جاتي سنگيت ۾ پيرون به ڪليون آهن. شيام ڪلي گڻ ڪلي، گوند ڪلي وغيره رام ڪلي سرءِ جي موسم جو راڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. هي راڳ سرء جي مند ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. ٻين مندن ۾ پهر صبح جو راڳ آهي. ڪن استادن هن راڳ کي رات جي پوئين پهر جو راڳ ڪري ليکيو آهي. ڪن استادن هن راڳ کي سڄ جو راڳ سڏيو آهي. رام ڪيلي جا رچت پول آهن. او ميانا الوميانا هن سُر تال ڪان پوء ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پورو ڪيو ويندو.

نوري ۽ تاري، جوڳيڙا جهان ۾،
ٻيري جن ٻاري، آئون نہ جيندي اُنَ ري.

جوڳيڙا جهان ۾، هٿا منجهہ حماق،
آراما اُ رڱ ٿئا، اوڏا نہ آراق،
ڪيائون تيار، آئون نہ جيندي ان ري.

لڪين هڪٿا لسان سين، لاهوتن لوڙا،
گهوڙ ڙي گهوڙا! آئون نہ جيندي لن ري.

ڳوليان ڳنڍيان، رتا ويراڳي نڪري،
صبحت جا سنديان، آئون نہ جيندي اِن ري.

مرل مٿون پٿيان، نهاريان تيٿان،
سخن جي سندان، آئون نہ جيندي ان ري.

وارو ويراڳن ڪي، ويل ۾ وساريج،
قدم ڪاپڙين جا، ليلائي لهيج،
پيرٽ پسر پٽ جي، وڃڻ ڪي وڃيج،
رات وڏينهہ پڙهيج، آئون نہ جيندي ان ري.

داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي راڳ عالم آ شڪار ڪري تهان پوء ويراڳ جي وائي ڪبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌيانِ سگهڙي ٻالهه ٻجهڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

جا وڃائين جنڙا، نه تنهن نڙ جهڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

مرليءَ کي جنهن مات ڪئو، تل نه تنهن تنبڙي، ·
مون ماريندي ڪڏهين،

تارئو جنهن تروڏيءَ کي، نه سو گهنڊُ نه گهنڊڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

ڏارئو جنهن ڏياچ کي، تند ٿان سا تيڪڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

نه ميري، نه سنڌُ ڪا، نه هند ته ميهڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

ميائيان ملي گهٽو، چوندا جن چڪڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

ونءُ اوناٺي لِ کي، ريهه پر ڪٿ ڪڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

بي خرد بابر سي ٿيا، پُرندي جن ٻڏڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

جا سارافيلّ سبحان جي، تنهن واڪاڻ کهڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

سهسين سرودن کي، پاٺا پيءِ وڃهنڊڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

گهانڊڙ ميرون مرهيا، هي ماٺهر مرهينڊڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

اڏيون عبداللطيف چئي، هيءَ مُنا جيارينڊڙي،
مون ماريندي ڪڏهين،

راڳ رام ڪلي جو حقابو، رچت پول : او ميان! آئو ميان!
ماترائون:2+1، 2+1، 2+1، 2+1. گرام: تيپ، زبان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سال جي چوٿين موسم سياري جا راڳ

(٣٣) سرود بلاول : راڳ ويراڳ جو پنجهون راڳ آهي. سياري جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ هي راڳ هنڊول راڳ جي پٽ راڻي جي نالي سان مشهور آهي. پيرون راڳ جي پٽراڻي جي نالي سان به اچي ٿو.

جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ بلاول ٺاٽ آهي. ڪلياڻ ۽ ڪيڏاري جي ميل جو راڳ آهي. مکيه راڳڻ مان آهي. سياري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. صبح جو اول سج اڀرڻ کان ڳائبو. ڪن استادن هن راڳ کي سوا پهر ڏينهن جو راڳ ليکيو آهي. ڪن استادن بلاول راڳ کي اڌ رات جو راڳ سڏيو آهي. پٽ شاهه تي هي راڳ سرور ڪائنات جي ولادت امامن معصومن جي ولادت ۽ خود پهرين رجب المرجب تي شاهه سائين جن جي ولادت جي ڏينهن ڳايو ويندو آهي. بلاول جا وچت بول آهن. او ميان لا لا لا لا! لا ميان روا! تون الله. هي سر ۽ آلاپ ملائي تهان پوءِ ڏوهيڙا ڏئي ويراڳي فقير راڳ پڙهندا.

وسهه لنهين رهڻ کي جئن دعوت ڪيئي داتا،
تمضف واتا، وجهه تي ڏيئي وات ۾.

ڪڏي ڳهل ڳهرا، صلح ڪر سلطان سين،
ته تون تنهن درا، ڏيهاڙي ڏاڻ لهين.

پيءُ ته کهورا، واڻ اورانگهي اوريان،
وڃان جي وصال کي، سي سڀ اُجورا،
حاصل حضورا، سمي جي سڀ ٿئي.

سما تون سريڻ، ته ته ٻاڳارا پُرس پٺا،
ڳهڻ تنهنجي ڳيڙي، اچي جال جڳت،
جن جيهائي پٽ، تن تيهائي پڪا.

پيرين پيري پج، هي جي منجهان پوريون،
پي در ڪنهن ته وج، ري هاشمي هيڪڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هن داستان مان ڏوهيڙا ڏيئي محفل تي راڳ روشن ڪري پوءِ ويراڳ جي رڪنيءَ ڪبي:

موُن ۾ عيب اپار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
هڪ وڃايم ويسلي، ڇانئي سپ ڇمار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
هن منهنجي حال جي، تو کي سڌ ستار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
اٺ اوڏي نہ ٿيان، نهي ڪيس نڪار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
جيڪي وهي وجود پر، سو ڇانئي ڇانئهار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
ڇڻن سي گل گلاب جا، ڪڙنا ڪنڌهار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،
موُن کي سڪ سيد ڇي، آهي مديني موچار،
آئون طامعُ آهيان ڌُڻهنجي،

بلاول راڳ جو حقابو. وچت پول آهن: لر ميان لا لا لا لا ! لا ميان! تُون الله.
ماترائون: 2+1+2+2+2+2+2+2+1+2..2+2+2+2+2+2+1+2.. ڳراڙ: زبان. گهور. زبان.

(۳۳) سرود رپ: راڳ ويراڳ جو ٽيٽيهون راڳ آهي. رپ سياري جو راڳ آهي. پٽ ڌڻي جن شاهنشاهہ موسيقار هئا. لن وٽس ريشمي رومال جيان مٺ ۾ بند هو. رپ لوڪ ادب جو موضوع هو. جنهن کي پاڻ راڳ ويراڳ ۾ شامل ڪيائون. هن راڳ جو ذڪر ڪنهن بہ سنگيت ۾ ڪو نہ ٿو ملي پٽ شاهہ تي هي؛ راڳ بلاول کان پوءِ ڳايو ويندو آهي سياري جو هي راڳ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي هونئين شام جو ڳائبو لوڪ ادب ۾ جيڪي رپ مشهور آهن. انهن جو هيٺ وچور ڏجي ٿو رپ جي معنيٰ آهي، دشمن کهڙي شيءِ جو ڪهڙو دشمن آهي ڏسو.

1. ٻَهَ، رپ، ٻهہ = ماڪ. ماڪ جو دشمن آهي ”سج“
2. ٽس، رپ. ٽس = رات. رات جو دشمن آهي ”چنڊ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٣. ڦن، رپ، ڦڻ= نانگ، ڦڻ نانگ جو دشمن آهي ”مور“
٤. ست رپ، ست= موتي، موتين جو دشمن آهي ”هنج“
٥. ڦل رپ، ڦ: ڦل= گل جو دشمن آهي ”پونر“
٦. اگ، رپ، اگ =باهه، باهه جو دشمن آهي ”پاڻي“
٧. ديپ، رپ، ديپ =ڏئو ڏيٹي جي لاٽ جو دشمن آهي ”واءُ“
٨. اگر، رپ، اگر= جهڙ، جهڙ جو دشمن آهي ”انڌلٺ“
٩. چن، رپ، چن= چنڊ، چنڊ جو دشمن آهي ”گرهڻ“
١٠. من، رپ، من= دل، دل جو دشمن آهي ”فراق“

شاهه سائين جن محبوب جي ڦوڙائي ۽ فراق تي هي راڳ تيار ڪري، ڪلاسيڪل سنگيت راڳ ويراڳ ۾ شامل ڪيو. راڳ ويراڳ جو هي؛ تمام خوبصورت راڳ آهي. رپ راڳ جا وچت ٻول هي آهن: ميان! آن ميان!
سرن ۽ آلاپ جي ميل ميلاپ بعد ڏوهيڙا ڏئي محفل تي راڳ روشن ڪيو ويندو.

گوندر ڪئو غرقُ، ماءُ منهنجو جندڙو،
ڏکوين مَرڪ، مٿي سگهر پنڌڙو.

گوندر گڏياس، صحت نيڙيم سڄڻين،
مادر مارياس، ڦوڙائي پري جي.

گوندر هٿ نه پيس، ورهه منجهيين وڻئي،
ڪڙهه ۾ قطارون ڪري سورن لايا سير،
مرن جهي گهاري ڪير، هيڪلي ري سڄڻين،

اُلي جڻن سورن، اوير ولهارن ۾،
سا ٻر گوندر ڪن، جُه ڦوڙائو سڄڻين،

لائي جو ونا، سر منجهيين تو مچ ٻري،
سر اُجهامي ڪنا، جنهن سوريندڙ سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کهڻ تہ کچائي، سانڍڻ ستڙا،
ايا تہ آئي، ڏيل منهنجي ڏک سين.

جڻ سو ، ترو، کامي کوري وچ ۾،
مون کي ڏنو سڄڻين، منجهان سک سرو،
ور جهيڻو اڄ پرو، تہ ڦوڙائو سڄڻين.

داستان جي ڏوهيڙن سان راڳ پڙرو ڪري پوء ويراڳ جي وائي چيڙبي.

جو تراڙي ڏڏ.
آسر لاهہ مران جي.
ويهہ داتا جي در تي، لنگها لاهي لڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
اوڙيان اوڙر گهڻو، کهڙا ڪريين سڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
آنگلين کي اوڙ وهي، گندا ڪري گڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
کهڙا جڏ جڏوئيين، جوڙ مٿا جڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
اڳيان عجيبن جي، آهکا پڏڻ مڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
آدم تنائين اُپيو، هر جا کجي منجهان ڪڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.
اوليٰ پر عبداللطيف چئي، سڄڻ ڏيندو سڏ.
آسَرَ لاهِہ مَرانَ جِي.

رب جو حقابو، وچت پول آهن. ميان! آن ميان!
ماترئون: 1+2، 2+1+2، 2+1. گرام : ٽيپ، زبان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(۳۳) سرود پورب: راڳ ويراڳ جو چوٿهون راڳ آهي. پورب سياري جي موسم جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ پورب هنڊول راڳ جي ٽين ڌيءَ جي نالي سان مشهور آهي. ۽ هنڊول راڳ جي پٽني جو نالو به پوربي آهي. پورب جي سڃاڻپ پورب هندستان ڪري آهي. پورب، بياس، ڪانڙي ۽ ڪلياڻ جي ميل جو راڳ آهي.

جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ پورب ياڻ ٺاٽ آهي. سياري جي مند ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. هندستاني سنگيتڪارن هن راڳ کي شام جو راڳ سڏيو آهي. ڀٽ شاهه تي هي راڳ اسر ويل ڳايو ويندو آهي. پورب راڳ جا وچت پول آهن: او ميان لا آ آ لا لا لا لا! وو وو وو!

هن سر تار جي ميل ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏيڻي راڳ جي پڙراتي ڪيي.

ڪري ڪانگ ڪُرڻشن، پيرين پري پڇيءُ،
آئون ڏيٺي سينهن، وچ تہ وساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهہ ڳالهائيج،
ڇڪان ٽن ڇيج، تہ ڪنياتا خوش ٿئين.

اڏر لڳ الله، ويلو ڪر تہ وڃ ۾،
آئون جو ڏيٺي سينهن، سانڍ برابر ساهہ،
سندي ڳجهاندر ڳاهہ، ڪهج نہ قريبن ري.

آءُ اڏامي ڪانگڙا، مٿي لاٿر لطيف چئي،
ويهي هت وصال جو، تان ڪر تڙ تواري،
ڏسڻ ۾ ڏيساري، سي آڏامي آڻ تون .

پارانيان پچار، مٿي لاٿر لطيف چئي،
ڦير تہ فضيلت تون، جا ڪر آرن جي ڪارِ،
جي ڏلي ۾ ڏينار، سي اڏامي آڻ تون.

وَهلو وَڙُ، ورها پرين، آءُ ڪانگا وڻ ويهُه
جني ڏور ڇتاريو ڏيهہ، سي اڏامي آڻ تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هن داستان مان ڏرهيڙا ڏيئي، راڳ کي عالم آشڪار ڪري، پوءِ ويراڳ جي واٽ ڪبي.

سائين ! اسگ سندوم،
ترچهي سين جو ڳيين،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، آديسين اتوم،
ترچهي سين جو ڳيين،
نيئي پورب پار ڏي، ويراڳن وڏوم،
ترچهي سين جو ڳيين،
سوئي تيرٿ تڪنش، سوئي پنڌ سندوم،
ترچهي سين جو ڳيين،
هو جو تيرٿ تڪنش، سامن سُونهاريوم،
ترچهي سين جو ڳيين،

پورب راڳ جو حتابو. وچت پول: او ميان لا آ آ! لا لا لا، وو وو وو!
ماترائون: 2+1+2+2+2+2 .2+2+2 .2+2+2 .2+2+2.
گرام: زبان. گهور. تيپ.

(٣٥) سرود پرياتي: ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جو پنجٽيهون راڳ آهي. سياري جي موسم جو راڳ آهي. جديد ڪلاسيڪل هندستاني سنگيت. توڻي جاتي سنگيت ۾ هن راڳ جو ڪوبه ذڪر ناهي. هيءُ شاهه سائين جن جو تيار ڪيل راڳ آهي. سياري جو راڳ آهي. سياري جي ڊگهي رات کان تنگ ٿي شاهه سائين جن هي راڳ تيار ڪيو. پرياتي مٿين گرامن جو راڳ آهي. الصبوح جو راڳ آهي. سياري جي مند ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. هي آسا جي ميل جو راڳ آهي. وڏن وڏن موسيقارن ۽ ڳزين جو چونڊ آهي. ته ڪوئي شخص ڪنهن راڳ کي پسند ڪري ٿو ۽ اوهين اهو راڳ ان شخص کي ٻڌايو ٿا. ته اهو ان وقت جو راڳ آهي. پرياتي پڻ شاهه تي تيار ڪيل راڳن مان آهي. شاهه سائين جن جي پسند جو راڳ آهي. پرياتي جا وچت پول آهن. الو ميان! تون ئي تون ميان! هن سر تار جي ميل ميلاپ بعد ڏرهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اٿيءَ نہ پاڻان پيرُ، جنھن ڪينڙ ڪيري تنگين،
سونھاري صبوح سين، وجھي ويٺين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻ.

سُتو ڪٿن ننڊون ڪرين، ڙو وھائي روءِ،
سيان سر سنڌوءَ، پٿر ھوندو پٽ پر.

سيراندي ساز ڪٿر، سھين ساري رات،
جاجڪائي ذات، اِيَ ھوءَ آڳھين.

جني سک ناھ ڪر، چارڻ سي چکٻن،
رُڃن راھ پچن، مٿي ڪُلن ڪينرا.

داستان مان ڏوھيڙا ڏيئي، راڳ کي عالم آ شڪار ڪري پوءِ ويراڳ جي وٽي ڪبي.

ڏيئي سان ڏاتار، ٿي مرچاري مڱڻي،
اچي چارڻ چوري، ڪا جا تنڌُ تواز،
ٿي مرچاري مڱڻي،
سا سيباڻي راڄڻي سباجھي ستاز،
ٿي مرچاري مڱڻي،
نياڳن نواز ٿي، للھن نانتا ناز،
ٿي مرچاري مڱڻي،
اچي عبداللطيف چي سمي لڏيس سار
ٿي مرچاري مڱڻي،

راڳ پرياتي جو حقابو، وچت پول آھن: الو ميان! تون ٿي تون ميان!
ماترائون: 1،2،1،2.2،2،2،2،1،2. گرام: ڏير ٽيپ، چيز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(٣٦) سرود ڪارايل: راڳ ويراڳ جو ڇٽيهون راڳ آهي. ڪارايل سياري جو راڳ آهي. جاتي سنگيت ۾ مالڪوس راڳ جي ٽئين پٽ جي نالي سان مشهور آهي. بڊهنس نالو اٿس. بڊهنس ڪاري يا سانوري هنج کي سڏيو ويندو آهي. سفيد هنج کي راج هنس سڏيو ويندو آهي. شاهه سائين جن ان بڊهنس کي ڪارايل سڏيو آهي.

جديد هندستاني ڪلاسيڪل سنگيت ۾ کماچ ٺاٺ جو راڳ آهي. ڪارايل، ماروا، ڏنا سري ۽ سورٺ ميل جور اڳ آهي. سياري جي موسم ۾ هر وقت ڳائڻ وارو راڳ آهي. هين منڊن ۾ ٽيپهري جو ڳائبو. شاهه سائين جن هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو ڪلياڻ ڪان بعد ۾ ٻڌايو آهي. ڪارايل جا وچت ٻول آهن: پالي پلو ميان! ري ري. لا لا لا! آلاپ ۽ سرن جي سنگم ڪان پوءِ ڏوهيڙا ڏيئي راڳ پڌرو ڪبو.

وحدہ وڄي، چڙهندي چيائين،
سوڙُڪ لنگهيائين، جتي پارڪ پڪيا.

ٻگهن سين پاڻُ هٿي، اڏائو آڪاس،
جتي پرين سنداس، سو سرُ مٿي هنجڙو.

اڪڙيون اوڙاهه ۾، اُپو ٿڪي تار،
پڙن جي پاتار، هنج تني جو هيرُئڙن.

وڃي نه پيهي، پڙن لڪ پاتار ۾،
ڪنڏي تي ڪيهي؟ هاڃ تنهنجي هنجڙا.

اونهي ۾ اوڙاهه جي، هنج ٻيٺين هوءِ،
اي ڪاڻرو ڪوءِ، جو ڇاڇڙ ۾ چيرُن ڪري.

ٿئو حضوري هاڻ، سرجها ٻيس سرَ جي،
ڪنڍي لڏي ڪاڻ، پکيڙي پاتار ۾.

اڀو پاڻي لڙ ٿيس، ڪالر رڻو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان مان ڏوھيڙا ڏيئي، راڳ کي عالم آ شڪار ڪري، پوءِ ويراڳي وٺي ڪبي.

ھنجڙا ڌ پسان ھتڙي،

وڻيا آڏامي واھيرن تي،

پکي جي پر ڏيھ جا، ساجھر وڻيا سر تي.

ھنجڙا ڌ پسان ھتڙي.

موتي جَن ماڳن پر، ھو لال لھن اُتڙي.

ھنجڙا ڌ پسان ھتڙي.

جن جو عبد الله سيين، سي ڪيئن رھن ھتڙي.

ھنجڙا ڌ پسان ھتڙي.

اھي عبداللطيف چئي، پاڻان وڻيا پَرَ تي،

ھنجڙا ڌ پسان ھتڙي.

ڪارايل راڳ جو حقايو. وجت پول آھن: پالي پلو ميان! ري ري!لالالا!

ماترائون: 2+2+1+2+1+2، 2+2، 2+2+2+2. گرام: زبان، گهور زبان.

(٣٧) سرود ڏھر: راڳ ويراڳ جو ستٽيھون راڳ آھي. ڏھر سياري جي مند جو راڳ آھي. ھي ڏھر قبيلي جو راڳ آھي. تاريخي طور تي مخدوم حضرت نوح سرور جن جي درگاھ تي سماع ۾ ڳايو ويندو ھو. جنھن کي ڪن استادن ڏھر پڊ لکيو آھي. جيڪو چئن پدن جو شعر ھو. جن ۾ (١) استائي (٢) انترو (٣) پوڳ (٣) ولاس ھئا. ڪن استادن ان کي ڌر پد لکيو آھي. جيڪا صورت خطي جي پل چوڪ آھي. ان سماع واري صورت کي شاھ سائين راڳ جي ڪلاسيڪل شڪل ۾ تيار ڪيو آھي. ڏھر سياري جي موسم ۾ ھر وقت ڳائڻ وارو راڳ آھي. ٻين منڌن ۾ ھن راڳ جي ڳائڪي جو وقت اڌ رات آھي. ڏھر راڳ جا وجت پول آھن: سائين! سائين! الا!

ھن سر تار ملائڻ ٻجھاڻا ڏرھيڙا ڏيئي راڳ جي پڌرائي ڪبي.

ڪرڪي ڳالڙيُون. ڪنڌا ڍور ڏٿين جيُون،

ڪئن سي راتڙيُون. ڪنھن پر ڏينھن گذاريئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪر ڪا ويهي ڳالِ، ڪنڌا ! ڍور ڏٺين جي،
هيڙي اڄ حالِ، ڏکيا ڏينهن گذاريين.

ڪنڌا! تو وڏان، سچ ڪ سيڻن لڌئو،
مير تو مٿان، ڇٽيو پٽون ڇڳا ڪيئو.

جان تو هٿڙو وڏ، ڪنڌا! ڍور ڏٺين جو،
پاٺان ڏيئي ڏڏ، موري مير نه ڪريين.

جان تو هٿڙو سوڙ، ڪنڌا! ڍور ڏٺين جو ،
مٿي لامن پوڙ، موري مير نه ڪريين.

ڪنڌا ٿون ڪيڏو، جڏهن پڙيو ڍور ڙهي،
جُسُرتن جيڏو، تو ڪر ڳڏيو پهيڙڙو.

سچُ ڪ سُڪو ڍورُ، ڪنڌي اڪ ڦلاريا،
جُنگن چِلٺو جور، سرَ سُڪا سُونگي گيا.

داستان مان ڏوهيڙا! ڏيئي پوء ويراڳ جي وٺي ڪبي.

هي سڀ ڦلڻ هارا، ڪرڻ رهندو ڪر هتِ جيڏيرن.

آڏيار رهندا اٿهين، هي سڀ ماڳ مرجهارا!

ڪرڏ رهندو ڪر هتِ، جيڏيُرن!

جن ڪي باشاهيون بلنديون هيون، سي ويا ڇڏي ويچارا،

ڪرڏ رهندو ڪر هتِ، جيڏيُرن!

ڪلُ نفسٍ ذائقةُ الموت، سمجهڻ اهي اشارا،

ڪرڏ رهندو ڪر هتِ، جيڏيُرن!

داڙو دڙي اُٿهين، بخشائيندو بد ڪارا،

ڪرڏ رهندو ڪر هتِ، جيڏيُرن!

الا عبداللطيف چئي، اُت ستر ڪج ستارا،

ڪرڏ رهندو ڪر هتِ، جيڏيُرن!

ڏهر راڳ جو حقابو: وجت پول آهن: سائين! سائين! الو!

ماترائون: 2+2.2+2.2، 1+2. گرام: ٽيپ، زبان، گهور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهه سائين جا همعصر راڳي

(۱) مدن فقير (مدن ڀڳت) مارڳي ڪلاسيڪل راڳ جو ڳائڪ هو. شاهه سائين جن جو همخيال راڳي هو. پنهنجي مڙهي هوندي هيس اتي ڀڳتي ڀڄن شبد ڳائيندو هو. پاڻ شاعر به هو. جيئن بابا گرو نانڪ جن جي دربار تي، ننڪانا صاحب تي اڄ تائين ڀڄن پاٺ ٿيندا ٿا. مدن فقير جي ڳائڻ جو به ساڳيو تيئر نمونو هئو. مارڳي راڳ جو استاد سمجهيو ويندو هو. شاهه سائين جن جي راڳ ويراڳ کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. پٽ شاهه تي پير پيرا ڪندو هو. پنهنجي دؤر ۾ طور جو تمام وڏو ڳائڪ هو. شاهه سائين جن جي همسفر دوستن ۾ گهڻ گهرن مان هو. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.

(۲) گلان فقيرياڻي، بيڪانير جي رهواسڻ هئي، بهترين ڳائڻي به هئي، استاد اٽل خان گراليارِي، جي پاڻهي ۽ شاگردياڻي هئي. تاريخ ۾ ڪيس رقاصا به ڄاڻايو ويو آهي. شهنشاهه اڪبر کان پوءِ راڳ دربار مان ٻاهر نڪري آيا. ان جو ڪارڻ قدرداني نه هجڻ آهي. مٿان وري اورنگ زيب وارو دؤر ته فن جون پاڙون اکيڙي ڇڏيون. جنهن جي ڪري هندستان جا تمام وڏا گويا ۽ ڳائڪ دربار ڇڏي، ننڍن ننڍن راجائن وٽ رهي محفلون ڪندا هئا. يا وري، ڳوٺن، شهرن، ميلن ۾ وڃي ڳائيندا هئا. درباري دان نه ملڻ ڪري بي روزگار ٿي ويا هئا. ان دؤر ۾ شاهه سائين جن جو وڏو نالو هو. جيڪو سنڌ جو وڏو نانڪ ڳائڪ هو. سنڌن نالو ٻڌي گلان فقيرياڻي بيڪانير کان هلي اچي ڀٽ شاهه تي پهتي. شاهه سائين جن جي مريدياڻي ٿي، سنڌ ۾ رهي پيئي پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي سان شادي ڪيائين. گلان فقيرياڻي پنهنجي دؤر جي تمام وڏي ڳائڻي هئي.

(۳) استاد چنچل، بيڪانيري وڏو گزيو هو. ڪن سنگيت نويسن ڪيس چنچل دهلوي ڪري لکيو آهي. چنچل تال به سندس نالي سان مشهور آهي. حقيقت ۾ ته استاد چنچل بيڪانير جو هو. شاهه سائين جن جو ڳائڪي ۾ وڏو نالو ٻڌي ڀٽ شاهه تي اچي پهتو. شاهه سائين جن جو همعصر راڳي هو. هندستاني موسيقي جو استاد هو. شاهه سائين جن جي صحبت نصيب ٿيڻ کان پوءِ سڄي زندگي ڀٽ شاهه تي پيرا ڪندو رهيو. تمام وڏو گويو هو.

(۴) استاد اٽل خان، گراليارِي وڏو گويو هو. هندستاني ڳائڪي جو استاد گزيو هو. گلان فقيرياڻي جو استاد هو. ڪن سنگيت نويسن ڪيس استاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اٽل خان دهلوي لکيو آهي. سنگيت جي ڪتابن ۾ سنڌن نالو ته اچي ٿو، پر ان جو ڪوبه راڳ يا تال نظر مان نه گذريو آهي، پر گلن فقيرياڻي جي صحبت ۽ دعوت تي سنڌ ۾ آيو. تهان پوءِ پٽ شاهه تي بهتر گهڻو وقت شاهه سائين جن جي صحبت ۾ گذاريائين سنڌس آخري ڏينهن جي تاريخ ڪٿي به ڪانه ٿي ملي. شاهه سائين جن جي هر عصر راڳين ۽ گوين مان هو تمام وڏو گويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جا دؤر

شاهه سائين جن جي مبارڪ حياتي جا چاليهه سال راڳ ويراڳ جي سنگيت نامي تيار ڪرڻ، ڳائڻ ۽ فقراهه لطيف جي سکيا تي صرف ٿيا. پاڻ ست سال سير سفر ۾ گذاريائون، ۽ راڳ ويراڳ ساڻن ساٿي هو. پورا ٽيهه سال راڳ ويراڳ سندن حياتي ۾ پٽ شاهه تي هيو. هر جمعي جي رات راڳ ويراڳ لاءِ مخصوص هئي. پاڻ مکيا ويراڳي فقير هئا. وڏي پيار ۽ پاھوڙ مان سکيا جو ڪم ٻه جاري رکيائون. جنهن جو روشن مثال تمر فقير ۽ ٻين فقيرن جي سکيا آهي. جيڪر سندن وصال کان پوءِ راڳ ويراڳ جو مکيو سرواڻ فقير بڻيو. جيڪڏهن ڪنهن جمعي جي رات جو ڪي خاص مهمان ايندا هئا ته سندن وڏو فقير، ميان اسماعيل فقير ڪاھوڙي مکيو ويراڳي فقير طور شاهه سائين جن جي مسند تي ويهي راڳ ويراڳ جي اڳواڻي ڪندو هو. اڪثر ڪري راڳ ويراڳ جا فرائض پاڻ ئي سر انجام ڏيندا هئا. راڳ ويراڳ واري تخليق جهڙو ڪم اولاد وانگي ڪين پياري هئي، فقراهه کي سختي سان تلقين ڪندا هئا، ته راڳ ويراڳ ۾ ڪڏهن به ناغو نه پوي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو راڳ ويراڳ اڄ به ان ئي جوش جذبي، ورونهن ۽ ولولي سان ڳائجي رهيو آهي. شاهه سائين جن وڏا سنگيت ڪار ۽ ڳائڪ هئا. اهو سنگيت نامو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ان جي مطالعي پڄاڻا اوهان چٽي سگهندا، ته سنڌي راڳ ۽ ڳائڪي جو پنهنجو نرالو ۽ منفرد رنگ ۽ ڍنگ آهي. نه صرف راڳ ويراڳ جو ڪلاسيڪل فن جدارو آهي، پر ڪافي ڪلام جي ڳائڪي به درٻاري موسيقي کان جداري آهي.

شاهه سائين جن پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ راڳ ويراڳ جي سکيا جو ڪم وڏي شوق سان سر انجام ڏنو. جنهن جي ڪري ڪيئي ويراڳي فقير سکيا وٺي، استاد بڻجي اڀريا. جن ۾ ميان اسماعيل فقير ڪاھوڙي، تمر فقير ۽ محڪم الدين فقير سيلاني جهڙا استاد راڳي پيدا ٿيا. راڳ ۽ شاهه سائين جن جي سنگيت ڪار شخصيت تي ڪائي تحقيق ناهي ٿي.

ٽن صدين جي ڊگهي عرصي تائين عام ماڻهو ۽ پڙهندڙ توڙي راڳ ويراڳ پڙهندڙ حضرات کان موسيقي وارو پاسو ڳجهو رکيو ويو. ڪافي راڳ کي هندستاني سنگيت جي قالب ۾ ڍالي ڪافي روپ تيار ڪيو ويو. پر ان ۾ ويراڳ واري پڙلاتي سرا چس ۽ رس پيدا نه ٿير. جنهن جي ڪري انهن موسيڪارن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳين راڳ ويراڳ کان استفادو ڪيو. ڪافي سان ڏوهيڙا شامل ڪيا ويا ته ڏهن وجي ڪافي روپ تيار ٿيو.

سنڌ جي سنگيت جي تاريخ ۾ ٻه وڏا نالا اسان کان پري رکيا ويا. هڪ هيو ميان محمد معين ٺٽوي عرف ميان نارو. جيڪو وڏو سنگيت جي جو ڄاڻو استاد هو ۽ پير مُرشد شاهه لطيف . انهن ٻنهي شخصن راڳ ويراڳ جي اها آبياري ڪئي جو ڪاڻن بعد به اهو باغ سر سبز ۽ شاد آباد رهيو. انهن ٻنهي يارن راڳ ويراڳ کي صدين تائين زنده رهڻ ۽ رکڻ جي سگهه بخشي وڏي ڪان وڏي ڳالهه اها آهي، ته ٻنهي يارن راڳ ويراڳ ٻڌندي پنهنجا دم ڏئي حوالي ڪيا. اهوئي وڏي کان وڏو سبب آهي جو راڳ ويراڳ هر سنڌي ماڻهو لاءِ دعا ۽ تبرڪ جو درجو رکي ٿو. تاريخ جي تلخ ترين حالتن ۾ به راڳ ويراڳ ڦرندو ۽ ڦولاربو رهيو. هن وقت راڳ ويراڳ دنيا جي موسيقي جو لازوال حصو بنجي ويو آهي. ان سڄي تاريخي منظر ۽ پس منظر جا رکوال پاڻ هئا ۽ آهن. فقراءَ پٽ شاهه کي به مبارڪ آهي، جن اهو سڄو برڪت ڀريو ماڻڊاڻ جڳ جو تئين قائم رکيو آهي.

شاهه سائين جن پنهنجي دؤر ۾ پاڻ مکيا ويراڳي هئا يا وري ميان اسماعيل فقير ڪاهوڙي مکيو ويراڳي هو. پاسڙين فقيرن ۾ ميان اسماعل فقير ڪاهوڙي، شاهه سائين جن ڪاهڙيو پاسي وارو تيب تار وارو ويراڳي هو. چيڙ واري تار جو پاسڙيو فقير هو ڪلڻ فقير. گهور واري تار جو ويراڳي هو تمر فقير. زبان واري تار جو ويراڳي هو محڪم الدين فقير. اڏڪ وارو وڄتو هو محبت فقير لوڏ يا وري سنڌن فرزند عارب فقير لوڏ اهو دؤر ويراڳي فقيرن جو شاندار ۽ پربهور دؤر هو. شاهه سائين پاڻ سنڌن سرپرست هئا. راڳ ويراڳ جو رچيل ۽ وسيل دؤر هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو ٻيو دؤر

راڳ ويراڳ جو ٻيو دؤر جنهن جو مکيه وراڳي فقير تمر فقير مقرر ٿيو. راڳ ويراڳ جي مسند سنڀالڻ وڏو فني اعزاز هو. جيڪو تمر فقير کي شاه سائين جن کان مليو. هن عظيم اعزاز کي تمر فقير نهايت پيار پاڻ ۽ سنجيدگيءَ سان هلايو. تمر فقير نه صرف پنهنجو دؤر ڳائي وڄائي پورو ڪيو، پر هن درويش پوئين دؤر لاءِ وڏا نامور شاگرد پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي اهو سڄو راڳڏاري فني ۽ فڪري شعبو سنڀاليو ۽ هلايو. تمر فقير جي دؤر ۾ راڳ جا اصول قائم ۽ دائم رهيا. ان سڄي دؤر ۾ راڳ ويراڳ ۾ ڪوبه ناقو نه پيو. ڀٽ شاه تي ويراڳ جون وايون گونجنديون رهيون. تمر فقير کي شاه سائين جن جي ساٿاري محڪم الدين فقير سيلاني جو ساٿ مليو. هن ٻنهي فقيرن پنهنجو شاندار ڪم ڪيو. نوان ويراڳي فقير جيڪي تمر فقير جي شاگرديءَ ۾ آيا، انهن ۾ جانب فقير لوڌ، محمد فقير سوڏڙ، طيب فقير ساماريو جهڙا قابل ڪار ويراڳي ٿي اڀريا. اڏڪ ۽ چرطاق وارن فقير جا نالا نه ملي سگهيا آهن. مکيه فقير جي تاريخ اڄ به ڀٽ شاه جي ويراڳي فقيرن ۽ ڳادي ڌڻين کي برزبان ياد آهي. صدري تاريخ جا اهي باب بيان ڪندي سائين جمن شاه لطيفي جن دري پڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ويراڳي فقيرن ڏانهن ٻني نهاريو، ته اهي فقير به ويراڳين جي تاريخ به عين تئين ئي شد مد سان بيان ڪندا پئي هليا. سرڪار ڀٽ ڌڻيءَ واري دؤر کان وٺي، هن دؤر تائين، فقيرن توڙي سيد خاندان کي برزبان ۽ سينا به سينا، پيڙهي به پيڙهي، سڄي تاريخ ياد آهي. راڳ ويراڳ جي راڳڏاري اصولن ۽ ارڪانن سميت ياد آهي. اهو سڄو خير برڪت جو خزانو سينن ۽ ساڄاهه ۾ درج ٿيل آهي.

تمر فقير شاه سائين جن جي مريدن ۽ خادمن ڏانهن به پيرا ڪندو رهندو هو ۽ راڳ ويراڳ جي تند تراز به هلندي رهندي هئي. تمر فقير اهو شاهانو شاهي خزانو سيدن کي سپرد ڪرڻ لاءِ شاه جمال سائين جن جي فرزند ارجمند، سيد قائم الدين شاه جي سکيا ڪئي. سيد قائم الدين شاه ڀٽ ڌڻي جي بي بها خزاني جي پاڻ وچان خدمت جي ڪنجي سنڀالي ورتي. سيد قائم الدين شاه ويراڳ جو وصالي ينجي وائي جي وراڻين ۾ گر ٿي ويو. راڳڏاري دنيا کي سمجهڻ وارا استاد. اها ڳالهه چڱي ۾ سمجهي سگهن ٿا ته راڳ جي سکيا

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيتري محنت طلب ۽ عرق ريزي واري جفا جو ڪم آهي. سکيا وٺڻ ۽ سکيا ڏيڻ ٻه جدا جدا ڪم آهن. تمر فقير جيتري محنت ڪئي، سيد قائم الدين شاهه ان ڪان وڌيڪ شوق سان سکيا جو ڪم پورو ڪيو. تمر فقير جي غير حاضري ۾ سيد قائم الدين شاهه مکيو ويراڳي طور اهو فرض نڀائيندو رهيو. تمر فقير شاهه سائين جن جو عنايت ڪيل راڳ ويراڳ شاهه سائين جن جي خاندان ڏانهن منتقل ڪيو. سيد قائم الدين شاهه جي شوق ۽ ذوق هٿي وجهي هنڌ ڪيو. پاڻ ويراڳ جي واديءَ ۾ گم ٿي ويا. سڄو هفتو انتظار ۾ گذرندو هو ته، جمعي جي رات استاد تمر فقير سان گڏجي پٽ ڌڻي جي حضور ۾ حاضري ڀرڻ. پٽ شاهه تي جيڪو راڳ ويراڳ هلي رهيو آهي، اهو تمر فقير شاعر به هو ته اعليٰ درجي جو ويراڳي گائڪ به هو. ليڪن پاڻ پٽ ڌڻي جا خدمت گذار ٿي رهيا. اهو سڀ ڪجهه شاهه سائين جن جي فيض فقر جو نتيجو هو. خودي ۽ خدمت ٻه جدا جدا شيوا آهن. تمر فقير خدمت وارو خاصو ڪنيو. جنهن ڪري سنڌ جو هي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ شاد ۽ آباد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو ٽيون دؤر

سيد قائم الدين شاهه وڏل شاهه. جمال سائين ٽيون مکيون ويراڳي پنجي، شاهه سائين جن جي ويراڳ جو مسند نشين ٿيو. سائين قائم الدين شاهه جي دؤر ۾ به گهڻن نون فقير جي سکيا ٿي. ان دؤر جي نون ويراڳي فقيرن ۾ حاڪم شاهه مٽيارن وارو، سيد حسين شاهه ۽ جانو فقير ڏيرو وڏا ويراڳي فقير ٿيا. سائين قائم الدين شاهه پنهنجي گهرت ۽ تمر فقير جي راڳ ويراڳ جو خزانو پٽ شاهه تي خوب ورهايو. حاڪم شاهه ٽيپ واري تار جو ڪاهڙيو ويراڳي هو. سيد قائم الدين شاهه جو، حسين شاهه چيڙ واري تار جو ويراڳي فقير هو. جانو فقير ڏيرو گهور واري تار جو ساجڙيو ويراڳي فقير هو. سيد قائم الدين شاهه سان محمد فقير سروڙي ۽ طيعب ساماڻي جو ساٿ به رهيو پر سيد قائم الدين شاهه پراڻن فقيرن جي اولاد مان وهاب فقير اوڏ جي سکيا ڪئي ۽ کيس پنهنجي پياري پاڻ سيد الله بخش شاهه جو ساٿي بنايو. سائين شاهه جمال جي وصال بعد پاڻ گادي نشين بڻيا. راڳ ويراڳ جي مسند سائين الله بخش شاهه جي حوالي ڪيائون. سيد قائم الدين شاهه وارو دؤر راڳ ويراڳ جو سونهري دؤر هو. نون فقيرن ۾ حاڪم شاهه حسين شاهه. جانو فقير ڏيرو، وهاب فقير اوڏ ۽ سيد الله بخش شاهه جهڙا درويش، پٽ ڌڻي جا ويراڳي فقير بڻيا. سيد قائم الدين شاهه گادي نشين ٿيڻ پڄاڻا به ويراڳ واري وروتهن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو. جو تہ پنهنجي گهرت جي هن الستي آلاپن ۾ جيڪو سرور ۽ ڪيف هو. اهو دنيا داريءَ واري ٺاٺ باٺ کان مٿاهون هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو چوٿون دؤر

سيد الله بخش شاهه ولد شاهه جمال سائين راڳ ويراڳ جو چوٿون مکيه ويراڳي فقير ٿيو. هن بزرگ پنهنجي دؤر ۾ عالم فاضل ويراڳي شامل حال ڪيا. جن ۾ ميان رزاق فقير، وهاب فقير اوڍ، ميان راحب فقير جهڙا عالم ماڻهو شامل ٿيا. تن جا نالا قابل ذڪر آهن. سيد الله بخش شاهه هڪ درويش انسان هو. جنهن وٽ صرف لقر ئي فقر هو. هن درويش سيد زماني جي ڪنهن ڏيک ويک ڏانهن تهاريو ئي ڪين. راڳ ويراڳ صرف جمعي جي رات تي ٿيندو هو. تنهن ڪري هن سيد ٻين راتين ۾ ذڪر تعاليٰ جو ذڪر لڪر شامل ڪيو. مريدي سلسلي کي اڃا به وڌايو راڳ ويراڳ به درگاهه تي هلندو رهيو. هن سيد خاندان ۾ سماع ۽ راڳ ويراڳ جو ٻج ته شاهه ڪريم سائين جن کان وٺي پيل هو، ليڪن پاڻ هيءَ راڳ ويراڳ وارو سلسلو فقيرن حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن جي ڪري سنڌن ۾ پيڙهيون راڳ ويراڳ کان پري ٿي ريون. جنهن جي ڪري سيد جمال شاهه ثاني، سيد قنبر الدين شاهه ثاني، سيد جمال شاهه ثالث راڳ ويراڳ ۾ حصو نه ورتو. سيد الله بخش شاهه پنهنجي والد شاهه جمال سائين جن وانگي پنهنجي اولاد کي راڳ ويراڳ جي سلسلي ۾ شامل نه ڪيو. ليڪن سيد جمال شاهه ثالث پنهنجي فرزند ارجمند سيد لطف علي شاهه کي ويراڳ واري سلسلي ۾ شامل ڪيو. راڳ ويراڳ جڏهن فقيرن حوالي هو ته ڪجهه واري فقيرن به اهو سلسلو اتي جاري رکيو هو . جنهن جي ڪري سائين جمال شاهه ثالث راڳ ويراڳ جي علامه ذاڪر ۽ خليفي هاشم جي مدد سان ترصيف ڪرائي. جنهن جو مطلب اهو هو ته راڳ ويراڳ صرف ڀٽ شاهه تي ٿيڻ گهرجي، جتي شاهه سائين جن پاڻ راڳ ويراڳ کي ڇڏي ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو پنجون دؤر

سيد لطف علي شاهه ولد سيد جمال شاهه ثالث راڳ ويراڳ جو مکيه ويراڳي پنجي. شاهه سائين جن جي مسند ۽ مسلڪ تي ويٺو. لطف علي شاهه راڳ ويراڳ جي سلسلي تي خاص ڌيان ڏنو ۽ فقيرن جي سکيا جو ڪم وڌايو. جنهن جي ڪري لطف علي شاهه واري دؤر کي شاهه سائين جن ۽ تمر فقير واري دؤر سان مشابهه سڏيندا آهن. سيد لطف علي شاهه سان ميان صادق فقير، دلاور فقير، ميان اسماعيل فقير ۽ ٻيا ويراڳي فقير شامل حال هئا. ميان اسماعيل فقير ڪاهوڙي پير. استاد ويراڳين منجهان هو جنهن مراد فقير ٻگهيٽي ۽ محبت فقير لنجوائي جهڙا شاگرد پيدا ڪيا. بهرحال سيد لطف علي شاهه وارو دؤر وڏن راڳين جو دؤر ليکيو وڃي ٿو. سائين لطف علي شاهه سان کاٻي پاسي کان ٽيپ واري تار تي اسماعيل فقير ۽ ڇيڙ واري تار تي دلاور فقير، پاسڙيا ويراڳي هئا. ساڄي پاسي کان ميان صادق فقير اوڏو ۽ ٻيا ويراڳي فقير هئا.

راڳ ويراڳ جو ڇهون دؤر

مراد فقير ٻگهيو راڳ ويراڳ جو ڇهون مکيه ويراڳي فقير هو. مراد فقير اسماعيل فقير جو شاگرد هو. محبت فقير لنجوائي، صاحب ڏنو فقير ماڇي، حسين شاهه ڪبڙي وارو مراد فقير جا پاسڙيا ويراڳي هئا. اهي سمورا فقير سائين لطيف علي شاهه واري دؤر جا تيار ڪيل فقير هئا. مراد فقير جي محنت وڏو رنگ لاتو. ان جي رات ڏينهن جي جاڪوڙ جو اهو نتيجو نڪتو جو لڳ ڀڳ جي رات ٻه راڳ ويراڳ لاءِ مخصوص ٿي. مراد فقير جي سکيا جو پيو اهو مثال قائم ٿيو جو ڪيهر فقير لنجوائي جهڙو وڏو ويراڳي فقير راڳ ويراڳ جي خدمت لاءِ تيار ٿيو. پنهنجي استاد جي هوندي اربعا واري رات جو راڳ ويراڳ جو مکيه ويراڳي بڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو ستون دؤر

ڪيهر فقير لنجوارائي راڳ ويراڳ ستون مکيو ويراڳي ٿيو. هن فقير پٽ ڏاٽي جي فقيرن جي سکيا ڪئي، راڳ ويراڳ کي پنهنجو مقصد بنايو، روح جي راحت بنايو محبت ۽ پيار جو نياءَ ۽ نمرتا جو اهو مانڊاڻ ڏسي سيد علي بخش شاهه عرف علڻ گهوٽ سنڌس رهبريءَ ۾ راڳ ويراڳ جي سکيا ورتي، هاڻي ڪيهر فقير جي محنت ۽ سکيا جو رياض پيش ٿي ويو هو. اربعا جي رات وارن ويراڳين جي سار سنڀال، سکيا جو ڪم وڌارو ٿي ويو. جمعي رات وارا وڏا فقير به سندن سنڀار هيٺ هئا. ان دور ۾ پهرين اربعا جي رات ۽ پوءِ جمعي جي رات واري ويراڳ ۾ سائين علڻ گهوٽ جن حصو ورتو. ڪيهر فقير جي پاسڙين ويراڳين ۾ طيب فقير، دوست محمد فقير وساڻ، علي نواز فقير، خود سائين علڻ گهوٽ جن شامل هئا. ان ئي دؤر ۾ سائين علڻ گهوٽ جن اربعا واري رات جي راڳ ويراڳ جي اڳواڻي سنڀالي ورتي سائين علڻ گهوٽ جن جڏهن راڳ ويراڳ جي اڳواڻي سنڀالي ته ڪيهر فقير جي سر تان ڪجهه بار هلڪو ٿيو ۽ سندن خوشي جي به حد ئي نه رهي جو ته ڪراڙپ ۾ ڪيس ويراڳين جي آلاپن ۽ سرن ۾ هو پنهنجي آواز کي محسوس ڪندو هو. ان ڪان اها به وڌيڪ خوشي ان ڳالهه جي ٿيندي هئس ته هن پنهنجي مرشد سائين علڻ گهوٽ جن جي سکيا ڪري لطيف گهوٽ جون دعائون ڪٺي ورتيون هئائين. ڪيهر فقير لنجوارائي وارو راڳ ويراڳ جو دؤر روشن دؤر هو.

راڳ ويراڳ جو اٺون دؤر

سيد علي بخش عرف علڻ گهوٽ اٺون راڳ ويراڳ جو اڳواڻ ٿيو. سائين علڻ گهوٽ جن جي والد بزرگوار سيد لطف علي شاهه راڳ ويراڳ جو وڏو راڳي هو. پنهنجي دؤر جو مکيو ويراڳي فقير هو. ليڪن سائين علڻ گهوٽ جن ڪيهر فقير جي دؤر ڪان بعد راڳ ويراڳ جي مسند سنڀالي. راڳائي فقيرن جو وڏو لنگ ان دؤر ۾ پيدا ٿيو. اهو دؤر محقق حضرات جو دؤر هو شاهه سائين جن جي رسالي مان ڪيترا سرود ڪڍي، صرف ۽ صرف رسالي کي هڪ شاعر جي شاعري ڪري پيش ڪيو پئي ويو. جڏهن ته شاهه سائين جن جو رسالو پهريان راڳ ويراڳ جو سنگيت نامو آهي، ۽ پوءِ شاعري آهي. هن محقق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حضرات راڳ ويراڳ جي وڏي ترهين پٺي ڪٿي جهڙوڪر من محقق حضرات کي ڪنهن مصلحت تحت حڪم ڏنو ويو هو ته هو شاهه سائين جن جي راڳ ويراڳ جي سنگيت نامي کي ٽوڙي مروڙي ڪنهن هڪ ڌر جي مرضي مطابق صرف ۽ صرف شاعري ڪري پيش ڪن.

شاهه سائين جن جي رسالي کولڻ سان سڀ کان اول اول جنهن شيءِ تي نظر پئي ٿي، اهو هو سرود معنيٰ راڳ ويراڳ ان سرود لفظ کي ڪٿي من محققن سرُ بڻايو. سر معنيٰ راڳ ويراڳ پارٽهن سرن مان هڪ سُر يا آلاپ. ان عرصي ۾ چار پنج نسخا رسالي جا پڌرا ڪيا ويا هر هڪ محقق کي شاهه سائين جن جي راڳ ويراڳ ۽ رسالي مبارڪ جي صحت خراب ڪرڻ جو حڪم صادر ٿيل هو. سو هر هڪ محقق رسالي جي پڙهڻي ترتيب سڏ کي پئي بگاڙيو. هنن پنهنجي مرضيءَ مطابق تخريب جو ڪم. تصحيح جي نالي ۾ جاري رکيو اهو تخريبي عمل اڄ تائين جاري آهي.

سائين علڻ گهوٽ جن وڏي پرڏ باريءَ سان علم ۽ حلم سان انهن مسئلن کي پئي منهن ڏنو. گنج شريف قلمي نسخا سنڀالي رکيا. پاڻ راڳ ويراڳ جي توصيف واري تاريخ تي عمل ڪندي فرمايائون ته راڳ ويراڳ ۾ اهو آهي.

جيڪو پٽ شاهه تي هلي پيو ۽ شاهه سائين جن جو رسالو ۾ اهو مستند آهي. جيڪو راڳ ويراڳ سان ٽڪر ۾ نه هجي. راڳ ويراڳ جي صحت کان هٽيل يا ڪٽيل رسالو. صرف انهن محققن جي بدديانتي ۽ ذهني اختراع سمجهيو وڃي. سائين علڻ گهوٽ جن جو راڳ ويراڳ وارو درو ڏاڍو ڏکيو ڏڌر هو. دل آزاري وارو ڏڌر هو. ويراڳ شڪتيءَ وارو ڏڌر هو. جنهن کي پاڻ اٿل ارادي سان منهن ڏنائون. وڏا وڏا ويراڳي پيدا ڪيائون. پٽ شاهه تي راڳ ويراڳ جي توصيف جو مطلب ڇا آهي؟ راڳ ويراڳ اهو آهي. جيڪو رسالي جي صحت موجب هجي ۽ ويراڳي اصولن تي مبني هجي.

شاهه سائين جن جو جيڪو ڪلام جهر جهنگ ۾ هندستاني سنگيت جي ڇانوَ ۾ ڳايو ٿو وڃي. اهو شاهه سائين جن جو ڪلام ته ضرور آهي، پر اهو راڳ ويراڳ نامي. راڳ ويراڳ جي صحت ۽ سرود کان گهٽيل. هٽيل ۽ ڪٽيل ڪوريه ڇاپي رسالو. شاهه سائين جن جو ڪلام ضرور آهي، ليڪن اهو مستند رسالو نامي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهه سائين جن کان بعد جن بزرگن جي دل آزراي ٿي، انهن ۾ شاهه جمال ثالث ۽ سائين علڻ گهوٽ جن جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن سائين کي وڏيون دلي تڪليفون ڏنيون ويون. سائين علڻ گهوٽ جن جا ساٿاري فقير هئا، راحب فقير پکهير، علي مراد فقير ۽ هاشم فقير سالاري جت جن سائين علي بُخش شاهه سان گڏجي راڳ ويراڳ جو ورد وظيفو جاري رکيو. سائين علڻ گهوٽ جو دؤر سخت ترين دؤر به هو، ته سونهري دؤر به هو. سخت دؤر سندن مخالفن جي ڪري ٿيو ۽ سونهري دؤر سندن خدمتن ۽ اڏول ارادي جي ڪري سمجهيو وڃي ٿو.

راڳ ويراڳ جو نائون دؤر

هي دؤر ابراهيم فقير خاصخيلي جو دؤر ليکيو وڃي ٿو. ابراهيم فقير راڳ ويراڳ مکيه ويراڳي جو فقير هو. جنهن سائين علڻ گهوٽ جن جي مسند سنڀالي هن فقير پنهنجي آل اولاد سميت راڳ ويراڳ جي خدمت ڪئي. سندن وڏو پٽ مولا بخش فقير، ننڍو پٽ محرم فقير، محبت فقير اوڏ ۽ جاني فقير ڏيرو، هن فقير جا پاسڙيا راڳي هئا. اهو دور سائين علڻ گهوٽ جن جي شاگردن جو دؤر ليکيو وڃي ٿو. اهي سڀ فقير، سائين جن جا شاگرد هئا. سائين جن جي شاگردن جو وڏو لنگ پٽ شاهه تي هميشه حاضر هو. جمعي جي رات توڙي اربعا جي رات وارا وڏا وڏا فقير پنهنجي سکيا جي ڪم ۾ مصروف هئا. ان ئي دؤر ۾ سائين غلام شاهه بادشاهه وڏو ويراڳي فقير ٿي اڀريو . ۽ پوءِ راڳ ويراڳ جي مسند سنڀاليائين. پيو به نوجوانن جو وڏو تعداد راڳ ويراڳ جي رياضت ۾ مصروف هو. ابراهيم فقير جي محنت وڏي تعريف لائق آهي. ابراهيم فقير وارو دؤر به روشن دورن مان ليکيو وڃي ٿو.

راڳ ويراڳ جو ڏهون دؤر

سائين غلام شاهه سائين ڏهين دؤر جو مکيه ويراڳي فقير آهي. جنهن شاهه سائين جي راڳ ويراڳ واري مسند سنڀالي، هن سائين به آل اولاد سميت راڳ ويراڳ جي خدمت ڪئي. سندن فرزند ارجمند سائين نور محمد شاهه عرف نورل سائين، سائين مير محمد شاهه معروف ميرل سائين، لائق ذڪر فقير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تمراڻي، جلال فقير لنجراڻي، الهڏايو فقير تمراڻي ۽ محمد فقير سهتو، سائين غلام شاهه جا پاسڙيا ويراڳي فقير هئا. سيد غلام شاهه، پٽ ڌڻي بادشاهه وانگي ڏيهه ٽوٽي پر ڏيهه ۾ راڳ ويراڳ کي ڦهلايو. پاڻ ريڊيو پروگرام ۾ گهڻو حصو ورتائون. شاهه سائين جن جي وقت جا وراڪ گهر گهر گونجندا رهيا. پاڻ راڳ ويراڳ کي ٻاهرين ملڪن ۾ روشناس ڪيائون. تربيت جو مڪتب کولي فقيرن جي سکيا ڪيائون. ويراڳي فقيرن جو تعدا هن دؤر ۾ سون ۾ داخل ٿيو هو. انهن فقيرن جي راڳداري سار سنڀال جو ڪم پاڻ بخوبي نڀايائون. هڪ پاسي راڳ ويراڳ پٽ شاهه تي گونجي رهيو هو، ته ٻئي پاسي نشرياتي ادارن ۾ به راڳ ويراڳ جي ڌوم مچل هئي. جنهن جو مثال اڳ ۾ موجود ناهي.

سائين غلام شاه جن جو دؤر ريڊيو جي نشر اشاعت جي ڪري ۽ پٽ شاهه تي تسلسل جي ڪري دربالا تي ويو. سائين غلام شاهه جن رسيل انب جيان نرم ۽ مٺي طبعيت جا مالڪ به هئا. ته فولاد شڪن شخت طبعيت جا مالڪ به هئا. هُو فقيرن کي پنهنجي اولاد جيان ملائيندا هئا مجال آهي جو ڪير چُون چران ڪري. هر هڪ ويراڳي فقير پاڻ کي سائين غلام شاهه جو لاڏلو فقير سمجهندو هو. ڪوبه ڪنهن سان زيادتي نه ڪندو هو. متان سائين جن جي دل آزاري نه ٿئي، ۽ موٽ ۾ ڪيس سزا نه ڀوڳڻي پوي. سائين غلام شاهه جي دؤر گهڻن فقيرن هجڻ ڪري اڪثريت جو دؤر هو ۽ سائين جن جي رواداري جي ڪري مساواتي دؤر هو. هن دؤر کي پٽ شاهه جا فقير ادب ۽ احترام وارو دؤر سڏين ٿا.

راڳ ويراڳ جو يارهون دؤر

نور محمد شاهه معروف نورل سائين ولد غلام شاهه سائين يارهين مکيه ويراڳي فقير طور راڳ ويراڳ جي پٽ ڌڻيءَ واري مسند تي معمور ٿيا. سائين نورل سائين جن کي پنهنجي استاد ياڻي فقيرن جو وڏو تعداد سات ۾ مليو سون جي تعداد ۾ ويراڳي فقير پٽ تي موجود هئا.

سائن ٽيپ واري تار تي الهڏايو فقير تمراڻي ڪاٻي پاسي جو پاسڙيو ويراڳي فقير هو. چيڙ واري تار تي علي بخش تمراڻي فقير هو. گهور واري تار جو ويراڳي هو علي ڏنو فقير تمراڻي زبان واري تار جو ويراڳي هو. لائق ڏنو فقير تمراڻي، زبان واري تار جو ويراڳي هو. لائق ڏنو فقير تمراڻي، اڏڪ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

رهندو جلال فقير جن شامل هئا. سائين غلام شاهه جي دؤر واتگي هن دؤر کي به وڏي ميجتا ملي. تنهن ڪري هي راڳ ويراڳ جو ميجتا وارو دؤر چئجي. نشر ۽ اشاعت جي حوالي سان هي دؤر سائين غلام شاهه جن واري دؤر کان به اڳتي وڌي ويو. ٻين ملڪن جا دورا به نورل سائين جن ڪيا. راڳ ويراڳ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين وڃي پهتو .تربيت جي ڪم کي سائين نورل سائين جن گهڻو وڌايو.

جيڪڏهن حڪم ٿئي ته سڀ ويراڳي فقير اچن. ته سوين ويراڳي فقير تنبورا کڻي ڀٽ شاهه جي درگاهه تي پهچي وڃن ها. نورل سائين جن جي شاگردن جو تعداد به قريب قريب سائين غلام شاهه جن جي شاگردن برابر هو. فقيرن جي سار سنڀار ۾ به پاڻ نهايت سنجيدا هئا. سائين غلام شاهه جن جي نقش قدم جي پاسداري ڪيائون. نهٺي ۽ نماڻي طبيعت جي ڪري فقيرن جي دلين تي راڄ ڪيائون. بس حڪم جي دير هئي. فقير مٿس اور گهور پيا ٿيندا هئا. نورل سائين جن جو دؤر شاندار دؤر ليکيو وڃي ٿو.

راڳ وير جو ٻارهون دؤر

الهچايو فقير تمراڻي مکيو ويراڳي بڻجي پنهنجي ڏاڏي تمر فقير جن واري مسند ماڻي. الهچائي فقير جو ڀٽ شاهه جو ويراڳي فقيرن ۾ نهايت وڏو نالو آهي . پاڻ سائين غلام شاهه جن سان به ڳايائون ته سائين نورل سائين جن سان به ڳايائون. پوئين چمار ۾ پاڻ مکيا ويراڳي بڻجي راڳ ويراڳ جي خدمت ڪيائون. تمر فقير جن وارو خلافت جو خرقو کين نصيب ٿيو. مرشدن توڙي مريدن ۾ تمام عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا هئا ۽ ادب سان سڏڻ نالو ورتو ويندو هو. ريڊيو ۽ ٽي. وي جو دؤر دورو هو. الهچائي فقير ان وڏي ۽ وسيع جاگرافي تي راڳ ويراڳ جي ڦهلاءُ ۾ ڪاٻ ڪسر ڪانه رهائي. سائن سات ۾ ٽيپ واري پاسي کان علي بخش فقير تمراڻي ۽ غلام محمد فقير شامل هئا. ته گهور واري پاسي کان جلال فقير لنجواڻي ۽ فقير محمد تمراڻي جو سات هو. الهچائي فقير جو دؤر هڪ يادگار دؤر جي نالي سان مشهور دؤر رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

راڳ ويراڳ جو تيرهون دؤر

هن دؤر جو حاضر حال ويراڳ جو مکيو فقير، سرڪار جمن شاھ لطيفي آهي، درويش صفت انسان آهي، سدائين ويراڳي ويس ۾ ملبوس پٽ ڌڻي جن جي روضي ڏانهن مهاڙ ڪيو عجيب عالم ۽ استغراق ۾ ويٺو هوندو آهي، ڪڏهن پٽ شاھ جي ڪوھ واري پاٽاري تي جلوا افروز ٿيو ويٺو هوندو آهي، ته ڪڏهن لنگر خاني جي پرڀرو اندرين مسافرخاني واري پاٽاري تي مريدن ۽ فقراھ جي گول گول دائري ۾ مچ جي پرسان پٽائي سرڪار جو تبرڪ ونڊيندي نظر ايندو آهي. پٽائي سرڪار جا برڪت ڀريا بيت پڙهندو تبرڪ ونڊيندو ويندو آهي. طبعن ڪم گو، زود فهم، ريشم ۽ پٽ کان به نرم مزاج جو محبت ڀريو محبوب انسان آهي. پٽ ڌڻيءَ جي بيتن جو ورد ڪندي، مهراڻ جي موجن کان به وڌيڪ ظرف ۽ فيض جو درياءُ ياسبر آهي. مٿان وري پٽائي سرڪار جي روضي ڏانهن منهن مبارڪ ڪري اللهم صلي علي محمد و آل محمد جا لفظ اچاريندو آهي، ته سراپا دعا ۽ التجا جو مجسمہ بڻجي ويندو آهي. ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ جا هن وقت استاد فقير آهن. هن دؤر ۾ پٽ شاھ تي ڏينهن رات وحدت جي واٽي جو راڳ جاري آهي. انهن سڀني ويراڳي فقيرن جو ساٿي بشير پٽائي سرڪار جي حضور ۾ حاضري ڀريندو آهي.

سنڌن سات ۾ تيپ تار واري پاسي کان پاسڙي ويراڳي اٿس، مير حسن تمرائي فقير، رسول بخش تمرائي فقير ۽ ڪيڙاڳ ٽيپ تار لاءِ محرم تمرائي فقير ۽ گهور واري پاسي کان ساڄريا ويراڳي آهن غلام محمد تمرائي فقير ولد اليچايو تمرائي فقير، طالب حسين تمرائي فقير ۽ آڏڪ جو وڄتو ۽ ويراڳي آهي قادر بخش تمرائي فقير. تمر فقير جي اولاد جي وچ ۾ هي پٽائي زادو ۽ سيد زادو فقير، ظاهر پٽائي جن جو ڏيک ڏيندو آهي. سنڌن نظر داريءَ هيٺ درگاھ جو مستند شاھ سائين جن جو راڳ ويراڳ وارو شاھ جو رسالو ڇپائي جي آخري مرحلي ۾ آهي. پاڻ پٽائي سرڪار جي رسالي جا حافظ آهن. راڳ ويراڳ جا استاد فقير آهن. ويراڳي فقيرن جي سکيا وارو ڪم سنڌن نظرداريءَ هيٺ خوش اسلوبي سان ٿي رهيو آهي. درگاھ تي پهرين جي چند جيان اڌ حلقو ناهي جڏهن ويراڳ ۾ ويهندو آهي ته هم تن ۽ من پاڻ ويراڳ بڻجي ويندو آهي. جنهن ۾ ماڻهو کي ويراڳي فقيرن جو ويس ۽ آييس ڏسڻو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

۽ سندن ديدار کان اڳي مشرف ٿيس ۽ مشاهدو ماڻيم پاڻ علمي ۽ ادبي دنيا جا درياهه آهن. شاهه ڀٽائي فائونڊيشن جي بنياد رکندڙ ميمبرن مان آهن. فائونڊيشن جا مول مٽا ڀڏائيندي پاڻ پنهنجي علم ۽ حلم جا گوهر ونڊيندي نظر ايندا آهن .ڀٽائي سرڪار جي اٿاهه سمونڊ جهڙي گنج مان پاڻ نه صرف پنهنجي اڄ اڃهائي اٽن، پر سڄي سنڌ کي سيراب ڪري رهيا آهن ۽ دنيا ۾ ڪيترن پرڏيهي اسڪالر ۽ سياح رتنانن علمي اڄ اڃهائي ريندا آهن. پاڻ شاهه ڪريم سائين جن ڪان وٺي اڄ اڄوڪي دور تائين. سڄي پنهنجي علمي، ادبي، سماجي ذاتي، ويراڳي ترتي سماع جي تاريخ جا. پنهنجي عالمانا صرف ۽ ظرف ۾ ڇلندڙ سمونڊ آهن. تاريخ جا لفظ سندن عالمانا ادائگي ۽ سان شائستا صورت وٺي سماعتن تائين پهچندا آهن. نه ٻڌڻ وارو سندن منهن مبارڪ مان نظر نه هٽائي سگهندو آهي.

هي اليڪٽريڪل دور آهي. جيڪڏهن ڪا موبائيل ڪال اچي وڃي ته جهڙوڪ ڪر پاڻ ميڊيائي اسٽيج تي ويٺا هجن ڪال اٽينڊ ڪري وٺن سندن گفتگو جو سلسلو وري اتان ئي شروع ٿيندو. راڳ ويراڳ جي هي ۽ تاريخ جيڪا قلمبند ڪري اَيو آهيان. اها سندن ٽن راتين جي ڪچهري جو اخذ ٿيل نتيجو آهي. جنهن کي ڪچهري ۽ جو ثمر يا ڦل چئجي ته وڌيڪ صحيح ٿيندو. سندن ڪشادي دستر خوان تي پٽ ڌڻي جن جي دعا ۽ مهر نظر سان ڪاٻ ڪمي اوهان کي نظر نه ايندي. "وتڻ ڪاڻ ايمان پا" وارو جهان رات ترتي ڏينهن جاري ۽ ساري آهي. هزارن ماڻهن جي آمد ٿيندي آهي ۽ هزارن ماڻهن جي رفتگي به ٿيندي آهي. ڪين آيل مهمانن جو تنگر نياز پوري طرح حيثيت مطابق پيو ملندو رهندو. ڪاٻ ڪوتاهي بفضل لطيف وڪريم جي اوهان کي نظر نه ايندي. مهمان کهڙي به کاٽي تي رهيل هجي. کهڙي پاٿاري تي آرامي هجي. پر ان کي اتي پوري رلت تي گرمان گرم ڪاڏو پيتو پهچايو ويندو. خدمت جو سڄو ڪم اتان جا فقير ئي سرانجام ڏيندا آهن. خاطر تواضع ۾ اوهان کي اوهان جي توقع کان مٿي نظر ايندو.

پٽ ڌڻي جن جنهن رڏٽي کي نعمت خانو سڏيو. اڄ به اسان لاءِ نعمتن جو سرچشمو آهي. هي ناچيز جڏهن به سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. ته خادم ۽ مريدن جي حيثيت ۾ نه پر خاص مهمان جي حيثيت ڏنائون. ڀٽائي گهوٽ جي مريدن جي آئون ڳالهه ڪرڻ پيو ڪريان. آئون سائين جمن سرڪار جن جي ڳالهه پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪريان ته اهي هيترا نه شفيق ۽ مهمان نواز آهن. آئرن ڪين ظاهر پڌائي ڪرڻيندو آهيان. راڳ ويراڳ توڻي استغراق، هي اوصاف منجهن موجود آهن. فيض ۽ فقر جي حالت ان کان علاوه آهي. هن دؤر ۾ مهانگائي سبب غربت ته عام گهرن ۾ هر وقت موجود آهي، ليڪن اها غريبي بربريت جي ڏين آهي، اها غربت فقر ناهي نه وري اها غربت فقيري فيض جي پيدا وار آهي. فاقيري فقر اها شيءِ آهي، جنهن لاءِ روسي فلسفي ۾ چيو ويو آهي ته هر فرد پنهنجي ضرورت آهر، ڪميون کان لوتري پگهار وصول ڪري، جو هو زندگي گذاري سگهي، جنهن زندگي ۾ عياشي شامل نه هجي اهو فاقيري فقر، روسين اسان جي درويش کان اڌارو ورتو هو، جنهن تي هو عمل نه ڪري سگهيا. اسين پٽ ڌڻي جا سچا پرنٽلگ اڄ به ان پنهنجي فيض ۽ برڪت واري فاقيري فقر تي شد مد سان عمل پيرا آهيون، جنهن جو چٽو مثال پڻائي بادشاهه جا درويش فقير ئي آهن. سائين جمن سرڪار جن جو هيءُ ويراڳ وارو دؤر لفظن سان بيان نه ٿو ڪري سگهجي. جتي سڀئي ويراڳي فقير آهن. رات ڏينهن هلندڙ راڳ جو سلسلو آهي سگهيا جو هڪ اعليٰ ادارو، جيڪو نون فقيرن جي رهنمائي ڪري ٿو. ميڊيا جا پروگرام درگاهه جي راڳ ويراڳ کان علاوه آهن. ٻاهرين ملڪن جا دؤرا وري ايا به جدارا آهن. اهو سڄو مانداڻ مچايل پٽ ڌڻي جن جو آهي لڪن هي درويش ان عمل تي عمل پيرا آهن الحمدلله صدالحمد الحمد الحمدلله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

درگاهه ڀٽ شاهه جو بنياد وجهندڙ

ڀٽ ڌڻي بادشاهه جن ڀٽ تي هن درگاهه جو بنياد رکيو، شهر ڀڏو، تن پنهنجي مبارڪ عمر جا ٽيٽيهه سال ڀٽ تي گذاريا. راڳ ويراڳ جو بنياد رکيو، ستيهن راڳن جو سنگيت نامو سنڌ ڌرتيءَ کي ڏنو. جن ڪوٽ حاويلي، مسجد شريف، شاهه حبيب سائين جن جو روضو مبارڪ اڏائي تيار ڪيو. جن زماني جا ڪيئي لاها چاڙها هن سرزمين تي ڏٺا. سندن زندگي مبارڪ جو مختصر احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي. شاهه سائين جن وٽ خادمي مريدي وارو طريقو عام مرشدن وارو ڪرڻ هو. پاڻ تبليغ جا قائل نه هيا. جيڪو وٽن هلي ايندو هو. پاڻ رضا خوشيءَ سان مريد ٿيندو هو ته ان شخص کي مريد بڻائيندا هئا. ماڻهن جي ڪشش جو سبب تنبوري جي تارن مان نڪرندڙ "تون"، "تون ئي تون"، وارا سُر ۽ سندن الستي آلاپ هئا. بانگ ۽ صلات جو سلسلو جيڪو هن وقت تائين هلندڙ آهي، اهوئي دعا ۽ خير جو درياءُ جيڪو پاڻ وهائي ڏنائون، اڄ ۾ اهوئي موج مستيءَ سان روان دوان آهي. پاڻ مريدن کي آڪاسي ويس ڍڪڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪڏهن ۾ ڪين ڪيائون. مريد سندن ويس کي پسند ڪري الفو ۽ ويس پهريندا هئا. ان ڪر لاءِ پاڻ منع ڪانه فرمايائون. آڪاسي ويس خاص ويراڳي فقير پائيندا ۽ پهريندا هئا. ان وقت ۾ به ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهن جا وٽن ميلا هوندا هئا. اهي ئي مارن جا ميلا جهميلا اڄ به ڀٽ شاهه تي موجود آهن. پاڻ سياري جي موسم ۾ مڇ پسند ڪندا هئا. اونهاري جي موسم ۾ هوا دار صحن تي ويهارهندا هئا. ڪڻڪ جي ماني ۽ کير پسند جو تناول هو.

دعا ويل حبيبن جو هٿ هيجي، ڪريمن جو قرب هيجي يا هجيڙ استعمال ڪندا هئا. رڳو جمعي جي رات خاص عبادت جي رات هئي. جمعي جي رات راڳ ويراڳ عبادت جو حصو هئا. پاڻ جمعي جي رات راڳ ويراڳ ٻڌندي هن دنيا جهان کي خير آباد چيائون راڳ ويراڳ ۽ مارن جا ميلا جهميلا انشاءالله اڳتي به دائم ۽ قائم رهندا آمين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سائين سرمد چانڊيو سنڌي شاعريءَ خاص طرح گيت جو بنهه وڏو ۽ معتبر شاعر آهي. شاعر سان گڏوگڏ هڪ عالم ۽ اسڪالر پڻ آهي. جيڪو علم جي مختلف شعبن تي ويچاريندو ۽ خيال پيش ڪندو رهي ٿو. سائين سرمد يوناني فلسفين وانگي روبرو علمي ادبي گفتگو پڻ ڪندو آيو آهي ۽ هڪ ذميوار شاعر ۽ عالم وانگي پنهنجن خيالن کي پڻ قلمبند ڪندو آيو آهي. هن تحقيق جي ميدان ۾ ڪيترائي اهم ڪم ڪيا آهن. علم جي بنجر زمينن کي کيڙي، انهن کي زرخيز بڻائڻ جهڙي جوکم ڀريي ڪم ڪرڻ مان کيس لطف ملندو آهي. ڇند وديا جو موضوع بنهه گهڻ بحث هيٺ آيل آهي. تازو ئي هن موضوع تي هڪ ڪتاب اسان کي ڏنو آهي.

هيءَ تحقيقي ڪم شاهه جو موسيقيءَ جي باري ۾ آهي. مون کي راڳ جي ڪا خبر ناهي، پر هيءَ مسودو پڙهي گهڻ ۾ گهڻ "انڊيجينئس ميوزڪ" جي باري ۾ مون بنيادي ڄاڻ پرائي آهي. هن ڪتاب ۾ لطيف هڪ شاعر نه، پر موسيقار جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته هن ساز پڻ ايجاد ڪيا ۽ مقامي راڳڻيون پڻ ايجاد ڪيون. ان حوالي سان سائين سرمد مسودي کي مستند بڻائڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي آهي. مون کي پوري پڪ آهي ته راڳ ۽ خاص طرح مقامي راڳ جي ڏس ۾ هيءَ ڪتاب هڪ نئين باب جو آغاز ثابت ٿيندو.

علي آڪاش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book